سنڌ جون لوڪ آکاڻيون

(SindhFolk Tales)

ليکڪ:

ڪنڪيڊ

ترجمو:

خانم خديجه داؤدپوٽو



سنڌي ادبي بورڊ

جامشورو/حيدرآباد سنڌ

چاپو پهريون	۱۹۸۵ع	تعداد ۲۰۰۰
چاپو ٻيو	۱۹۹۳ع	تعداد ۲۰۰۰

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

[قيمت : پنجاهه روپيا]
[Price Rs: 50-00]

ملڻ جو هنڌ :

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
تلڪ چاڑهي، حيدرآباد سنڌ.
(جي • پي • او باڪس نمبر ۱۲)

Sindh Joon Loak Akhanyoon (Sindh Folk Tales).
Written by: Kincaid
Translated From English into Sindhi by: Khanum Khadija Daud pota.
Published by: Sindhi Adabi Board, Hyderabad Sindh, Pakistan.
G.P.O. Box No: 12

First Edition, 1985. 2nd, Edition 1993.

هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس جام شورو، سنڌ ۾ مئنيجر جاويد مرزا ڇپيو ۽ شمشير الحيدري سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

فهرست

● ناشر طرفان

● مصنف جي باري ۾ احوال

۰۱ سسئي ۽ پنهون ۱

۰۲ عمر ۽ ماروئي ۱۴

۰۳ مومل ۽ راڻو ۲۱

۰۴ راجبالا ۴۰

۰۵ دودو ۽ چنيسر ۵۰

۰۶ نوري ۽ جام تماچي ۶۳

۰۷ راءِ ڊياچ ۽ بيجل ۶۶

۰۸ هير ۽ رانجهو ۷۵

۰۹ بيرسنگ ۽ سُندر ڀائي ۸۵

۰۱۰ ڪامسين ۽ ڪامروپ ۹۷

۰۱۱ سيف الملوڪ ۱۱۷

۰۱۲ سهڻي ۽ ميهوال ۱۳۹

۰۱۳ شهزاد و امل ماڻڪ ۽ شهزادي حسيني ۱۴۷

۰۱۴ ڪوُرو ۽ چنيسر ۱۶۳

ناشر پاران

پيشڪش

"سنڌ جون لوڪ آڪاڻيون" نالي سان هن ڪتاب ۾ سهيڙيل گهڻيون آڪاڻيون جيتوڻيڪ "لوڪ آڪاڻيءَ" جي هاڻوڪيءَ فني وصف هيٺ نٿيون اچن، پر جيئن تہ اُهي گهڻو اڳ انگريزن جي صاحبيءَ واري وقت ۾ ڪٿيون ڪيل آهن، ۽ اُنهيءَ دور جي هڪ اهڙي باذوق عملدار جون قلمبند ڪيل آهن، جنهن "لوڪ پسند" کي معيار بنائي، هن ڏس ۾ بنيادي قدم کنيو هو، تنهنڪري هن ڪتاب جي اهميت انفرادي آهي.

"راجبالا"، "بيرسنگ ۽ سندر بائي"، "ڪامسين ۽ ڪامروپ"، "سيف الملوڪ" ۽ "شهزادو امل ماڻڪ" ۽ "شهزادي حسيني"۔ اهي لوڪ آڪاڻيون آهن، جن مان "سيف الملوڪ" آڪاڻي غيرمڪاني هوندي به سنڌ ۾ آڳاٽي رائج آهي، جيئن هن ڪتاب مان معلوم ٿئي ٿو، ڇاڪاڻ تہ لوڪ ڪٿائون ملڪان ملڪ سفر ڪن ٿيون.

سنڌ جي رزمي داستان "دودو چنيسر" ۽ پنجاب جي عشقي داستان "هير رانجهو" کان سواءِ، باقي سڀ آڪاڻيون دراصل سنڌ جا "نيم تاريخي داستان" آهن، جن کي اسانجن ڪلاسيڪي شاعرن ڳايو وڄايو آهي، ۽ اُهي "شاهہ جي سورمين"

سڀ سري هيٺ ڪئين ڪتابن ۾ قلمبند ٿي چڪا آهن. پر هن ڪتاب ۾ آنهن مڙني داستانن جي بيان جو انداز الڳ آهي، تنهنڪري آنهيءَ ساڳيءَ جنس کي پڙهندڙن اڳيان پيش ڪرڻ لاءِ اسان وٽ جوکو جواز آهي.

ڪتاب اصل انگريزيءَ ۾ لکيو ويو، جنهن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو اسان جي احترام لائق سائٽ، بيگم خديجه دائودپوٽو ڪيو آهي. اميد ته اسان جي هيءَ پيشڪش قدر جي نگاهه سان ڏٺي ويندي.

شمشيرالحيدري

۸-۶-۱۹۹۳ع

مصنف جي باري ۾ احوال

سندس ڪتاب "Forty Four Years–A Public Servant" تان ورتل.

سي. آءِ. ڪنگيڊ، بنيادي طرح آئرلينڊ جي مشهور ڪنگيڊ گهراڻي سان تعلق رکي ٿو، پر انڊيا سان ۽ سندس رشتو نڪون نہ آهي. سندس پڙڏاڏو، ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ۾ آرمي آفيسر هو. جڏهن تہ سندس پيءُ به مدراس آرميءَ ۾ آفيسر ٿي پرتي ٿيو ۽ ۱۸۴۹ع ۾ انگلنڈ کان انڊيا آيو.

ڪجهہ وقت لاءِ آئرش ملٽريءَ ۾ ڪئپٽن جي عهدي تي فائز رهيو ۽ وري پيهر انڊيا ۾، بائونڊري آفيسر جي حيثيت سان آيو ۽ ۱۸۸۷ع ۾ انڊيا ۾ ئي هڪ اعليٰ عهدي تان رٽائر ٿيو ۽ پنهنجي رٽائرمينٽ وقت پوپال ۾ ئي مقيم هو.

اهڙيءَ طرح سندس ماڻ جو ڪٽنب بہ هندستان سان وابستہ هو. سندس ماڻ جي چاچي جنرل الينگزنڈر ۽ سندس ٽن ڏين کي بلوي دوران اتي قتل ڪيو ويو، سندس ڏين جا لاش ناناصاحب جي فسادين ڪانپور جي هڪ کوهہ ۾ اڇلايا هئا.

سي. آءِ. ڪنگيڊ پاڻ بہ هندستان ۾ جائو ۽ پهريان ڏهہ سال اتي ئي نهنو، ان کان پوءِ ڇهہ سال ڏاڏيءَ سان Dublin ۾ رهيو، ڇهہ مهينا پنهنجن مائٽن سان الليءَ ۾ هو، پن سالن لاءِ پئرس جي هڪ اسڪول ۾ داخل ٿيو، پنج سال انگلنڈ ۾ رهيو، ۽ سال Crammer ۾، ۽ ٻہ سال آڪسفورڊ ۾.

آڪسفورڊ ۾ پڙهائيءَ دوران هن مرهٽي پڻ سکي. ۱۸۸۹ع ۾، انڊين سول سروس ۾ پروبيشنر جي حيثيت سان داخل ٿيو، ۱۸۹۱ع ۾ هندستان آيو، بمبئي ۾ پهچڻ کان پوءِ ڪيس سنڊ ڪمشنر ڪيمپ لاءِ ڪراچي موڪليو ويو.

هت کيس لوئر ڊپارٽمينٽل اسٽينڊرڊ جو امتحان پڻ پاس ڪرڻو هو، جنهن ۾ سنڌي هوليءَ جو امتحان پڻ شامل هو. ۽ پيرا هي سنڌيءَ جي امتحان ۾ ناڪام ٿيو، پر ٽيون پيرو مان شان سان ڪامياب ٿيو، ۽ انهيءَ ڪان پوءِ ئي ڪيس، ان وقت جي سڪر ڪليڪٽوريٽ ۾ ميهڙ ۾ اسسٽنٽ ڪليڪٽر جي خودمختيار پوسٽ ۽ سيڪنڈ ڪلاس سب ڊويزنل مئجسٽريٽ جا اختيارات مليا. ۱۹۱۸ع ۾ سنڌ ۾ ائڊيشنل جوڊيشل ڪمشنر پڻ مقرر ٿيو ۽ ٻن ٽن سالن ڪان پوءِ جوڊيشل ڪمشنر سنڌ جي چارج اچي سنياليائين.

گورنمينٽ آف بمبئي ۾ سيڪريٽري جي حيثيت سان پڻ رهيو، ان ڪان سواءِ پونا، ساترا، ڪاٺياواڙ، ناسڪ، بمبئي، جربرگ ۽ برن ۾ مختلف وڏن سرڪاري عهدن تي فائز رهيو. ۽ آخر ۾ برن Berne مان ڪائونسليٽ جي عهدي تان ۱۹۳۳ع ۾ سرڪاري نوڪريءَ جا چوئيتاليهه سال پورا ڪري رٽائر ڪيو.

سرڪاري نوڪريءَ دوران مختلف جاين تي رهڻ دوران هن انهن ماڻهن جي سماجي ۽ ثقافتي زندگيءَ جو گهرو مشاهدو ۽ مطالعو پڻ ڪيو، ۽ انهن کي ماڻيي وقت قلمبند پڻ ڪيو. سندس ڪجهه ڪتاب هن ريت آهن:

ٽن جلدن ۾ مرهٽن جي تاريخ.

1. History of Marhatha People.
2. Our Parsi Friends.
3. The Hindu Gods, how to recognise them.
4. Shri Krishna of Dwarka.
5. Teachers of India.
6. The Anchorite.
7. The Indian Heroes.
8. Tales from Indian Epics.
9. Deccan Nursery Tales.

10. The Tales of Tulsi Plant.
11. Tales of old Sind.
12. Folk tales of Sind and Gujarat.
13. Forty Four Years A Public Servant. Etc.

هن پنهنجي نوڪريءَ دوران گذاريل زندگيءَ جي باري ۾ سمورو احوال، فارڻي فور ايئرس آي پبلڪ سرونٽ ۾ درج ڪيو آهي.

سنڌ ۾ نوڪريءَ دوران هن، هتان جو قديم ورثو "سنڌ جون لوڪ آکاڻيون" ٻڌ سانڊڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن جو سنڌي ترجمو اوهان جي هٿن ۾ آهي.

---

۱. سسئي ۽ پنهون

جنهن زماني ۾ راجا دلوراءِ سنڌ تي راڄ ڪندو هو، تن ڏينهن ۾ نائونءَ نالي هڪ برهمڻ سندس وزير هوندو هو. هن برهمڻ وٽ وڏو خزانو هو ۽ هيرن جواهرن جو مالڪ هو، پر هو اولاد جهڙي نعمت کان بلڪل محروم هو. هن جيتوڻيڪ هزارين روپيا جوڳين ۽ سنياسين تي خرچ ڪيا، مگر تنهن هوندي به پاڻ ۽ سندس زال بي اولادي ۽ ڏکي رهيا. هڪڙي ڏينهن، وزير جي زال کي ڪنهن نجوميءَ جي خبر پئي جو نه فقط هندي علم جو ڄاڻو هو، مگر يوناني حڪمت ۽ ٻين علمن کان به چڱيءَ ريت واقف هو. هن ڪيي اولاد جي هيڪر وري اچي آس ٿي، سو مڙس کي چوڻ لڳي تہ "اولاد کان سواءِ زندگي اهڙي آهي، جهڙي تارن کان سواءِ رات. بهتر آهي تہ سفر ڪري هلي انهيءَ نجوميءَ کان ڏس پتو پڇون، چوتہ هن جي ڏاهپ جي واکاڻ هر ڪنهن جي وات آهي". برهمڻ ٿوري دل هٽ کان پوءِ ڪالهه مڃي ۽ دولت جا انبار ساڻ ڪري زال سميت نجوميءَ جي آستان ڏانهن روانو ٿيو.

جوتشي جڏهن برهمڻ ۽ سندس زال کي ايندو ڏٺو، تڏهن اُٺي هنن کي ڪيڪاري پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ وٺي ويو ۽ ڪائنس حال احوال ورتائين. برهمڻ هٿ ٻڌي هن جي پيرن تي ڪري چوڻ لڳو تہ: "اي ڳڀوان جا پيارا! ڏٺيءَ کان اسان لاءِ دعا گهٽ تہ اسان کي ڪو اولاد ٿئي، چاکاڻ تہ اولاد کان سواءِ اسان جي حياتي ويڳاڻي ۽ ڪڙي ٿي پئي آهي". جوتشيءَ ڪافي سوچ ويچار کان پوءِ ڏاري جي ڏهلي ڪنڌي ۽ ڏارو وڌائين. انگ وجهڻ کان پوءِ جادوءَ جي هڪ آرسي ڪڍي آيو ۽ ان ۾ ڏسي چوڻ لڳو تہ: "مون کي مشتري

مريخ جي ويجهو ٿو ڏسجي، جنهن مان معلوم ٿو ٿئي ته ڏاڍي توهان کي نياڻي عطا ڪندو، مگر هن جو لکيو مسلمان سان ٿيندو". اهو حال ٻڌي، ٻڌي برهمڻ جي اکين ۾ گوڙها ڪڙي آيا ۽ ليلائي نجوميءَ کي چوڻ لڳو ته منهنجي ڏيءَ جو لکيو ڪيئن به ڪري بدلائي ڏيو. نجوميءَ کي نائونءَ جي ليلائڻ تي قياس ته ڪٿوئي آيو، پر هن جي وس ۾ ڪجهه به نه هو، سو وراڻيائين ته: "جيڪي ڏٺيءَ لکيو، سو لکجي ويو". اهي لفظ چئي، هنن کي وڃڻ جي اجازت ڏنائين.

وقت گذرندو رهيو، برهمڻ جي زال کي پوري ميعاد تي ڏار جائو. جڏ سان دائيءَ کان پڇيائين ته "ڇا جائو آهي؟" چوته هن کي هروقت اهائي اميد هوندي هئي ته من ڀگوان جي ديا سان پٽ جمي پوي! دائيءَ وراڻي ڏني ته "نياڻي جائي آهي". اها خبر ٻڌي برهمڻ جي دل ڀڏڪ لڳي، ڪيس پڪ ٿي ته نجوميءَ جي اڳڪٿي ضرور پوري ٿيندي، سو وڏي ارمان ۽ ڪاوڙ مان چيائين ته: "مان انهيءَ نياڻي چوريءَ کي گهر ۾ نه رکندس، پٽر آڻي ڏيوم ته هٽي هن کي ٽکر ٽکر ڪري چڏيان يا چڏيوم ته هن کي باهه ۾ اڇلي وجهان". مڙس جا اهي لفظ ٻڌي، جوٽس به ساٿس شامل راه ٿي ته چوکريءَ مان جند ڪنهن طرح ضرور آزاد ٿئي، مگر هوءَ نياڻيءَ جي مارڻ ۾ رضامند ڪانه هئي. هن جي مرضي هئي ته پار کي پيتيءَ ۾ بند ڪري، سنڌو درياءَ ۾ لوڙهي چڏجي ته جيئن لڙهندي لڙهندي ڪنهن جي نظر چڙهي ۽ حياتي بچي پويس، ماءُ جي دل ائين ٿي چاهيندي! برهمڻ کي به اها صلاح آئڙي، سو پيتي وٺي آيو ۽ معصوم ٻارڙي انهيءَ ۾ وجهي، پاسي کان سون ۽ جواهرن جي ٿيلهي به رکي چڏيائون. پيتيءَ کي ڪلف لڳائي بند ڪيائون. ان کان پوءِ پيتي ڪٽي ندڙيءَ جي ڪناري تي ويو ۽ وڃي درياءَ ۾ اڇلايائين. اها پيتي وهڪرن جي ور چڙهي، جن

ڪيس لوڙهيندي لوڏيندي آڻي پنهور جي شهر ۾ ڪڍيو. ڪناري تي محمد نالي هڪ ڏوهيءَ درياءَ ۾ پيتي ترندي ۽ ڪناري ڏانهن ايندي ڏٺي. نظر پوندي ئي پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏيئي، پيتيءَ کي ڇڪي ڪناري ڏانهن گهلي ڪڍي آيو. قلف ڀڃي پيتي کي کوليائين، ڇا ڏسي ته هڪڙي نندڙي سهڻي ڇوڪري اندر ستي پئي آهي. جان ڪڍي ان کي ڪنيائين ته هن جي ۾ مان هڪ ڪوڙي سون ۽ جواهرن جي ملهس، جنهن کي ڏسي خوشيءَ جي حد ئي نه رهيس ۽ پنهنجو ٻڏو خزانو ڪڍي گهر ڏانهن راهي ٿيو. ڏوهيءَ جي زال، جا اڳيئي اولاد جي سڪايل هئي، سا بيحد خوش ٿي ۽ پنهي زال مڙس هن لڏل هار کي ڪڍي گود ورتو. سيني پاڙيسرين، دوستن ۽ برادريءَ وارن کي دعوت ڏنائون، جن هارڙيءَ کي ڏٺو ۽ هن تي "سسئي" نالو رکيو ويو. جيئن وقت گذرندو ويو، تيئن هيءَ سهڻي نينگري ڏينهون ڏينهن سونهن ۾ سرس ٿيندي ٿي وئي، ايتري قدر جو هن حسين چوکريءَ کي ڏسڻ لاءِ ماڻهو پنهنجو ڏندو ڏاڙي سيڙائي ڏوهيءَ جي گهر جي گهٽين وٽ منتظر بيٺا هوندا هئا ته من هن جي سهڻي صورت جو ديدار نصيب ٿئين. سون ۽ جواهرن جي ڪوڙي، جا پيتيءَ مان لڏي هٿائون، انهيءَ مان چوکريءَ لاءِ زيور ۽ سينگار جو سامان ۽ رهڻ لاءِ ٻه طبقو گهر ٺهرايائين، جنهن جي چوگرد گلاب جو باغيچو رکايو ويو. انهيءَ گهر ۾ سسئي پنهنجون ساهيڙيون ۽ سرتيون سڏي انهن سان گڏجي ويهي ڪتيندي هئي يا وري باغيچي ۾ سارو ڏينهن پسار پئي ڪندي هئي.

انهن ڏينهن ڪيچ-مڪران ۾، جام آريءَ نالي هڪ بلوچ رهندو هو، جنهن جي بهادريءَ جي ايڏي ته هاڪ هئي، جو اتان جي بلوچن هن کي پنهنجو سردار مقرر ڪري سڄي ڪيچ ۽ مڪران جي پڳ ٻڌائي. جام آريءَ کي پنج پٽ هئا ـــ چنو، پنهون، هوتو، نڪرو ۽ نوتو. هونئن ته

سڀني حسين جوڌا جوان هٿ، پر سڀني کان بهادري ۽ سونهن ۾ سرس ٻيو نمبر پٽ، "پنهون" هوس. بلوچن جي سردار کي پنهنجي پٽ سان ايندڙ ويندڙ قافلن تان محصول ملندا هٿا ۽ جيڪي ڏيڻ کان انڪار ڪندا هٿا، تن تي هن جا پٽ حملا ڪندا هٿا. بدقسمتيءَ سان "سسئيءَ" جي حسن جي هاڪ هن ڏورانهين ملڪ ۾ "پنهون" جي دماغ تي وڃي واسو ڪيو. هڪ ڏينهن، ٻاٻيو نالي هڪ سوداگر، ڪيچ ۾ آيو، جام آريءَ هن جي گهٽي آجيان ڪئي ۽ هن جي گفتگوءَ ۽ هلت چلت کان ايترو متاثر ٿيو جو ڪيس محصول معاف ڪري ڇڏيائين. ٿورن ڏينهن ۾ ٻاٻيٰ پنهنجو سڀ سامان وڪڻي ٻيو خريد ڪري وري ٻڌي پاسي واپار لاءِ آسهيو. وڃڻ وقت جام کان سوکل ورتائين، جا هن خوشيءَ سان ڪانه ڏنيس، ارهو ٿي ڏنس. پر جڏهن پنهونءَ کان ٿي سوکلايائين، تڏهن هن کن ۾ چيس تہ "پنهور ۾ 'سسئيءَ' جي ڪوٺا ڪج ۽ سون کي مخفي نياپي ذريعي ٻڌائج تہ سسئي واقعي اهڙي سهڻي آهي، جهڙي ماڻهو چون ٿا."

سوداگر مُشڪندي واعدو ڪيو ۽ ٻوءِ پنهنجي آٽ ڏانهن وڌيو. لانگ ورائي، مهار کي چيپي ڏني ۽ قافلو روانو ٿيو. سڀني جي اڳ ۾ مشڪي مهري ڏاڍي شان سان ٽيز قدم ڪٽندو ٿي هليو. اهڙيءَ ريت اهو قافلو ڏينهن جا ڏينهن هلندو اچي پنهور پهتو. ٻڌي ڏينهن ٻاٻيٰ پنهنجو مال اسباب ڪڍي باهر ڪيو، جنهن تي سڄي پنهور شهر ۾ سندس سودي ۽ سامان جي هاڪ پکڙجي ويئي. جوان توڙي ٻڍو، زالون ۽ مرد، سڀ آتي اچي ڪاهٽ ٿيڻ لڳا. ڏينهن ٻن کان پوءِ، ٻاٻيو سسئيءَ جي گهر وٽان اچي لانگهائو ٿيو. اتفاق سان اوڏيءَ مهل سسئي پنهنجي ساهيڙين سان راند ٻڌي ڪئي تہ اوچتو ساڙيءَ جي دريءَ مان سندس نظر وڃي ٻاٻيٰ تي ٻڌي جو هيٺ گهٽيءَ مان ٻڌي ويو. سسئيءَ کي هن جي سونهن ۽ صورت موهي وڌو ۽ پنهنجي ساهيڙي، ساقيءَ کي منت ڪيائين

تہ وڃي انهيءَ سوداگر کي مٿي وٺي اڃ. ساڻي ڊوڙندي گهٽيءَ ۾ وئي ۽ ٻاهڙي کي سسئيءَ جو نياپو وڃي ڏنائين. ٽورو مشڪيو ۽ پاڻ سان وڪري جو ڪجهہ قيمتي سامان ڪٽي ساڻيءَ سان گڏ جي سسئيءَ جي گهر ويو. جيئن پنهنجو سودو سسئيءَ کي ڏيکاريائين پٽي، تيئن سسئي سندس ڪن ۾ پٽڪو ڪري چيو تہ "سوداگر! تو تہ منهنجي دل جڙ ڪنديءَ ۾ ڦاسائي آهي ۽ هاڻي مان توکان سواءِ رهي نٿي سگهان." ٻاهڙي اهي اکر ٻڌي پهريائين تہ کو جواب ڪونہ ڏنو، هو سسئيءَ جي منهن ۾ نهارڻ لڳو، جنهن جي حُسن خود ٻاهڙي کي بہ سوهي وڏو هو. هو دل ۾ سوچڻ لڳو تہ "هيءَ ڇوڪري پلي ڪٽي ڪٽيءَ جو ٻار هجي، تڏهن بہ پنهونءَ جي لائق آهي. چنڊ جهڙو چهرو اٽس ۽ هن جي قد قامت ۾ مون کي کوبہ نقص نظر نٿو اچي. ههڙو حُسن تہ ڪنهن شهزادي جي ڪنوار کي سونهين." ان کان پوءِ ٻاهڙي، سسئيءَ ڏانهن ڪنڊ ڏوٽي چيو: "اي حسين نينگر، منهنجي ڀالهہ ٻڌ! تون مون تان پنهنجو خيال لاهي ڇڏ. مان هڪ جوان سڃاڻان، جنهن جو نالو "پنهون" آهي، جو مون کان وڌيڪ تنهنجي لائق آهي. مان تہ عام رواجي ماڻهو آهيان، پر سچو ڪيچ ۽ مڪران پنهونءَ جي تابع آهي. مان تہ فقط هڪ سوداگر آهيان، پر پنهون هڪ شهزادو ۽ وڏيءَ دل وارو سخي آهي. جيڪو هن وٽ آيو سو پنهنجي غرض پوري ڪرڻ کان سواءِ نہ موٽيو. هن وٽ اٺ، گهوڙا، آنبار سون ۽ چانديءَ جا، سپاهي، دربان ۽ منشي هن جي حاضريءَ ۾ رهن ٿا. مان بہ حقيقت ڪري هن جي خدمتگارن مان آهيان. مون هن جي حسن جي تعريف نہ ڪئي آهي، چاڪاڻ تہ هن جو حسن اهڙو آهي، جنهن جي تعريف لاءِ مون وٽ لفظ نہ آهن. فقط ڏسڻ سان ئي ان حسن جو اندازو لڳائي سگهندينءَ. خدا شال اهو ڏينهن آڻي، جڏهن تون هن سان ملي سگهين!"

سسئيءَ جا خيال هاڻي ٻاجهي تان لهي وڃي شهزادي تي ڪٽيا، جنهن جي ديدار ڪرڻ لاءِ اندر ۾ آس جاڳيس. دل ۾ دعا گهرڻ لڳي تہ شل خدا منهنجي اها تمنا جلد پوري ڪري تہ مان شهزادي پنهونءَ کي اکين سان ڏسان. ان بعد ٻاجهي کي مخاطب ٿي چيائين، "سوداگر! تون انهيءَ حسين جوان کي وڃي وٺي اچ، جو منهنجي دل هاڻي هن جي ڏسڻ لاءِ بيقرار آهي." ٻاجهو هن سوچاريءَ چوڪريءَ کان سوکلائي اچي گهر ڇڏيو. گهر پهچڻ شرط خط نويس ڏانهن ماڻهو موڪليائين. خط نويس کي ٻن خطن لکڻ جو حڪم ڏنائين، هڪڙي جو مضمون هن ريت هو: "مون سسئي ڏٺي آهي، جا هڪ ڏوهيءَ جي ڏيءَ آهي، مگر هن کي خدا ڪمال جو حسن ڏنو آهي. هن جو حسين چهرو چنڊ جي سونهن ۽ سچ جي روشنيءَ کي مات ڪيو ڇڏي. اوهان سوداگر جي ويس ۾ جلد هليا اچو ۽ پاڻ سان عطر ۽ عنبير جو ذخيرو آڻجو." ٻئي خط جو مضمون وري هن ريت هو: "جلد منهنجي مدد لاءِ اچو، جو پنهور جي ماڻهن زبردستي مون کي پڪڑي نظربند ڪري رکيو آهي ۽ محصول جي تقاضا ٿا ڪن، سو پلائي ڪري شهزادا پنهون! تون اچ، چاڪاڻ تہ توکان سواءِ مان ڇٽي نہ سگهندس." اهي ٻئي خط لکرائي، قاصد کي ڏنائين جو هڪ پلي اٺ تي روانو ٿي جلد پنهونءَ جي ڳوٺ پهتو. اتي پهريون خط پنهونءَ کي ڏيئي چيائينس تہ ٻيو خط تنهنجي پيءُ لاءِ آهي. پنهون، سسئيءَ جي سونهن جي ساراهہ پنهنجي خط ۾ پڙهي تہ اکيون تجلا ڏيڻ لڳس ۽ پوءِ ٻيو خط جام آريءَ وٽ کڻي ويو، جنهن خط پڙهايو. جڏهن معلوم ٿيس تہ سندس سوداگر ٻاجهي سان بدسلوڪي ٿي آهي، تڏهن، کيس سخت غصو آيو ۽ پنهونءَ کي گهرائي چيائين تہ "تون پنهور وڃ ۽ ٻاجهي کي آزاد ڪرائي پاڻ سان وٺي اچ."

پنهونءَ قاصد کي حڪم ڪيو تہ موٽي پنڌور وڃي ۽ ٻاٻيءَ کي ٻڌائي تہ پنهون جلد اچڻ وارو آهي. پوءِ پنهون عطر ۽ عنبير جو وڏو انبار ڏهن ۾ بند ڪرائي، مخفي طور پنهنجي آڻ سان ٻڌائي چڏيو. هن جي آڻ جا سنج ۽ سنجن جا پوش سون ۽ چانديءَ سان چمڪي رهيا هئا ۽ موتين جا هار ۽ سهڻن مٽين سان ڪانيون اٺ جي ڪڇيءَ ۾ پئي لڙڪيون. پنهونءَ ۽ سندس همراهن پنهنجا منڊيشي ڪوٽ پهريا ۽ شاهي پگهون مٿن سان ٻڌي ۽ سايون ستڻيون پائي ۽ ڪلهن تي سون ۽ چانديءَ جي جهالرن وارا بوچڻ رکي اٽي هليا. جڏهن پنهون ۽ ان جا ساٿي اسهيا ٽي، تڏهن ان وقت جام آريءَ، پنهونءَ جو نئڻو پاڻ چنون ساڻ ڪري آيو ۽ چيائين تہ هن کي ساڻ وٺيو وڃ، جو ضرورت وقت هي تنهنجو پاڻهن ٻيلي ٿي تنهنجي مدد لاءِ تيار رهندو. پڇاڙيءَ جو هن کي تاکيد ڪيائين تہ جيترپقدر ٿي سگهي تہ جلد موٽڻ واري ڪج، ڇو تہ تون منهنجو لاڏلو آهين. جڏهن سوپارو ٿي موٽين تہ اڳيان دهل دمام وڄائيندا اچجو. پنهون پيءُ ۽ ماءُ کان موڪلائي پنهنجي ساٿين سميت روانو ٿيو. هيڏانهن پنهونءَ جي اسهڻ کان پوءِ، ماءُ پيءُ اچي ڪاراٽي ۾ ٻياڻ. پنهون ۽ سندس ساٿ سفر جي سختين سان منهن ڏيندا هلندا ويا. سندن آوازن ۽ ان سان گڏ اٽن جي چڙن جي چانگار سارو آسمان گونجي ٽي چڏيو. رات ڏاري وڃي کهير ٻيلا پهتا. رات اتي منزل ڪيائون، صبح جو سڄو ڪوٽ هنن مسافرن کي ڏسڻ لاءِ اچي ڪٺو ٿيو. انهيءَ ڪوٽ ۾ هڪڙي سوناري جي ڌيءُ، ساجن، نالي رهندي هئي. هن جڏهن پنهونءَ کي ڏٺو، تڏهن دل ۾ چيائين تہ هاڻي پنهونءَ کان سواءِ ٻئي ڪنهن سان حياتيءَ ۾ نينهن نہ لڳي سگهندو.

هن هڪ ٻيڙي مائي پنهون، ڏانهن موڪلي تہ وڃي هن کي منت ڪري تہ پنهنجو سودو آڻي ڏيڪاري ۽ گڏوگڏ

هيءَ به چويس ته آءٌ تنهنجي عطر عنبر بدران توکي هيرا موتي ۽ ياقوت ڏيندس ۽ اهو نياپو انهيءَ نيت سان موکليائين ته شايد پنهون انهيءَ لالچ تي هرکجي اچي. پنهون ٻڌڻيءَ سان گڏجي ويو، پر پنهنجو مال کين موکليائين ۽ سوچيائين ته پنيور ۾ سون کي انهيءَ سامان جي وکري جي ضرورت پوندي. اها رات وڏي خوشيءَ سان ساهجان سان گذاريائين، جنهن لاءِ هن پرتکلف مانيُ تيار کرائي، جا هن ڏاڍي اشتياق سان کاڌي. پڻي ڏينهن باوجود ساهجان جي آزيءَ نيزاريءَ جي، پنهون پنهنجي رفيقن سان روانو ٿي ويو. وري به ساڳئي پنهنجي ڀائڻ جي آوازن ۽ چڙن جي چونگارن سان کيهربيلا مان روانا ٿيا. پنيور پهچڻ کان اڳ وري وچ تي منزل نه کيائون. جڏهن شهر کي ويجهو پهتا، تڏهن پنهون، ٻاهئي کي ماٺهو موکليو، جنهن هن کي شهر جي ڏکڻ طرف منزل لاءِ جاءِ ڏسي. ان هنڌ تي پنهي ڀائرن پنهنجن الڻ تان سامان لهرائي ۽ اتي خيما کوڙي غاليچن کي وڇارائي، سهڻي نموني ديرو دمائي ويٺا. پنهنجو واپاري مال جهڙوڪ مشڪ، عنبر ۽ عطر کڻي اهڙيءَ طرح ڏيک ويک لاءِ رکيائون، جڏ ته هي واقعي کي جهونا سوداگر هٿ. اها خبر هوا جيان سمئيءَ جي کن تائين پهتي ته هڪ وڏو سوداگر پنيور ۾ آيو آهي. سڃاڻ ته اهو سوداگر پنهون هو، جنهن کي ٻاهئي گهرايو هو. سسئيءَ پنهنجون سڀ جيڏيون سرتيون گهرايون ۽ سڀئي جواهرن سان سينگارجي هڪ ٻئي ٻانهن ائين قطار کري هليون، جڏ سياري جي سانجهيءَ وقت کونجون آسمان ۾ ولر کري آڏامنديون هجن. سڀئي پاڻ ۾ هم عمر هيون، مگر سونهن ۾ سسئي سڀني کان سرس هئي: هرڻ جهڙيون سنڌس اکيون، ڏند جهڙا موتين جي قطار، نڪ جهڙي انب جي ڦار، سنڌس وار سونڻ گهنگهرن سان مڑهيل هٿ. سنڌس هلڻ جو

انداز اهڙو هو، جهڙو ڏيل بهار جي مٿ ۾ صبح جو ٽلندي آهي.
هنن چوڪرين جي پازين ۾ گهنگهرن جي آواز تي پنهونءَ جي
دربانن کي کڙڪ پئجي وئي، جن پنهونءَ جي اجازت سان
تنبن جا در کولي چوڪرين کي اندر اچڻ جي اجازت ڏني.
خيمن جي اندر پنهونءَ جو سارو مال اسباب ٽڙيو پکڙيو پيو هو.
چوڪرين جڏهن ساڻن کي ڏٺو، تڏهن حيرت ۾ ٻيهي اکيون
ٻولائي ۽ قيمتن جي گهٽ کرائڻ تي ريڙهه پيڙهه کرڻ لڳيون.
مگر جڏهن پنهونءَ ۽ سسئيءَ جون اکيون ٻاڻ ۾ لڙيون،
تڏهن ته هنن کي ٻي کابه تمنا باقي کانه رهي. جڏهن
سسئيءَ کان سواءِ ٻيون چوڪريون پنهنجي سودي جي اکيون پاڙ
پڇڻ کان واندي ٿيون، تڏهن گهر موٽڻ جي کيائون.
هاڻي سسئيءَ جي دل ۾ پنهونءَ جي عشق جي آگ ڀڙڪي
چڪي هئي ۽ ساڻي وقت پنهونءَ جي حالت به سسئيءَ کان
گهٽ کانه هئي. لاچار سسئي ويچاري تنبن کان نڪري،
پنهنجين سهيلين سان آئي هلي. گهر پهچندي ئي ساقيءَ کي
سڏائي چيائين ته "منهنجي اکين ۾ لڙڪ ۽ دل ۾ عشق جي
آگ آرام وٺڻ نه ٿي ڏئي. مون کي پنهون آڻي ڏيو، نه ته
آءٌ مري ويندس."

ساقيءَ، سسئيءَ کي ريجهاڻڻ جي کوشش کئي، مگر
اُن کي تيسين آرام نه آيو، جيسين ساقي لهو دلاسو ڏنس ته
خاطري کر آءٌ سڀاڻي پنهنجي مائڻن سان ملي، پنهونءَ سان
تنهنجي شاديءَ جو بندوبست کندس. ٻئي ڏينهن ساقي،
سسئيءَ جي ماڻ وٽ وئي ۽ چيائينس ته "سائڻ! هڪ سوداگر
کنهن ڏوراهين ڏيهه کان پنهور ۾ وارد ٿيو آهي. سونهن ۾
سج ۽ چنڊ کي مات کيو ويٺو آهي. منهنجي صلاح آهي ته
تون پنهنجي نياڻيءَ جي شاديءَ جي کيس آڇ کر، چوته
هن کان وڌيڪ سهڻو ۽ دولتمند نوجوان توکي ڏيءَ لاءِ
مشکل هٿ اچي." ڏوهڻ عجب ۾ پئجي ساقيءَ کان سوال

کيو تہ: "ذات کھڙي اٿس؟" اتفاق سان اوڏيءَ مھل محمد ڪنيءَ ۾ گھر اچي سھڙيو. جوٿس ھن کي ساڻيءَ واري ڀالھ، سربستي ڪري ٻڌائي. ھنن ٻاڻ ۾ اڃا ڀالھيون ٿي ڪيون تہ ھاڻو گھنيءَ مان اچي لانگھائو ٿيو. ساڻيءَ کيس ڏسي چيو تہ اجھو ھن سوداگر جو منشي ٻيو وڃي، ھن کي سڏائي پڇو تہ سوداگر جي ذات کھڙي آھي. محمد ھن جي ڀالھ مڃي ۽ ھاڻي کي سڏايائين. ھاڻو ھن قسر جي سوال جو مطلب سمجھي ويو ۽ جواب ڏنائين تہ "سوداگر اڪثر مون کي ٻڌائيندو آھي تہ ھو ڪنھن وقت ڏوھي ھو، پر ھوءَ جڏھن ملڪ مان ڀڄي نڪتو، تڏھن کان وٽي واپار جو ڏنڊو اختيار ڪيو اٿس. انھيءَ تي محمد ھاڻي کي، پنھونءَ تائين سندس دعوت پھچائڻ ۽ سندس گھر وٽي اچڻ لاءِ منت ڪئي. ھاڻي اٿين ٿي کيو. پنھونءَ خوشيءَ مان دعوت قبولي ۽ جڏھن ھو ھاڻي سان گڏجي ڏوھيءَ جي گھر آيو، تڏھن پنھونءَ کي پرکڻ لاءِ چوڻ لڳو تہ "مون ٻڌو آھي تہ توھان ذات جا ڏوھي آھيو. ھاڻي مھرباني ڪري مون کي ٿورن ڪپڙن ڏوئڻ ۾ مدد ڪريو." اٿين چئي پنھونءَ کي صابڻ ۽ ھڪ ڪپڙي ريشمي ڪپڙن جي ڏوئڻ لاءِ ڏنائين. ھاڻي پنھونءَ کي اڳيئي خبردار ڪري ڇڏيو ھو تہ پنھنجي ذات ڏوھي ٻڌائي. انھيءَ ڪري کيس ڪپڙا ڪٽڻا پيا، جيتوڻيڪ ھن کي ڪپڙن ڏوئڻ جي ڪا بہ خبر ڪانہ ھئي.

پنھون جيئن ڪپڙا ڪنيو ٻئي ويو، تيئن سندس ياڻ چنو کيس گڏيو ۽ ڪاوڙ مان پڇيائين تہ "مان جيڪي ٻڌي رھيو آھيان، سو سڀ سچ آھي؟ ڇا تون ھڪ ڪنيءَ جي چوڪريءَ سان شادي ڪري اسان جي عزت ٻوڙيندين؟" پنھونءَ جواب ڏنو تہ "ادا! انھيءَ ۾ ڪھڙي بي عزتي آھي، جيڪڏھن ڪو ماڻھو پنھنجي دل گھرئي محبوب سان شادي ڪري." اھو ٻڌي، چنو ماڻ ۾ رھيو ۽ پنھون درياءَ جي

کپ ڏانهن هليو ويو. آتي کڻڻ کي ڏوئڻ جي کوشش
ڪندي، هن ڪپڙا ڦاڙي ليڙون ليڙون ڪري وڌا ۽ جيئن ئي
انهن ٽڪڙين کي ارمان مان پٽي ڏنائين، تيئن سسئي هن وٽ
اچي نڪتي ۽ هن کي مشڪندي ڪيڪاريائين. ان کان پوءِ
ڪيس چيائين تہ "نااميد نہ ٿيءِ، منهنجا محبوب، هر هڪ
ڪپڙي جي ڪيسي ۾ سوني مُهَر وجهي ڇڏ تہ پوءِ ڪنهن
وٽان ب ڪا دانهن ڪانہ ايندي." پنهونءَ ائين ڪيو ۽
ڪپڙا ڪٽي وڃي مالڪن کي پهچايائين ۽ کين چيائين تہ
"ڪيسا ڏسجو." جڏهن هنن کي پنهنجن ڪپڙن جي ڪيسن مان
سوني گيني هٿ آئي، تڏهن سندن ڪاوڙ آتي ئي ٽڏي ٽي ويئي.
محمد کي جڏهن خبر پيئي تہ پنهون ڪپڙا ڏوئي مالڪن کي
پهچائي آيو ۽ ڪنهن وٽان ب ڪا شڪايت ڪانہ آئي آهي،
تڏهن پڪ ٿيس تہ سوداگر سچ پچ ذات جو ڏوهي آهي ۽
هو سسئي ۽ پنهونءَ جي شاديءَ لاءِ رضامند ٿيو. شاندار
مجلس جي تياري ڪرايائين، جنهن ۾ پنهونءَ ۽ سسئيءَ جو
ميڙائو ٿيو. چنوءَ پنهنجي پاڻ جي شاديءَ ۾ ڪوبہ حصو نہ
ورتو ۽ ڏاڍيءَ غمگين حالت ۾ پنهنجا ماڻهو ساڻ ڪري،
پنهنجي ملڪ موٽي ويو. آتي اچي خبر ڪيائين تہ ڪيئن پنهون
سسئيءَ جي سونهن جي چار ۾ ڦاسي چڪو آهي. پيءُ جو منهن
ڪاوڙ ۽ صدمي ڪان ڪارو ٿي ويو. ٽي ڏينهن انهيءَ ماتم ۾
گذري ويس، جنهن کان پوءِ چنو، هوتو ۽ نوتو کي حڪم
ڏنائين تہ اُٺن تي سوار ٿي، وڃي پنهونءَ کي موڪلي اچو.
ٽئي پائر اچي پنهور پهتا. دليئ ۾ دولاب، مگر ڇڻ تي منڙا
ٻول ٻوليندا اچي سسئي ۽ پنهونءَ سان ڀيٽ پاڻ وانگر مليا.
پنهونءَ ٽوڙي سندس ڪنوار کي پنهنجن پائرن ۾ ڪابہ
بدگماني ڪانہ هئي. چنوءَ هنن کي ٻڌايو تہ "بابي سندن
شاديءَ جي خبر ٻڌي، انهيءَ جي خوشي ملهائڻ لاءِ ڪيترائي
ڏينهن دعوتون ۽ مجلسون ڪيون آهن."

هڪ رات هيءَ ٽنهي پاڻرن گڏجي پنهونءَ ۽ سسئيءَ کي سخت نشي واري شئي پياري، ۽ هو جڏهن رات جو اگهور ننڊ ۾ هٿ، تڏهن آڏيءَ رات پنهونءَ کي سسئيءَ کان جدا ڪري، بيخبريءَ جي حالت ۾ هڪ اٺ تي سمهاري، آڻن کي تيز هڪليندا تڪا ڪيڇ ڏانهن راهي ٿيا. ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن سسئي ننڊ مان سجاڳ ٿي ۽ پاڻ کي اڪيلو ڏٺائين، تڏهن سندس دل ڏاريندڙ دانهن پاڙي وارن کي چرڪائي ڇڏيو. ٻوءِ تہ پنهنجي سڃي ڪهاڻي انهن کي بيان ڪري ٻڌايائين، ۽ پڇو پهہ ڪيائين تہ پنهونءَ جي ٻڌيان پيادي ويندس ۽ جيسين پنهونءَ کي ڳولي هٿ نہ ڪندس، تيسين پاڻ کي لڪڻ ۾ رولي پورو ڪري ڇڏيندس. ساڻيءَ کان سواءِ ٻين سڀني کيس سمجهائڻ جي ڪافي ڪوشش ڪئي، مگر ساڻيءَ هن جو صدمو ڏسي، هن کي پنهنجي وچن پوري ڪرڻ جي نصيحت ڪئي.

آخر سسئي پنهونءَ جي آڻن جو پيرو ڪندي، جبل جها ڪيندي رواني ٿي. جڏهن رات پئي ۽ ننڊ سبان ٽڪجي ٻيحال ٿي پئي، تڏهن هڪ ٻڪرار کان پڇيائين تہ "ادا، ڪو قافلو هتان لنگهندو ڏٺئه؟" ٻڪرار جيئن سسئيءَ ڏانهن اک ڪٽين تہ هن جي سونهن جو تلب نہ جهلي سگهيو ۽ جواب ڏيڻ جي بدران هن کي جهلي، پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ اندر ليڻ جي ڪوشش ڪيائين. سسئي پنهونءَ کي مدد لاءِ رڙيون ڪيون، مگر پنهون ڪٿان ٿي پهچي سگهيو، جواب نہ مليس. آخر بيوس ٿي، ڏاڙيءَ کي ٻاڏايائين "اي مالڪ مهربان! مون کي هن زمين اندر جاءِ ڏي تہ آءٌ هن ڪميڻي جي بدنيتيءَ کان بچي پوان." ڏاڙي هن جي دعا قبول ڪئي، ۽ سندس پيرن هيٺان زمين هڪدم ڦاٽي ٻئي ۽ سسئيءَ کي ٻڪرار جي چنبن مان نجات ملي. ان کان پوءِ زمين وري ميڙي ويئي، مگر سسئيءَ جي پوتيءَ جو پلوُ ٻاهر رهجي ويو. اهو حال ڏسي، ٻڪرار خوف کان پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ وڃي ليڪو.





سستي

ٻئي پاسي، منجهند ڏاري پنهون نشي مان سڃاڪ ٽيو ۽ ٻاڻ کي آڻ جي ٻڌيءَ تي جڪڙيل ڏسي چنو کان ان جو سبب پڇيائين. جنهن تي سندس ننڍي ڀاءُ وراڻي ڏني تہ "بابي جي حڪم موجب توکي ڪيچ ڏي وڃيو ٿا وڃون." پنهون اهو ٻڌي، هڪدم ٽپو ڏئي آڻ تان هيٺ لٿو. جنهن تي چنو ۽ سندس ڀائرن آڻ ٻيهاري ڪوشش ڪئي تہ هن کي زوريءَ جهلي قابو ڪن، مگر پنهون پنهنجي تلوار ميان مان اهڙي جوش ۽ ڪاوڙ مان ڪڍي جو هنن ڏاڍي ڏکيس چڏي ڏنو. پنهونءَ وائڙائپ ۽ چريائپ واريءَ حالت ۾ پنهنجو رخ ڦيرور ڏانهن ڪيو. هو ساڳيا پير وڃي پوٽتي موڙيو. هلندي هلندي هو انهيءَ هنڌ اچي پهتو، جتي سسئيءَ کي ڏرتيءَ پناهہ ڏني هئي. انهيءَ هنڌ جي پير پاسي ۾ هن هڪ ٻکرار کي ڏٺو، جو ان وقت کي قدر خوف تي غالب ٿيڻ جي ڪوهو ۽ پنهنجي جهوپڙي کان ٻئي موڙيو. پنهونءَ هن کان پڇيو تہ "تو ڪا هتان سهڻي عورت لنگهندي ڏٺي؟" ڇو تہ ڪيس ٻڌ هئي تہ سسئي سندس ڳولا ۾ ضرور نڪتي هوندي. ٻکرار جواب ڏنو تہ "ٿوري دير اڳ هڪ زال هت آئي هئي، مگر اوچتو هن کي زمين ڀڙڪائي ويئي." هن پنهنجي ڀالهہ جي ڏاڍيءَ لاءِ سسئيءَ جي پوتيءَ واري پلاند ڏانهن اشارو ڪيو جو ٻاهر نڪتل رهجي ويو هو. پنهونءَ پوتيءَ جي پلوڪي ڏسندي هڪدم سڃاڻي ويو. هن عشق ۽ محبت جي جذبي وچان ڏٺيءَ کي ٻاڏايو ۽ دعا گهريائين تہ "اي مالڪ مهربان! زمين کي ڦاڙ ۽ مون کي ۾ انهيءَ هنڌ جاءِ ڏي!" هن جو عرض اگهاڙو ۽ اڻٻين وانگر هن جي پيرن هيٺان زمين ڦاٽي پيئي. اڪڇپ ۾ پنهنجي محبوب سان وڃي مليو. ڏرتي وري اهڙي ٿي ويئي جهڙي اڳ هئي. اهڙيءَ ريت، ڏٺيءَ ٻنهي محبت جي مشتاقن جو پنهنجيءَ ڪمال قدرت سان دائمي ميڙائو ڪيو.

۴ـ عمر ۽ مارئي

ڪنهن زماني ۾ عمرڪوٽ ۾، هڪ مشهور بادشاهه، عمر، نالي راڄ ڪندو هوه هو راجپوت گهراڻي جي سومرا نسل مان هو، هن جي حڪومت ۾ اهڙو ته انصاف هو، جو شينهن ۽ ٻڪري گڏ چرندا هٿا. اها هاڪ هنڌين ماکين مشهور هوندي هئي.

قدرت جا به اهڙا ته عجيب ڪارناما آهن جو اڪثر ڪنهن کي به هڪ حال ۾ رهڻ ڪانه ٿي ڏئي، ڪڏهن جڳن هٿان برا ڪم سرزد ٿيو پون ته ڪڏهن برن ڪان ڇڳا ڪم سرانجام ٿيڻ لڳن.

اهڙيءَ طرح هڪڙي ڏينهن جيئن عمر بادشاهه پنهنجي دربار ۾ پنهنجي اميرن ۽ وزيرن کي پٽي سمجهايو ۽ چتايو ته کين خدا جو خوف دل ۾ رکي، ڪنهن کي به ستائڻ نه گهرجي، تيئن عين انهيءَ وقت هڪ اجنبي وڏي واڪي عرض ڪيو ته "مون کي بادشاهه سلامت سان مخفي طرح ڪا ڪالهه ڪرڻي آهي. مون سندس لاءِ هڪ مخفي پيغام آندو آهي". جڏهن بادشاهه اهي لفظ ٻڌا، تڏهن سڀني اميرن ۽ وزيرن کي برخاست ڪري، انهيءَ اجنبي شخص کي ساڻ وٺ گهرايو.

تن ڏينهن ٽر واري علائقي جي هڪ ڪوٽ ملير ۾ پالوي نالي هڪ غريب ٻڪرار رهندو هو. هن جي زال جو نالو ميراد هو ۽ مارئي نالي هڪ نياڻي هيس. وٽس ڦوڪ نالي هڪ نوڪر هوندو هو، جنهن جي تمنا هئي ته مارئي جي ڀانهن کيس ملي. مگر پالوي پنهنجي ڏيءُ اڃا ڪنهن کي ڏيڻي ڪئي هئي، انهيءَ ڪري هن ڦوڪ جي آڇ کي رد ڪري ڇڏيو هو. ڦوڪ انهيءَ غصي کان ملير ڇڏي

ويو ۽ انتقام وٺ جي ارادي سان عمر ڪوٽ ۾ بادشاهه جي دربار ۾ اچي پهتو. هيءَ اهوئي اجنبي هو، جنهن بادشاهه سان مخفي ملاقات ڪرڻ ٿي گهري.

جڏهن ڦوڪ بادشاهه سان نويڪلو ٿي مليو، تڏهن عرض ڪيائين ته "بادشاهه سلامت! مون کي هڪ عرض ڪرڻو آهي ۽ اهو هيءَ آهي ته ملير ۾ هڪ ڪنيا، مارئي نالي، رهي ٿي، جنهن جي سونهن سچ کي به شرمايو ڇڏي. سرو قد جسم ۽ اکيون پُونر جيان ڪاريون ۽ سندس نظر تلوار کان تکي ۽ سندس چمڙي، اطلس جهڙي ۽ جڏهن کيلي ٿي ته ڇٽ موتين جو مينهن ٿو وسي. سندس سينو بهار جي موسم وارد ڪرن جهڙو سفيد آهي. انهن تي جي مکڙيون آهن، سي هوند تنهنجي باغ جي مکڙين کي شرمائين. هن جو چهرو چنڊ کان وڌيڪ حسين آهي ۽ نور اهڙي ٿي هلي جڏهن ته ڏيل ٿي ٽلي ۽ جڏهن پٽي ڳالهائي ته ڪوئل جهنگن مان هن کي وراڻي پٽي ڏئي. جنهن به هڪ واريءَ هن جو حسن ڏٺو هوندو، انهيءَ کي ٻيو ڪي کين وٺندو. پر آهي هڪ ٻڪرار جي ڏيءَ ۽ جسم تي ٽڪڙيون اٿس، ليڪن جيڪڏهن سهڻي پوشاڪ پارائجيس ته هوند پَرين کان به سونهن ۾ سرس ٿي وڃي. بادشاهه سلامت، سچ پچ ته هوءَ اوهان وٽ سونهين ٿي. حسن اهڙو اٿس ته وري دل به محبت جي ڪاڻ اٿس. مون سان گڏ هلو ته مان توهان کي ڏيکاريان ته هوءَ ڪٿي ٿي رهي".

عمر بادشاهه کان اهي نصيحت جا الفاظ سپ وسري ويا، جيڪي هن ڏورو وقت اڳ پنهنجي اميرن اڳيان چيا هئا ۽ ٻڪرار جي حسين ڏيءَ جي عشق ۾ ديوانو ٿي ٻيو. پنهنجو تيز اُٺ سنيهرائي ۽ مهار هٿ ۾ ڪري اڳيان سوار ٿي ويٺو. پٺيان اهو دغاباز ڦوڪ ويٺو ته جيئن مارئيءَ جي ڪوٽ جو رستو ڏيکاري.

مارئي جيئن پنهنجي ساهيڙين سان پير واري کوهه تان پاڻي پرڻ ٽي ويئي، تہ چا ڏسي تہ ہ ماڻهو هڪ آٽ تي سوار ٻيا اچن. مارئي ڏسي ڊڄي ويئي. هوءَ هوند گهر پڄي وڃي ها، مگر سندس سرتين کي انهن ڏارين ماڻهن کي ڏسڻ جو شوق هو، تن چيس تہ "ڏؤنہ ڪر. هي واڻهڙو آهن ۽ توکي کو نقصان کونہ رسائيندا. جڏهن کوهه وٽ ايندا تہ پاڻي گهرندا ۽ اسين انهن کي پاڻي ڏئي، کانئن ان جي عيوض خبرون ٻڌنديوسين." مارئي پنهنجي سهيلين جي سمجهائڻ تي هنن سان گڏ کوهه تي وئي ۽ ساڪئي وقت عمر جو آٽ ہ کوهه وٽ پهتو. ٿوڪ جي پٽڪي ۽ عمر جي اکين سمجهي ورتو تہ اِها جيڪا سندس سامهون بيٺي آهي، سا ئي آها حسين مارئي آهي. عمر، آٽ کي هيٺ جهکايو ۽ مارئي کان پاڻي گهريو. هن سادي چوکريءَ پاڻي ڏيڻ ٽي چاهيو تہ ايتري ۾ عمر ۽ ٿوڪ هن کي پکڙي، آٽ تي ٻڌي، پاڻ سان کڻي هليا ۽ اڃي عمرڪوٽ ۾ پهتا.

انهيءَ رات عمر، مارئيءَ وٽ ويو تہ چا ڏسي تہ هوءَ ويٺي روئي ۽ ڪاڏو ائين هن جي اکيان رکيو آهي. هن ريجهائڻ جي گهڻي کوشش ڪئي ۽ چيائينس تہ "مارئي، تون هاڻي روءَ نہ، جيڪي ٿيڻو هو، سو ٿي چڪو. هاڻي تون منهنجي پٽ راڻي آهين ۽ منهنجون ٻيون راڻيون تنهنجون ٻانهيون ٿي رهنديون ۽ پنهنجي حڪومت جون واڳون تنهنجي هٿ ۾ ڏيندس." مگر مارئي اڃان بہ وڌيڪ روئڻ لڳي، چوتہ هن کي پنهنجو گهر، مائٽ ۽ سندس مڱيندو ڪيت ياد ٿي آيا. انهيءَ تي عمر ڪاوڙ مان چيس تہ "مارئي، تون پنهنجي مائٽن ۽ مڱيندي لاءِ چو ٿي پاڻ کي جهورين. آهي تہ جهنگل جا مارو آهن. هتي تہ تون شهزادين تي حڪمراني ڪندينءَ. پنهنجي ڪوٽ ۾ توکي پرهہ ڦٽيءَ آئي، ڪرين کي ڪاهي جهنگ ۾ وئي وڃڻو پوندو هو، ۽ هت تہ توکي

ٹڈيءَ چانوَ ۾ محلات جي سڄي کي خوشيءَ سان قبول ڪرڻ گھرجي."

مارئي هڪدم جواب ڏنو تہ "تنھنجي راڻين لاءِ اھا وڏي ڳالھ آھي تہ برقعا پائي محلات جي چوڌياريءَ ۾ گذارين، مگر مون کي آزاد فضا ۾ ڪليل هوا ۾ رهڻ ڏو وڻي. مون کي نندڻ چيلن کي هنج ۾ ڪري ڪرين جي ڏڻ سان جھنگ ۾ وڃڻ ۾ لطف ايندو آھي. مون ۾ تنھنجي وڏ گھراڻين راڻين جي ڪابہ خاصيت ڪانھي. انھن کي نازڪ طعام وٽن ۽ منھنجو ڪاج ٻير ۽ جھنگ جو ڦل آھي. هو جواھر ڪچيءَ ۾ پائين ۽ مان ڪاڙھن مٽين جو هار پائي، خوش ٿي ٿيان. هو نرم بسترن تي سمھن ۽ آءٌ ٽڈيءَ واريءَ تي ليٽي پوان. هنن جي اڳڻ ۾ نوڪر چڪار ڪري، دز کي وهارين ۽ مون کي مينھن جي بوندن مان مزو اچي. هو پائين پٽ پٽيھر ۽ آءٌ پايان کھڙي کاڏي. هو دھل ۽ بانسري ٻڌي دل وندرائين ۽ منھنجي روح کي ڪرين جي ڪار وڏيڪ مٺي ٿي لڳي."

عمر وراڻيس تہ "مان توکي دنيا جو بھترين باغيچو ڏھرائي ڏيندس، جنھن ۾ سونا شمعدان لٽڪيل هوندا، جنھن ۾ انگور، کجور، کيلا، ليمو، انجير ۽ سنگترا، ناريل ۽ بادام هوندا ۽ سارو باغيچو ايلاچي ۽ صندل جي خوشبوءَ سان واسيل هوندو."

مارئي انکار ۾ ڪنڊ ڏوڻي جواب ڏنو، "عمر بادشاھ! اھي سڀ نعمتون ٻين لاءِ رک. مون کي منھنجا ڪليل ميدان ۽ ماڙيون، جي منھنجي ڳوٺڑي جي چوڌاري پکڙيل آھن ۽ اھي ڪانڊيرا ۽ ڏيلھن جا ٻوٽا انھن ڪرين تي ۽ جھنگ جا ٻير ۽ ميوا مون کي موٽائي ڏي."

عمر گھٽيون ئي راتيون مارئيءَ کي ريجھائڻ ۽ هن جي قرب حاصل ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي، مگر هن تي نڪي

عمر جي آزين- نيزارين جو، نڪي ڏڙڪن ۽ ڏمڪين جو
ڪو اثر ٿيو. هڪڙي ڏينهن عمر، شهر کان ڪجهه ميل دور
هڪ جهوپڙي ٺهرائي ۽ ڏنارن کي حڪم ڪيائين ته پنهنجو
مال ان جي چوڌاري چارين ته مَنَ مارئيءَ جي روح کي اِهو
منظر ريجهائي ۽ اُن کي ڏسي مَنَ مُرڪي. مگر مارئي انهن
کي ڏسي ڏڪار مان ڪلي ۽ چيو: "ادا عمر، تنهنجي ساري
محنت رائگان وئي. هڪريون آهي آهن ۽ جهوپڙي ۾ منهنجي
گوٺ جهڙي آهي، مگر ان ۾ منهنجا مائٽ آڻي ويهارين ها
۽ هڪرار منهنجو پرين، ڪيت هجي ها، ته انهن کي ڏسي،
دل باغ بهار ٿئي ها!"

هڪ ڏينهن، عمر بادشاهه، هڪڙي جٽ کي حڪم
ڪيو ته ملير جي ڪڙمين جهڙي پوشاڪ پائي اچي ۽
مارئيءَ کي چوائي موڪليائين ته سندس گوٺ کان هڪ قاصد
سندس مائٽن وٽان نياپو ڪٽي آيو آهي ۽ سندس ڪهري ۾
اچڻ جي اجازت گهري ٿو. مارئيءَ اجازت ڏني، جڏهن هو
اندر داخل ٿيو ته چيائين "تنهنجي ماڻ سون کي تودانهن
موڪليو آهي ۽ هن جو سنيهو ڏيان سان ٻڌ. هن جو تودانهن
پيغام آهي ته "منهنجي ڏيءَ، تو ڇو پنهنجي هٽ ۽ ضد جي
ڪري عمر بادشاهه کي ڪاوڙايو آهي. ساري جڳ کي خبر
پهچي چڪي آهي ته هو توکي پڃائي محلات ۾ وٺي ويو آهي،
پوءِ پلي ڪٽي تون باعصمت رهين، ته به ساري دنيا توکي
ستي نه سمجهندي. تنهنڪري هن جو پيار نه سوڌاءِ." مگر
مارئي هيءَ انڪل سمجهي وئي ۽ جيئن ئي هن تيز نظر سان
هن ڪوڙي قاصد کي ڏٺو ته هو هيسجي ويو. مارئيءَ
ڪاوڙ مان چيو "ڇاجو پيار؟ هتي ڪوبه پيار ڪونهي، پر
پيار اهو آهي، جيڪو قدرت ڪنهن جي دل ۾ ٻئي لاءِ پيدا
ڪري. منهنجي مائٽن مان ڪوبه اهڙو نياپو، مون ڏي ڪونه
موڪليندو. اِهو نسورو ڪوڙ آهي، جو توکي لَبُ آڇي



مارئي

چَوَرايو ويو آهي." جڏهن عمر جي اِها رٽ ۽ ناڪامياب ٿي، تڏهن ڪاوڙ سان محلات مان ٻاهر نڪتو ۽ پڪو پڪو ڪيائين ته مارئيءَ جي مائٽن کان ۽ سندس مڱيندي کان ويرو ٿي. پر پوءِ ڪجهه وقت لاءِ مارئيءَ کي مهلت ڏنائين.

انهيءَ وچ ۾، مارئيءَ جي سرتين کان سندس مائٽن کي خبر پئي ته هوءَ ڪهڙيءَ طرح ڪجي وئي ۽ پوءِ جڏهن پتو پين ته ان ڏوهه جو ڏوهاري خود عمرڪوٽ جو بادشاهه عمر آهي، تڏهن ان جي آزاد ڪرائڻ جو خيال لاهي ڇڏيائون ۽ سمجهيائون ته هوءَ بادشاهه جي محبت جي چار ۾ ڦاسي ۽ شاهي محلات جي رونق تي موهجي پئي هوندي.

مارئيءَ جي قُرب جو فراقيل ڪيت، پيرين پيادو هن جي ڪولا ۾ عمرڪوٽ اچي پهتو ۽ ڏهاڙي نااميديءَ جي حالت ۾ هن جي محلات جي چوڌاري پئي ڦيرا ڪيائين. هڪ ڏينهن مارئيءَ هن کي دريءَ مان ڏسي ورتو ۽ اٽڪل سان هن ڏانهن نياهو ڏياري موڪلياڻين ته فلاڻي مشهور ٺڪاڻي وٽ، فلاڻي ڏينهن تي تڪي آڻ سان تيار ٿيڻو هيڄ. هڪ دفعي جڏهن عمر بادشاهه مارئيءَ کي ڏسڻ آيو، تڏهن مارئيءَ هن سان وعدو ڪيو ته جيڪڏهن منهنجي مائٽن ۽ ڳوٺ وارن منهنجي سار نه لڌي ۽ هنن مون کي ٻارهن مهينن ۾ نه ڇڏايو ته پوءِ آءٌ هميشه لاءِ تنهنجي ٿيندس. انهيءَ واعدي جي ٻهاڻي هن کي مندر ڏانهن وڃڻ جي اجازت ملي وئي ۽ انهيءَ ڏينهن جڏهن ڪيت ڪيس ملڻ لاءِ اڇڻو هو، مارئي ۽ سندس ساهيڙيون وڪا ويس ڪري، گڏجي مندر ڏانهن پرارٿنا لاءِ هليون. اتي پهچڻ سان پالڪين مان لهي، هڪ پئي سان ڪلنديون ۽ دل وندرائيندیون پئي ويون ۽ هنن جو ڏيان انهيءَ غريب جَت ڏانهن اصل نه ويو، جيڪو آڻ وڻيو ٻر ۾ ٻيڻو هو. هو جڏهن ان جي ويجهو لنگهيون ته مارئي پنهنجن ساهيڙين کان پاسو وٺي ڊوڙي وڃي آن ويڙل آڻ وٽ پهتي. ڪن ۾ هوءَ ۽

اولي (سنڌس مگيندو ڪيت) ٻئي ٽيپ ڏيئي آڻ تي سوار ٿيا، آڻ ڪڙو ٿيو ۽ تکڙو ملير ڏانهن رخ رکيائين. چوڪرين پنهان وڃي واڪا ڪيا "مارئي، هي ڇا ٿي ڪرين؟ ڇو هڪ ڏاڙي ماڻهوءَ سان آڻ تي سوار ٿي وڃين ٿي؟" مارئيءَ وراڻي ڏني ته "عمر ڪي وڃي چڱو ته مون ڪي آڻ تي ڪٽي آيو هئين، اڄ آءٌ وري آڻ تي چڙهي پنهنجي ملڪ وڃي رهي آهيان."

چوڪريون موٽي اچي پنهنجين پالڪين ۽ ويڙهيون ۽ گهر پهچي عمر ڪي سڄي حقيقت ٻڌايائون. عمر سومري، رعيت جي ڊپ ڪان مارئيءَ جي آڻ لاءِ لشکر نه موڪليو ته متان سنڌس ماڻهو ڪيس ميڙو ڏين ته اسان کي نصيحت ٿيو ڪري ته ظلم نه ڪريو ۽ خود پاڻ بي گناهه ماڻهن سان ظلم پيو ڪري. اهڙيءَ ريت مارئي صحيح سلامت پنهنجي گوٺ پهتي، جتي وڃي پنهنجي سوڻ ڪيت سان لاڙون لڏائين ۽ ان کان پوءِ ٻيئي باقي حياتيءَ جا ڏينهن خوشي سان گهارڻ لڳا.

۳- سومل ۽ راڏو

ڪنهن زماني ۾ سنڌ ۾، نند نالي هڪ راجا رهندو هو. هن وٽ سوئر جو هڪ عجيب ڏند هو، جنهن ۾ اها خاصيت هوندي هئي تہ جيڪڏهن ان کي پاڻيءَ جي ويجهو آڻبو هو تہ پاڻيءَ کي سڪائي ڇڏيندو هو. راجا نند ان ڏند کي پنهنجي خزاني جي بچاءَ لاءِ ڪم آڻيندو هو. هو اهو ڏند سنڌو نديءَ تي ڪٽي ويندو هو ۽ ڏند سميت جڏهن پاڻيءَ ۾ گهڙندو هو تہ نديءَ جو پاڻي خشڪ ٿي ويندو هو. اهڙيءَ ريت جڏهن بہ راجا نند کي پسي جي گهرج ٿيندي هئي، تڏهن ڏند ڪٽي، سنڌو درياءَ جي ڪپ تي ويندو هو ۽ انهيءَ کي پنهنجي طلسمي ڏند سان سڪائي، پوءِ جيڪي بہ خزانا هن کي درڪار هوندا هئا، سي ڪٽي گهر موٽندو هو. وري جڏهن ڏند سميت درياءَ مان نڪري ڪناري تي ايندو هو تہ ساڳي ندي اڳيئين وانگر وهڻ لڳندي هئي.

هڪ ڏينهن ائين ٿيو جو هڪ نجوميءَ کي رمل ۽ نجوم جي علم وسيلي انهيءَ سوئر جي ڏند جي خبر پئجي ويئي. هو انهيءَ لالچ ۾ اچي ويو تہ کهڙيءَ طرح سان بہ اهو جادوءَ وارو ڏند ضرور هٿ ڪجي. انهيءَ نيت سان هو هڪ ڏينهن راجا نند جي غيرموجودگيءَ ۾ هن جي محلات ۾ ويو. راجا نند کي ۽ (نئو) ڏيون هيون، جن سان سومل بيحد سهٽي هئي ۽ سومل سڀني ۾ سياڻي. محلات جي ويجهو پهچي، نجومي مڪر ڪري، زور سان وڻي دانهون ڪوڪون شروع ڪيون، جو هن جي شور تي راجڪمارين محلات مان نڪري آيون. بدقسمتيءَ جي ڪٻلهہ وري اهڙي جو سومل، جا هوند انهيءَ نجومي جو ميڪر سمجهي وڃي ها، سا راجا نند سان ٻاهر ويل هئي. سو سومل نجوميءَ کي گهرائي هن جي

تڪليف جو سبب دريافت ڪيو. نجومي چيو تہ "آءٌ هڪ نهايت خطرناڪ بيماريءَ ۾ مبتلا آهيان، جيڪڏهن سون کي سوئر جو ڏند ملي وڃي تہ هوند هن آزار مان ڇٽي پوان." مومل کي يادگيري پئي تہ بابا وٽ هڪ سوئر جو ڏند رکيل آهي، پر ان ڏند جي ڪرامت جي خبر ڪانہ هيس، سو پيءُ جي ڪمري مان اهو ڏند کڻي انهيءَ اجنبيءَ کي ڏنائين. نجومي ڏند وٺي مان هڪدم پاڻ کي انهيءَ مڪر يلي بيماريءَ مان ڪيقدر چاڪ ظاهر ڪرڻ لڳو، ۽ پوءِ سنڌوندڙيءَ جي ڪناري تي، جتي راجا نند پنهنجو خزانو درياءَ جي پيٽ ۾ رکايو هو، اتي پهچي، خزانو ڪڍي، ڪنهن دوردراز شهر ۾ وڃي آرام ۽ مزي سان زندگي بسر ڪرڻ لڳو.

جڏهن راجا پنهنجي ڏيءُ سومل سان گڏ موڪي آيو ۽ خبر پيس تہ مومل سوئر جو ڏند ڪنهن بيمار فقير کي ڏئي ڇڏيو آهي، تڏهن اهڙي تہ ڪاوڙ آيس جو جيڪر مومل کي هڪ ئي ڏڪ سان ماري پورو ڪري ڇڏي ها، مگر سومل سياڻيءَ هن جي دل کي ٺاريو ۽ چيائين تہ مون وٽ هڪ طريقو آهي، جنهن سان مومل ايڏو وڏو خزانو حاصل ڪري سگهي ٿي، جهڙو هن فقير دولاب ڪري چورايو آهي. پوءِ ٻي ڏينهن مومل کي ساڻ وٺي پري ڪنهن هنڌ، سنڌ کان ٻاهر، "پاٽ" يا بيابان ڏانهن وئي ۽ آڻي پنهنجي جادوءَ جي زور تي هڪ سهڻو محلات اڏايائين، جنهن جي چوڌاري سيوي ۽ خوشبوءِ وارن گلن سان هڪ باغيچو ڪڙو ڪيائين. باغ جي سامهون هڪ آلَ بازار ٺهرايائين، جنهن جي چوڌاري ائين ٽي پانيو ڇڻ تہ ڪو وڏو ڪاڙهو درياءَ ٽو وهي، جنهن کي "ڪاڪ" جو نالو ڏنائين. آلَ بازار جي منهن وٽ هڪ سرنگهہ رکيائين، جنهن جي اندر سومل پنهنجي جادوءَ جي زور تي خوفناڪ جانور ڪڍرا ڪرايائين، جن مان گجگوڙون ۽ خوفناڪ آواز پنهنجو پاڻ پئي نڪتا. طلسمي محلات جي هرهڪ ڪنڊ تي

زنجيرن سان ٻڌل شينهن ٻيهاريا هئائين تہ جيڪڏهن ڪوبہ محلات اندر گهڙڻ جي ڪوشش ڪري، تہ ان کي ڏيڀاري واپس موڪلائي ڇڏين. جڏهن سومل اهو سارو مانڊاڻ تيار ڪرايو، تڏهن مومل ۽ سندس ٻانهين کي گهرايائين تہ اڄي انهيءَ محلات ۾ رهن ۽ اعلان ڪن تہ مومل انهيءَ سان شادي ڪندي، جيڪو ڀهرين سرنگهہ مان خطرناڪ رستو پار ڪري، سندس ڪمري ۾ پهچندو.

مومل جي حسن جي هاڪ سڀان کيترا شهزادا ۽ امير ڏيسان ڏيس کان، خزانا ۽ نوڪر ساڻ ڪري، وڏي آس ۽ اميد سان آسهيا تہ وڃي ٿا انهيءَ سهڻي راڄڪماريءَ کي هٿ ڪريون. پر جيئن ئي آهي عاشق ٻاهرئين دروازي تي آيا ٿي تہ مومل پنهنجيون ٻانهيون کين آدر ياڊ ڪرڻ ۽ دعوت ڏيڻ لاءِ ٿي موڪليون. آهي عاشق، انهن ٻانهين جي ٻڌيان انهيءَ سرنگهہ ۾ گهڙي اچي آل-بازار ۾ پهتا ٿي، جتي ڪاڪ ندي کين گهلي وڃي اوجهڙ ۾ ٿي رسايو ۽ پوءِ اتان نڪرڻ جا سڀ رستا بند ٿيو ٿي ويا. آخر اهي عاشق اتي پڪي پڪي مري ويندا هئا ۽ مومل جون ٻانهيون سندن مال خزانا ۽ جسم جا ڪپڙا ۽ ڪائنن قيمتي وٺنديون هيون.

تن ڏينهين عمرڪوٽ ۾ هڪ امير بادشاهہ راڄ ڪندو هو، جو سومري خاندان جو راجپوت هو. هن کي ٽي وزير هئا، جيڪي هڪٻئي سان ڏاڏا قرب ۾ ٻڌل هئا ۽ بادشاهہ سان تمام گهڻو پيار هوندو هون. بادشاهہ جو بہ ساڻن ايترو قرب هوندو هو، جو شڪار تي يا جنگ تي هنن کان سواءِ نہ ويندو هو. گهڻو ڪري دنار، شينرو ۽ راڻو، ننهي ماڻ کونہ کو ساڻس ضرور گڏ هوندو هو. چارئي همراہ جهڙا شڪل شبيهہ ۾ سهڻا هئا، تهڙا وري سورهيہ هئا، پر راڻو سڀني کان وڏيڪ ڄاهو کو ۽ جوڌو جوان هو.

هڪ ڏينهن بادشاهه ۽ سندس وزير شڪار تي نڪتا. جيئن هو هڪڙي ڳوٺ جي ويجهو پهتا، تيئن هنن هڪ فقير کي رستي جي پرسان ٻيٺل ڏٺو. هن جي شڪل ۽ صورت مان ائين ٿي معلوم ٿيو ته هو ڪنهن وڏي گهراڻي ۾ ڄاول ۽ نپنل هو، مگر انهيءَ وقت قائل اڪڙيون پيل هيس. غربت ۽ مسڪينيءَ کان ڏاڍو مايوس ۽ منجهيل ٿي لڳو. پهريائين ته چارئي جوان فقير جي حالت تي کلڻ لڳا، پر پوءِ اڪٿي وڏي هن کان پڇيائون ته "تون ڪير آهين ۽ ڪٿان کان آيو آهين؟ تون ته ڪنهن وڏي خاندان جو اولاد ٿو ڏسڻ ۾ اچين. اسان هن کان اڳ تو جهڙو دُکي حال ۽ ڪوبه ڪونه ڏٺو آهي."

فقير نيوڙت سان وراڻي ڏني "بادشاهه سلامت! آءٌ به ڪنهن وقت توهان جي انهن ڪنهي اميرن واندگر شاهوڪار ۽ سکيو ستابو هوس. مون وٽ به گهوڙا، زمينون ۽ گهٽي ئي خدمتگار هئا، پر هڪ ڏينهن مون موصل جي سوڻهن جي هاڪ ٻڌي ۽ وڏا انبار سون جا ساڻ ڪري، ساڻي وڻي هن جي ٻانهن هٿ ڪرڻ لاءِ نڪتس، مگر موصل ۽ سندس ٻانهين منهنجا ماڻهو ماري ۽ مون کي قُري، هن حال ۾ فقير ڪري ڇڏيائون- هينئر آءٌ پيرين پيادو، دربدر ۽ خاڪ بسر رلندو ٿو وتان ته جيئن ڪنهن طرح موٽي پنهنجي وطن پهچان."

بادشاهه پڇيس ته "موصل ڪير آهي؟" سيلاني فقير سموري ڪهاڻي بيان ڪري ٻڌايس. حقيقت ٻُڌڻ کان پوءِ بادشاهه ۽ سندس ڪنهي وزيرن پڪو پهه ڪيو ته هو به موصل کي هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا پوءِ توڙي آن آزمائش ۾ ڪين فنا ئي چونه ٽيٽو پوي. سيلاني فقير کان موصل جي محلات جو ڏس پڇيائون ۽ ڳچ ڏينهن جي سفر کان پوءِ هن جي باغ جي ٻاهرئين دروازي تي اچي پهتا. ان وقت اوندهه ٿي ويئي هئي، تنهنڪري اتي ئي ديرو ڏمائي رات جا چار پهر گذاريائون. ٻئي ڏينهن صبح جو موصل جي هڪ ٻانهي دستور

موجب کين ڪيڪارڻ لاءِ آئي. هن جو نالو ناتر هو ۽ هوءَ اهڙي ته سهڻي هئي جو هنن چئني ائين سمجهيو ته شايد اِهائي مومل آهي. پر ناتر ڪلي چين ته "مان مومل نہ آهيان، هن ڪي ڏسڻ لاءِ ٽوهان ڪي هن باغ مان لنگهي محلات ۾ پهچڻو پوندو. مومل جي صورت سندس والد ڪان سواءِ، هن وقت تائين، ڪنهن به غير مرد نہ ڏٺي آهي. مومل سون ڪي موڪليو آهي ته مان توهان جي آڌرڀاءِ ڪريان ۽ هي خونچو ڪاڏي جو اوهان لاءِ موڪليو آئس." پوءِ هن خونچو لاهي هيٺ پٽ تي رکيو ۽ جيئن هنن جوانن اهو مزيدار ڪاڏو پٽي ڪاڏو، تيئن مومل جي سونهن جي وڏيڪ ساراهه پٽي ڪيائون؛ ايتري قدر جو هو سپٽي هن جي عشق ۾ ايترو ته ديوانا بنجي ويا جو خود ٻانهي متن چڙون ڪرڻ لڳي. ۽ چوڻ لڳي ته: "توهان ڪير آهيو جو مومل سان پنهنجي محبت جي هام هڻي سگهو؟ جيڪو سورهيه مومل کي هٿ ڪندو، انهيءَ جو منهن مهانڊوئي نرالي قسم جو هوندو. توهان لاءِ بهتر آهي ته موٽي پنهنجي گوٺ وڃو، جي نہ ته توهان هن سرنگهه ۾ ٽڪر ٽڪر ٿي ويندا، يا هڪ ۽ آڇ وگهي هن جي ورو ڪڙ واريءَ واٽ ۾ منجهي ختم ٿي ويندا." اهڙيءَ طرح، ناتر هنن جي همت ۽ شوق کي ايترو ته ڀڙڪايو جو هنن سيني هڪل ڪري ڇيو ته "اسين نڪي سرنگهه کان ٻاڏجون، نڪي اوجهڙ کان، اسين تيستائين مومل جو در نہ چڏيندا سين، جيستائين مومل کي هٿ نہ ڪنداسين." انهيءَ تي ٻانهيءَ جواب ۾ کين منجهيل پٽ جو هڪ منجهيل ڏيرو آچلائي ڏنو ۽ چيو ته هن کي ويهي کوليو ۽ پنهنجي ڪاريگريءَ کي آزمايو ۽ ان کان پوءِ سامهون آل بازار مان لنگهڻ جي ڪوشش ڪريو." همير هڪدم اهو پٽ جو ڦورو ڪنيو، پر هو سلجهائي نہ سگهيو، ان کان پوءِ ڏنار ۽ پوءِ شينري پٽ کي کولڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر سندن سموري ڪوشش اجائي ويئي، آخر ۾

ڪڪ ٽي اهو ڦورو هٿن ”راڻي“ کي ڏنو، جنهن جي چالاڪ آڱرين جلد ڳنڍين کي سلجهائي، پٽ جي ڏيري مان مٽڪيارو ٽاهي، پنهنجي گهوڙي جي منهن تي ٻڌي ڇڏيو.

ٻانهيءَ راڻي جي حرفت کي ڏسي ڏانهس وڏي عجب مان نهاريو ۽ پوءِ پنهنجي سائڻ ڏانهن ويئي ۽ وڃي چيائينس تہ ”چار سهٽا جوان توکي حاصل ڪرڻ لاءِ آيا آهن، پر هڪڙو راڻي نالي سان، سڀني کان سونهن ۽ عقل ۾ سرس آهي، بلڪ ائين چئجي تہ جيڪي بہ عاشق هيل تائين تنهنجي محلات جي در تي آيا آهن، انهن سڀني کان مٿانهون آهي. سائڻ! منهنجي صلاح آهي تہ تون انهيءَ سان هڪدم شادي ڪر ۽ هن جوڏي جوان کي ٻين وانگر نہ مارائجانءِ.“ اها ڳالهہ ٻڌي مومل کي في الحال تہ راڻي تي رحم آيو، پر پوءِ وري بہ پنهنجي دستوري فريب تي ڪار بند رهندي جواب ڏنائين تہ: ”جيڪڏهن سچ پچ، جيئن تون چوين ٿي، هو اهڙو ئي عقلمند آهي تہ پل مون کي پنهنجي همٿ سان هٿ ڪري. جيڪڏهن ان ۾ ناڪامياب ويو تہ عقلمند نہ آهي، پر بيوقوف آهي ۽ پوءِ مان هن جي ڏن دولت کي پنهنجي پيءُ جي خزاني ۾ ملائي ڇڏيندس.“

انهيءَ کان پوءِ مومل وڏيڪ لذيذ طعام تيار ڪرايا (ست رچيون ڏهرايون) ۽ انهيءَ ۾ قاتل زهر وجهائي ڇڏيائين. اهو کاڌو ٻانهيءَ کي ڏنائين تہ وڃي بادشاهہ ۽ سندس ڏٺهي وزيرن کي ڏي. ٻانهيءَ حڪم جي تعميل ڪئي. پوءِ ٻانهي کاڌي جا ٽانوَ هٿن جي اڳيان رکي، پنهنجي هٿن سان هنن کي وڏيندي ڏيندي وئي ۽ چوڏي پئي وئي تہ اِهي طعام سائڻ پنهنجي هٿن سان توهان لاءِ تيار ڪيا آهن، انهيءَ خيال کان تہ اوهان پٽ سلجهائڻ ۾ ٽڪجي چُور ٿي ٻيا هوندا.“

بادشاهه شينهن ۾ ڏُنار وزير جيڪر اِهو ڪاڏو ڪائي بي موت مري وڃن ها، مگر راڻي ڪاڏي سان هڪ گرنهه ڪتي کي آڇلائي ڏني. ڪتو گرنهه کائڻ سان، زمين تي ڦٽڪي ڪري پيو ۽ اِيذاءَ کان ڪوڪاٽ ڪرڻ لڳو. هميرَ سخت ڪاوڙ سان آڻي ڪڙو ٽيو ۽ وزيرن کي چيائين ته "هلو ته موٽي پنهنجي گهر هلون ۽ هن خونڊ کي اِتي ئي ڇڏي ڏيو." راڻي وراڻي ڏني ته، "موٽي وڃڻ گيدين جو ڪم آهي. اسان کي پنهنجي همت ڪرڻ گهرجي ۽ خدا جي مدد سان اسين هن فريبن کي هٽ ڪنداسون."

انهيءَ وچ ۾ ناتر محلات ڏانهن موٽي وئي ۽ مومل کي وڃي ٻڌايائين ته راڻي ڪيئن پنهنجي ساڻي کي زهر کان بچائي ورتو. ناتر وري به پنهنجي سانئڻ کي ليلايو ته راڻي کي جيئدان ڏي. مگر مومل هن کي چنبيو ۽ چيو ته جيڪڏهن مان هن کي ڇڏي ڏيندس ته سڀئي مون تي کلندا. هاڻي وڃ ۽ هنن جوانن کي هڪ هڪ ڪري سڏي اڇ ته منهنجي محلات ۾ پهچڻ جي سوڀ ڪٽن ۽ جڏهن آل بزار ۾ گهڙندا، تڏهن ڪين ساري سڌ پڇجي ويندي.

ناتر کي جيئن ئي سندس سانئڻ چيو، هن ائين ڪيو. پوءِ هميرَ بادشاهه وٽ وڃي عرض ڪيائين ته، توهان مون سان گڏ هلو. مومل توهان جي طلب ئي ڪري ته، توهان کيس حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. جيڪڏهن توهان هن جي ڪمري تائين پهچي ويا ته پوءِ هوءَ ساري جمار توهان جي آهي.

هميرَ اها گالهه ٻڌي ٽپ ڏيئي ناتر جي پويان سرنگهه ۾ هليو، جتي اونده ۾ هوءَ ڪانئس کسڪي وئي ۽ بادشاهه اڪيلو رهجي ويو. سومل جي جادوءَ جي رڦيل رمزن اهڙيون ته گجگوڙون ۽ رانيات لائي ڏنا، جن ته وحشي جانورن سڃيءَ فضا تي حملو ڪرائي ڏنو هجي. بادشاهه ڏري گهٽ

بيهوش ٿيڻ تي هو، پر پوءِ هن جلد هوش سنياليو ورتو ۽ سرت ۾ آيو. آخر ڪڏڻ تي اڳتي وڌڻ جي پچر چڏي پٺتي موٽڻ جي ڪيائين، جتي سندس ساٿي انتظار ۾ ويٺا هئا. اتي پهچي دوستن کي غار جي هيبتناڪ منظر ۽ خوفناڪ آوازن جو سربستو احوال ڏنائين ۽ چيائين ته هاڻي اسان کي هتي وڌيڪ ترسڻ نه گهرجي. هلو ته موٽي عمرڪوٽ هلون". انهيءَ تي راڻي ورندي ڏني ته "بادشاهه سلامت! توهان ڪوشش ڪئي، پر توهان ڪامياب ڪونه ٿيا، انهيءَ ڪري توهان کي ڪير به مٺو نه ڏيندو. پر جيڪڏهن اسين بنا آزمائش جي موٽي عمرڪوٽ هلنداسون ته اسان تي چٽرون ۽ ڪيلون ٿيندیون. چڏيو ته اسين به ڪوشش ڪري ڏسون، پوءِ جي هارايوسين ته گڏجي موٽي هلنداسون."

اوڏيءَ مهل ناتر خيمي ۾ گهڙي آئي ۽ ٽٽولي واري سُرڪ سان چوڻ لڳي ته "بادشاهه سلامت! توهان ته مومل جي باغيچي ۾ ترسيا ئي ڪين، اهي حال اٿو ته ڪيئن مومل ماڻي سگهندا؟ هاڻي اوهان جي وزيرن مان ڪهڙو ٿو مومل کي هٿ ڪرڻ لاءِ سون سان گڏجي هلي؟"

اها ٽوڪ ٻڌي، دنار ٽپ ڏيئي گهوڙي تي سوار ٿيو ۽ ناتر جي پٺيان سرنگهه ۾ گهڙيو. اڃا به-چار قدم اڳتي مس هليو ته هوءَ کسڪي وئي ۽ دُنار جي ڇوڪرطرف سومل جي رئيل ٽڪسات جي ڏمچر ڪيس لرزائي وڌو. هو دل جهلي ڪين سگهيو ۽ گهوڙي جي واڳ ڦيرائيندي ڏوڪيندو اڇي دوستن جي ديري تي پهتو ۽ سائين کي ساري ماجرا اڇي ٻڌايائين.

ڪجهه منڊن کان پوءِ ناتر وري باغ مان نڪري آئي ۽ گهُنڊ پائي چوڻ لڳي ته "بادشاهه سلامت! تنهنجي وزير ته تو جيتري به سٽ ڪانه جهلي! اهڙيءَ ڪمزور دل وارا مومل جي ماڻڻ جي چالاءِ ٿا سڏون ڪن؟"

اهو ٻڌي، شينهن آڏيو ۽ زره پائي پنهنجي پاڻ گهوڙي تي سوار ٿي، ناتر جي پٽيان سرنگهه ۾ هليو. مگر هن ڀرڻ دل کان جهلي ۽ گهوڙي کي ٻڌي ورائي اوجهڙ ۾ گهڙڻ کان اڳ ئي موٽي اچي ماڳ پهتو.

آخر ۾ راڻو پنهنجي قسمت آزمائيءَ لاءِ آڏيو ۽ ٻين سڀني هن کي روڪيو، مگر هن کاڻ ٻڌي. ايتري ۾ ناتر به خيمي ۾ موٽي آئي ۽ چوڻ لڳي ته "اوهان کي مومل جي باغيچي ۾ وڃي هڻ وقت جو زيان آهي. توهان سڀ بزدل آهيو! ٿوري ٿي آواز ٻڌي سهي وانگر وڃي ٿا پيو. اهڙا کائر کڏهن ٻ مومل جو منهن پسي نه سگهندا".

راڻو پنهنجي زرهه پائي، صمند گهوڙي تي سوار ٿي، ڏڻيءَ کان دعا گهرندو، ناتر جي پويان سرنگهه ۾ گهڙيو. ٻه-چار قدم هلي راڻي هن کي چوٽيءَ کان جهلي ورتو ته جيئن هوءَ چڙائي نه وڃي. نهايت قابو ڪري جهليائيس. انهيءَ مهل چوڏاري مومل جي جادوءَ جي ماندان خوفناڪ آواز ۽ گجگوڙون شروع ڪيون. انهيءَ سبيان راڻي جي ڪنن تي تاڙيون ۽ اڪين اڳيان اونداهه ٿي ويو. چالاڪ ۽ دغاباز ٻانهي جڏهن ڏٺو ته هاڻي راڻي کان پاڻ نه ٿي چڙائي سگهان، تڏهن چا ڪيائين جو راڻي کي هڪ تلاءَ جي ڪپ تي گهلي وئي، جتي راڻي کي وٺي ڏکو ڏنائين. راڻو گهوڙي سوڏو وڃي تلاءَ ۾ ڪري ۽ ڪرڻ سان چوطرف اونداهه ٿي وئي. انهيءَ اونداهه ۾ راڻي کي ٻانهيءَ جي حقارت ڀري ڪل جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

قسمت جي ڪايا وري هئي جو راڻو گهوڙي هيٺان اڇڻ ۽ ضرب رسڻ کان بچي ويو. وڏيءَ تڪليف سان رڙهندو ٻاهر نڪتو ۽ سرنگهه مان لنگهي اچي اوجهڙ ۾ پهتو. راڻو

اڃان ور وڪڙن ۾ ئي قاتل هو تہ ڪاڪ نديءَ جي پاڻيءَ وئي آڏل ڪيس. پاڻيءَ جي وهڪري کي آزمائڻ لاءِ راڻي هڪ سوپاري آڇلائي، جا ترڻ بدران نديءَ جي سطح تي بيهي رهي. راڻي انهيءَ مان سمجهيو تہ اها ندي هڪ طلسم آهي ۽ سامهون جيڪا زمين پئي ڏسجي، سا انهيءَ ويران بيابان جو ئي ٽڪر آهي. سو انهيءَ تان هلي وڃي نديءَ جي ڪناري تي پهتو ۽ جرئت سان انهيءَ ۾ قدم رکيائين. ندي هڪدم غائب ٿي وئي ۽ راڻو پنڌ ڪندو وڃي مومل جي محلات کي ويجهو ٿيو.

محلات جي اڳڻ ۾ شينهن چڱ ماري پيو هو، جڏ تہ هن جوان تي حملو ڪرڻ وارو هو، پر مومل مٿان درياءَ مان رڙيون ڪري هن کي چنيو. ان هوندي بہ راڻو تلوار ڪيڏي ڏوڪيندو، شينهن کي لتاڙيندو، محلات جي در مان نڪري ويو، جتان ماڙيءَ تي چڙهي، انهيءَ ڪمري ۾ ويو، جتي مومل ويٺي هئي. راڻو ڏوڪيندو سڏو هن جي ڪمري ۾ وڃي گهڙيو. مومل ڏوڙي وڃي پاڪر وڌس ۽ چيائينس تہ "اي بهادر راڻا، تو مون کي وڏيءَ بهاديريءَ سان جيتيو آهي. آءٌ اڄ کان تنهنجي آهيان ۽ مون کي قبول ڪر."

پيرهن قميءَ ويل راڻي مومل کان موڪلايو. پهريائين تہ مومل هن جي وٽانئس وڃڻ جي گالهہ ئي پڌڻ کانہ ٿي گهري، پر پوءِ راڻي وڃن ڏنس تہ هڪ رات سوڻي وٽس ايندو، تڏهن گهٽي روڄ راڙي کان پوءِ پنهنجي عاشق کي موڪل ڏنائين. راڻو زرهہ پائي، صمند گهوڙي تي چڙهي، اوجهڙ مان لنگهي، سرنگهہ پار ڪري، اچي راجا همير جي ديري تي پهتو، جتي بادشاهہ ۽ سندس ٻن وزيرن وڏي خوشيءَ مان هن جي ڪيڪار ڪئي، چاڪاڻ تہ هنن کي پڪ ٿي وئي هئي تہ راڻو ضرور انهيءَ سرنگهہ ۾ ختم ٿي ويو هوندو ۽ هُو راڻي کي مُٺو سڏائي ويڙا هڻا. سيئي هن کان پڇڻ لڳا تہ "تون ڪٿي

هئين؟ تون ايترو وقت ڇو ترسي پئين؟ توکي انهيءَ طلسمي محلات جي واڻ هٿ آئي ڇا؟"

راڻيءَ کي بادشاهه جي حسد جو ڊپ ٿيو، انهيءَ ڪري مايوسيءَ واري انداز ۾ جواب ڏنائين تہ مون ۾ هارايو. ساري رات انهيءَ نياڳي سرنگهه ۾ رلندو رهيس ۽ اجهو هينئر جان بچائي اوهان سان اچي ملیو آهيان.

شينرو ۽ ڏنار هن تي ويساهجي ويا، مگر بادشاهه هن جي ڳالهه تي شڪيو ۽ سمجهيائين تہ ڪوڙ ٿو ڳالهائي، چاڪاڻ تہ هن جي حالت اهڙي ڪانہ هئي، جهڙي شڪست کاڌل ماڻهوءَ جي ٿيندي آهي. آخر بادشاهه پنهنجي ٽٻهي وزيرن کي چيو تہ "اسان سڀني ۾ي همت ٿي هارايو آهي ۽ هاڻي اسان کي عمرڪوٽ هلڻ گهرجي، پر انهيءَ ماجرا جي ڪنهن سان ۾ ٻڙڪ ڪيڻ نہ گهرجي، ورنہ اسان جي خواريءَ جو ڏنڍورو ساري ديس ۾ شروع ٿي ويندو."

بادشاهه ۽ سندس ٽئي ساڻي وزير گهوڙن تي سوار ٿي عمرڪوٽ روانا ٿيا. هميرجي دل ۾ راڻي لاءِ بدگماني پيدا ٿي چڪي هئي. شينرو ۽ ڏنار پنهنجيءَ هار تي تمام گهڻو پريشان هٿا ۽ راڻو بادشاهه جي غصي جي غضب کان ڪافي ڊنو ٿي.

عمرڪوٽ ۾ پهچڻ تي راڻي کي پنهنجي وچن جي يادگيري پئي، جيڪو هو مومل سان ڪري آيو هو. پوءِ تہ روزانو رات جو راڻو پنهنجي هڪ تيزرفتار ڏاڇيءَ تي سوار ٿيندو هو، جا ڪيس ڪلاڪ-ڪ ۾ عمرڪوٽ کان مومل جي محلات ۾ آڻي پهچائيندي هئي، ۽ برهمڻ کان اڳ مومل کان موڪلائي، سج نڪرڻ کان اڳ پنهنجي گهر پهچي ويندو هو. اهڙيءَ طرح راڻو مومل وٽ ايندو ويندو هو. ٻئي طرف بادشاهه جو ڏمر ڏينهون ڏينهن وڌندو ٿي ويو.

نيٺ هن راڻي سان ڳالهائڻ چڏي ڏنو ۽ سوچڻ لڳو تہ ڪهڙيءَ ريت راڻي کي تباهہ ۽ برباد ڪجي.

آخر هڪ ڏينهن راڻي، بادشاهہ سان مخفي ملاقات ڪئي ۽ اهو قبول ڪيائين تہ مون اوهان سان ڪوڙ ڳالهايو هو ۽ پوءِ بادشاهہ کي رحم جي درخواست ڪيائين. هميئر پڇيس تہ جيڪي توسان ٿي گذريو، اهو سڀ مون کي ٻڌاءِ تہ مان توکي معاف ڪري چڏيندس. راڻي بادشاهہ کي اها ساري حقيقت ٻڌائي تہ ڪيئن هو سرنگهہ ۽ آل بازار مان لنگهي طلسمي نديءَ مان پار آڪري، تلوار هٿ ۾ ڪئي، مومل جي ڪمري ۾ ڏوڪيندو ويو، ۽ پوءِ مومل جي حسن جي ساراهہ اهڙن زوردار لفظن ۾ ڪيائين جو هميئر کي مومل جي ديدار جو شوق اڃي کان بہ وڌي ويو ۽ راڻي کي سختيءَ سان چيائين تہ "مان رڳو هڪ واريءَ مومل کي ڏسان، پوءِ آءٌ توتي اڳيئين وانگر مهربان رهندس."

. راڻي ٿوري دير ويچار ڪري، ورندي ڏني تہ "جيڪڏهن توهان بادشاهہ جي حيثيت ۾ هلندا تہ هوءَ توهان سان شايد ڪانہ ملڻ چاهيندي، پر جيڪڏهن توهان ڏنار جي ويس ۾ هلندا تہ هن کي شڪ ڪونہ پوندو ۽ اهڙيءَ طرح مومل کي چڱيءَ طرح سان ڏسي سگهندؤ."

آخر هميئر راڻي جي صلاح سان ڏنار جو ويس پائي، بوچڻ مٿي تي ويڙهي، لٺ هٿ ۾ ڪئي، تيزرفتار اٺ تي راڻي سان سوار ٿي ويئو. ٿوري وقت کان پوءِ مومل جي باغيچي جي ٻاهرئين دروازي وٽ اچي پهتا. راڻو اٺ جي واڳ وڻي سرنگهہ ۽ آل بازار مان لنگهي، ندي پار ڪري اچي مومل جي اڳڻ تي پهتو. هميئر بہ ساڻ هوس، هن اٺ کي اڳڻ تي جهڪايو ۽ اٺ جي مهار هميئر کي ڏيئي پاڻ محلات ۾ گهڙي، مٿينءَ ماڙي تي مومل جي ڪمري ۾ لنگهي ويو. مومل پڇيس تہ "اهو نٿون ماڻهو توسان ڪير آهي؟" جواب ڏنائينس تہ

"اسان جو ڏنار آهي." تنهن تي مومل وراڻي ڏنس تہ "ڏنار جو هار ۽ رنگ جو اهڙو پورو؟" راڻي وراڻي ڏني تہ "هانهيءَ جو پٽ آهي ۽ اسان جي گهر ۾ نهنو آهي." انهيءَ تي مومل کي شڪ ٿيو تہ هي ماڻهو ڏنار ناهي، سو انهيءَ آزمائش لاءِ پنهنجي هڪ مينهن گهرائي، راڻي کي چيائين تہ "ڏنار کي چئو تہ هيءَ مينهن ڏهي وڃي." ائين چئي راڻو ۽ پاڻ گڏجي محلات ۾ وڃي آرامي ٿيا.

هوڏانهن هميرَ مينهن کي تہ جيئن تيئن ڪري ڏهي ورتو، مگر هن جي جسم ۾ اڃي خارش ٿي ۽ زور سان کيرَ ڏهڻ سبب سندس هٿن ۾ لڦون پئجي ويون. هو مومل جي حسن ۽ راڻي جي خوشنصيبيءَ تي سوچيندي پنهنجي اندر ۾ ڪاوڙ لڳو ۽ راڻي کي نقصان رسائڻ جا پهه پچائڻ لڳو. هينئر هن کي مومل جي محلات ۾ هڪ منٽ به وڌيڪ ترسڻ نٿي وڻيو. راڻي هن جي حسد ۽ بيقراريءَ کي تاڙي ورتو ۽ مومل کان موڪلائي اڳڻ ۾ وڃي بادشاهه کي ريجهائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو، مگر بادشاهه جي ڪروڌ جي باهه تنهان ئي تيز ٿيندي ويئي. آخر راڻو بيوس ٿيڻ جي همير سان گڏ موڻي عمرڪوٽ آيو.

عمرڪوٽ پهچڻ شرط هميرَ، راڻي کي ڪٽي قيد ۾ وجهايو، جتي ست راتيون ۽ ست ڏينهن هڪ ڪوٺڙيءَ ۾ بند رهيو. ائين ڏينهن راڻي جي پيڻ، جا هميرَ جي سڱي راڻين ۾ حسين هئي، مرّس کي پاڻ ۾ رهائيءَ لاءِ ليلايو. پهريائين تہ هميرَ نهڪار ڪئي، پر پوءِ چيائين تہ "سيائي مان راڻي کي هڪ پرولي ڏيندس، جيڪڏهن اها پڄائين تہ آءٌ ڪيس آزاد ڪندس، پر جيڪڏهن پڌائي نہ سگهيو تہ قاسيءَ تي لٽڪائيندوسانس." راڻي جي پيڻ پنهنجي مرّس کي انهيءَ خيال تان لاهڻ جي گهڻي ئي ڪوشش ڪئي، پر هميرَ پنهنجي ضد تي قائم رهيو.

ٻئي ڏينهن راڻو، صبح جو، زنجيرن ۽ جکڙيل شاهي درٻار ۾ آندو ويو. بادشاهه هن ڏانهن سخت کاوڙ ۽ نفرت سان نهاريندي چيو تہ "مون کي توکان هڪ پرولي پڇڻي آهي، جيکڏهن تو سڻي تہ پوءِ تون آزاد آهين، پر جيکڏهن تو نہ پڇي تہ توکي اڄ جو اڄ موت جي سزا ڏبي." راڻي هٿ ٻڌي، وراڻيو تہ "جيکا بادشاهه سلامت جي مرضي." ان کان پوءِ همير وراڻيو تہ "اڇا هيءَ پرولي آهي:"

"ريشمي ساڙهيءَ ۾ ايڏو انگ ڪيئن آيو؟"

راڻي جي ڏاهپ کي موسل جي معاملي ۾ اڳي ئي آزمايو ويو هو، سو کجهه سوچ ويچار کان پوءِ جواب ڏنائين:

"همير پنهنجي راڻيءَ سان، جنهن کي تازو نئين ڦر هار چاول هو، ناز نخرا پئي ڪيا تہ ايتري ۾ سندس هار ڪير لاءِ رُنو، جنهن تي راڻي ٽپ ڏئي آئي تہ ساڙهي ڦاٽي پيس."

همير کي پنهنجي وزير جي حاضر جوابيءَ تي حيراني ٿي ۽ هڪدم هن جي آزاديءَ جو حڪم ڏنائين. ايتري قدر جو سيکجهه موڪلائي ڏنائينس ۽ سندس پراڻا القاب ۽ عطا ڪيائينس. ان کان پوءِ راڻو هر رات، اڳي وانگر، پنهنجي ڪٺ تي سوار ٿي، موسل جي ملاقات لاءِ ويندو هو.

آخرڪار راڻي جي زال ۽ سندس پيءُ ڪبير کي راڻي جي روزانو گم ٿيڻ تي شڪ جاڳيو. راڻي جي گهر واريءَ کي پنهنجي مڙس جي ڪپڙن تي ڪاڙهي ڏَرُ ۽ عمرڪوٽ جي اڇي مٽي نظر آئي، ۽ ساڳئي وقت موسل ۽ راڻي جي عشق جا قصا ڪوٽ ڪوٽ ۽ ڪبير جي ڪَنَ تي اڇي پيا. هن کي عجب لڳو تہ ڪيئن راڻو راتورات موسل وٽ وڃي ۽ موٽي سگهي ٿو، ڇو تہ فاصلو تمام گهڻو هو. گهٽيءَ جاچ کان پوءِ کيس هڪ تيز رفتار ڏاڇيءَ جي خبر پيئي، جنهن کي هن هٿ ڪري، ڪُهرائي ڏيو ڪيو، ۽ هاڻ ڪ ٽيس تہ راڻو، موسل وٽ پهچي ڪونہ سگهندو.

انهيءَ رات راڻي پنهنجي ڏاڇيءَ جي ڪولا ڪئي، پر هن کي هٿ نہ آئي ۽ نڪي هن کي جَتَ ملیا، ڇاڪاڻ تہ جڏهن ڪبير ڏاڇيءَ کي ڪنڌرائڻ لاءِ آتاولو هو، تڏهن هو خوف سبباں ڇڄي نڪتا هئا. آخرڪار هن کي ٻوڙو جَت ملیو، جو پٺتي رهجي ويو هو. راڻي هن کان نهايت ئي رازدارانہ نموني پڇا ڪئي تہ "منهنجي ڏاڇي ڪٿي آهي؟" ٻوڙي جت جواب ڏنو "تنهنجي ٻيءَ ڪهرائي چڏي، پر انهيءَ جو هڪ تودو آهي، جو توکي اهڙيءَ ئي تيزيءَ سان پهچائيندو." ائين چوندي هن کي ڳڻن جي جهوڪ ٿي وئي آيو، ۽ اهو تودو، راڻي جي حوالي ڪيائين، ۽ ٻوءِ راڻي جي لانگ ورائڻ جي دير هئي. ان پنهنجي ماڻ کان بہ تيز رفتاريءَ سان راڻي کي مومل جي محلات ۾ آڻي رسايو.

ان رات راڻو پنهنجي دستور خلاف مومل وٽ ساري رات کين ترسيو، بلڪ صبح کان اڳ گهر موٽي آيو ۽ ڪپڙا صاف ڪري اڇي زال وٽ حاضر ٿيو تہ جيئن هن کي شڪ نہ پوي. راڻي کي صبح جو گهر ۾ ڏسي جوٽس ۽ سندس ٻيءَ سمجهيو تہ راڻو هاڻي مومل وٽ ڪونہ ٿو وڃي.


بدقسمتيءَ سان مومل ۽ راڻي جي محبت جو قصو مومل جي ماڻ جي ڪنن تائين پهتو ۽ مومل جي ٻيڻ سومل کي بہ اها خبر پڇجي ويئي. ماڻ کي پنهنجي ڏيڻ جي بدناموسيءَ جو گهٽو ارمان ٿيو، مگر سومل کي پنهنجيءَ ٻيڻ مومل جو راڻي سان عشق ۾ آڙڃڻ ۽ پنهنجي ڪاروبار (شهزادن کي ڦاسائڻ ۽ دولت حاصل ڪرڻ) کي ترڪ ڪرڻ جو وڏو افسوس ٿيو. هن سوچيو تہ هاڻي ٻيءَ جي وڃايل خزاني جو پورائو نہ ڪري سگهبو. آخر سومل هڪ ظالمانہ ستِ سڻي، ڇا ڪيائين جو هڪدم مومل جي محلات ۾ ويئي ۽ هن کي ڪريلي نموني جو پيار ڏيڪاري ساٿس گڏ سمهي ٻڌي. رات جو

جڏهن مومل کي ننڊ کٽي ويئي، تڏهن سومل پلنگ تان آٿي، مرداڻو ڪپڙا پهري وري اچي هن جي پاسي ۾ ليٽي پئي.

هوڏانهن راڻو پنهنجي تيز اک تي اوندهي رات ۾ پنهنجي محبوب ڏانهن پئي ويو. وات تي هن کان رستو وڃائجي ويو. اوچتو هڪ اوٺيءَ تي نظر پوندي کانئس مومل جي محلات جو ڏس پڇيائين. حقيقت هيءَ هئي ته اهو اوٺي خود سومل جو موڪليل هو ۽ راڻهي جو انتظار ڪري رهيو هو. هو چوڻ لڳو "آها مومل، جا راجا نند جي ڏيءَ آهي ۽ سيتل جي ساهيڙي آهي؟" ائين چوندي، راڻهي کي رستو ڏيکاريائين. راڻي اِهي لفظ هڪ ڪن کان ٻڌي ٻئي کان ڪڍي ڇڏيا، ڇو ته ڪيس مومل جي محبت ۽ وفاداريءَ تي يقين هو. راڻو محلات ۾ پهچي ويو ۽ ماڙيءَ تي چڙهي، مومل جي ڪمري جو در کوليائين. چا ڏسي ته هن جي پر ۾ هڪ مرد سُتو پيو آهي. اوڏيءَ مهل وات تي گڏجندڙ اوٺيءَ واري ڳالهه ذهن تي تري آيس.

راڻي کي اول ته اهڙو جوش آيو، جو چاهيائين ته تلوار جي هڪ ڌڪ سان پنهي کي آتي جو اتي پورو ڪري ڇڏي، پر پوءِ جڏهن مومل جي من موهيندڙ پيشانيءَ تي نظر پيس، تڏهن تڏو ٿي ويو. هن پنهنجي اک کي هڪڙي وارو لڪ مومل جي پاسي ۾ رکيو ۽ ڏاڪڻ تان آهستي آهستي لهي، اک تي سوار ٿي عمرڪوٽ واپس پهتو.

صبح جو مومل جڏهن ننڊ مان سجاڳ ٿي، تڏهن پنهنجي پاسي ۾ راڻي جو لڪ پيل ڏٺائين. باهر نڪري ڏٺائين ته اک جي اڇ ۽ وڇ جا پيرا به موجود هئا. سمجهي وئي ته راڻو رات آيو هو ۽ سومل کي منهنجي پاسي ۾ ستل ڏسي، بيوفا سمجهي موٽي هليو ويو. سڄي ڏينهن جي انتظار کان پوءِ مومل هن ڏانهن ليلائي نياپو ڏياري موڪليو ته "پلائي ڪري موٽي مون وٽ آءُ. تو جنهن ماڻهوءَ کي مون سان گڏ ستل



مومل

ڏئو هو، آهو ڪو مرد ڪونہ هو، پر منهنجي پيڻ سومل هئي."
راڻي انهيءَ قاصد هٿان جواب موڪليو تہ: "مون جيڪي اکين
سان ڏٺو، تنهن تي ڪيئن نہ ويساهہ ڪريان؟ ڪاءِ، عورت
مرد جا ڪپڙا پائي ڪانہ سمهندي آهي." انهيءَ جواب ڪان
پوءِ مومل هڪپئي پٽيان ڪيئي قاصد موڪليا تہ راڻي سان
ملي ڪيس اصلي حقيقت کان آگاهہ ڪن، مگر راڻي کي ويساهہ
نہ آيو، سو نہ آيو. آخر راڻي قاصد هٿان اهو جواب ڏياري
موڪليو تہ "مومل کي وڃي چئو تہ مان توکي هرگز معاف
نہ ڪندس، توڙي ڪٿي تون منهنجي در تي ڪيترو ئي ليلائي
اچي معافي گهڻرين."

جڏهن قاصد اهو نياپو مومل کي اچي ڏنو، تڏهن هڏڻ
شرط مومل جي دل کي سخت صدمو رسيو، پر پوءِ همت
ڪري، مرداڻا ڳيڙوءَ رتا ڪپڙا پائي ۽ ڪشتو هٿ ۾ کڻي
در در سڻ هٽندي اچي عمرڪوٽ پهتي. انهيءَ ئي ڏينهن
پٽا پار پڃي اچي راڻي جي دروازي تي سڻ هنيائين. هڪ
ردپلي آواز واري سڻ ٻڌي، راڻو ٻاهر نڪتو. فقيرکي مرداڻا
ڪپڙا ڏسي سڃاڻي ڪونہ سگهيو، پر هن جي موهيندڙ مهانڊي
تي موهت ٿي پڃائين تہ. "فقيرا! توهان ڪٿان آيا آهيو؟
ڪڏهن کان سنياسي ٿيا آهيو؟ اصل کان انهيءَ حالت ۾ هٿا
يا دنيا کان بيزار ٿي ڪنهن ساڌوءَ جي سنگت ۾ هيءَ روپ
ورتو اٿو؟" سنياسيءَ جواب ڏنو تہ "ڪنهن ساڌوءَ جي سنگت
۾ هيءَ روپ کين ورتو اٿم، پر ڏکي سنسار جا ئي ڪرشما
آهن، جنهن هيءَ ماڪ ڏيکاريو آهي." راڻو هن جي جواب
کان تمام گهڻو متاثر ٿيو ۽ نهايت دل جي محبت سان چيائين
تہ "سيلاني، ٻہ-چار ڏينهن اسان کي پنهنجيءَ خدمت جو جيڪر
موقعو ڏين تہ تنهنجا وڏا لائق ٿيندا." مومل تہ پنهنجي دل
۾ ڏٺيءَ کان اهوئي سوال ٿي گهريو، سو سواءِ ڪنهن رد ڪد
جي هڪدم ڪنڊ ڏوڻي هاڪار ڪيائين.

ٻن - چئن ڏينهن گذرڻ کان پوءِ، هڪ ڏينهن راڻي سنياسيءَ کي ڏاري راند جي آڇ ڪئي ۽ ڪائنس راند جي هارجيت جا شرط پڇيائينس. سنياسيءَ وراڻي ڏني تہ: "جيڪڏهن مون کٽيو تہ مان توهان وٽ هميشه لاءِ ترسي پوندس، پر جي هارايم تہ سڀاڻي هتان هليو ويندس." راڻي ڪلندي جواب ڏنو تہ: "جيئن توهان جي مرضي." ائين چئي ٻئي ڇٽا راند تي ويهي رهيا. راڻو پنهنجو وارو هليو ۽ جيئن ئي مومل جو وارو آيو ۽ ڏاري کٽڻ لاءِ پنهنجو هٿ ڏگهيريائين، تيئن هن جي ٻانهن اگهاڙي ٿي پيئي ۽ بدقسمتيءَ سان ٻانهن وارو تير، جو راڻي جو ڏڻل هو، ظاهر ٿي پيو. ٻانهن جي تير تي نظر پوندي، راڻو راند ڇڏي، ٽپ ڏيئي، اٿي ڪڙو ٿيو. مومل ڄاڻي ويئي تہ راز ظاهر ٿي پيو. پوءِ تہ مومل راڻي کي راضي ڪرڻ لاءِ آزين ۽ نيزارين ۽ ڪاب ڪوتاهي ڪانہ ڪئي، پر راڻي جي دل تي ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيو، ۽ هو پنهنجي ضد تي قائم رهيو.

مومل دل شڪستہ ٿي شهر کان ٻاهر نڪتي، هن سوچيو تہ هاڻ هن زندگيءَ کان مرڻ بهتر آهي. اهو فيصلو ڪري هڪ چڪيا تيار ڪرايائين. اها خبر راڻي جي ڪنن تائين وڃي پهتي تہ هڪ سٽي پاڻ کي شهر کان ٻاهر چڪيا تي چاڙهي رهي آهي. هن کي يقين ٿيو تہ شايد اها مومل هجي، جنهن ناااميد ٿي، اهو قدم محبت جي ناڪاميءَ سببان کنيو آهي. اهو سوچي هن کي سخت ارمان ٿيو ۽ بي اختيار ٿي دانهن ڪري چيائين تہ: "او مومل! مون توکي معاف ڪيو، آءٌ غلطيءَ تي هوس. مان تنهنجي محبت کي سچو سمجهان ٿو." پر هاڻي چا ٿي سگهيو. محبت پنهنجي آخري انجام جو فيصلو ڪري چڪي هئي. مومل وراڻيو: "تنهنجي انهيءَ اقرار کان پوءِ مون لاءِ هاڻي وڌيڪ بي ڪهڙي خوشي ٿي سگهي ٿي." ائين چئي، هن هڪدم پنهنجو پاڻ مچ ۾ اڇلي وڌو.

باهم جو وڏو پنيت آسمان کي ڇهي رهيو هو. مومل جو هيءُ انجام ڏسندي، راڻي جو هوش حواس گم ٿي ويو. هن بي اختيار بنجي ڊوڙي وڃي باهم ۾ ٽپ ڏنو. اهڙيءَ ريت هي ٻيئي عاشق ۽ معشوق، محبت جي آخري امتحان ۾ پنهنجو پاڻ سچو ثابت ڪري، هميشه لاءِ جاودان بنجي ويا.

۴- راجبالا

راجبالا ويشلپور جي هڪ ٽڪر، پرتابسنگ جي ڏيءَ هئي ۽ ساري ملڪ ۾، سونهن سوڀيا، عقل ۽ سمجهه ۽ جرئت ۾ پنهنجو مٿ پاڻ هئي. اڃا ننڍڙي هئي، جو سندس پيءُ هن جو مڱڻو سوڍي راجپوت، انارسنگ جي پٽ اجيتسنگ سان ڪري ڇڏيو هو. هي انارسنگ امرڪوٽ تي راڄ ڪندو هو.

انارسنگ هڪ ننڍڙي ملڪ جو راجا هو ۽ جيئن ته هن پاڻ وٽ گهوڙيسوارن جو هڪ لشڪر رکيو هو ۽ انهن جي خرچ جي پورائي لاءِ پنهنجي پاڙيسري ملڪ جي ڪوٽن تي ڦرلٽ ڪرائيندو رهندو هو. هڪ ڏينهن سنڌ جي راجا، پنهنجو خزانو هڪ پيدل قافلي سان ڪنهن طرف روانو ڪيو. اها خبر انارسنگ جي ڪن تي وڃي پئي، جنهن فيصلو ڪيو ته انهيءَ خزاني کي ضرور لٽجي. ان نيت سان پنهنجي گهوڙيسوارن سان قافلي کي گهيرو ڪري انهن تي حملو ڪيائين، مگر خزاني جي حفاظت وارا وڏا بهادر ۽ فرض شناس هئا، ان ڪري وڏيءَ مردانگيءَ سان مقابلو ڪيائون. انارسنگ جا گهوڙيسوار کي پڪا ۽ ڪيترا قيد ٿيا. سنڌ جي راجا کي جڏهن اها خبر پيئي، تڏهن انارسنگ کي سيکٽ ڏيڻ لاءِ، سنڌس سموري جائداد ضبط ڪري، کيس سنڌس ملڪ مان نيڪالي ڏيئي ڇڏيائين. بدنصيب انارسنگ پڇي وڃي ڪنهن هنڌ پناهه ورتي، جتي آخرڪار غربت ۽ گمنامي ۾ مري ويو.

انارسنگ جي موت کان پوءِ، هن جي بيوه زال، پنهنجو سارو تن من پنهنجي پٽ اجيتسنگ، جي سنڀال لاءِ وقف

ڪري ڇڏيو. آخرڪار جنهن وقت سندس پٽ ڏوهہ جوانيءَ ۾ قدم رکيو، انهي وقت هوءَ گذاري ويئي. اجيتسنگ پنهنجي مٽي اکيلو رهجي ويو. پهريائين سنڌ جي راجا کي سنت ڪپائين تہ سندس ملڪ سوٽائي ڏني، پر راجا انڪار ڪري ڇڏيو. تنهن ڪان پوءِ هن کي پنهنجي مڳيندي، راجبالا، جو خيال آيو ۽ هڪ عزيز کي ٺاڪر پرتاپسنگ ڏانهن موڪليائين تہ وڃي هن کي چوي تہ پنهنجو وعدو پورو ڪري ۽ پنهنجي ڏيءَ هن کي پرڻائي ڏئي.

جڏهن اجيتسنگ جو ماڻهو، ويشلپور پهتو، انهيءَ وقت راجبالا سورهن سالن جي هئي ۽ هوءَ پنهنجي ننڍيءَ عمر ۾ ٽيل مڳڻي بابت ٻڌي سوچيندي هئي. جڏهن خبر پيس تہ هو هينئر هڪ وڏو بهادر ۽ سهڻو جوان آهي، تڏهن هن کي انهي ڳالهہ جي ڪابہ پرواهہ نہ رهي تہ هو هينئر دنيا ۾ سيڪجهہ وڃائي ويٺو آهي. راجپوت لاءِ تلوار کان وڌيڪ ٻي ڪابہ دولت ڪانہ ٿي سگهي، سو جڏهن اجيتسنگ جو قاصد ويشلپور آيو، تڏهن راجبالا ڪيس چوائي موڪليو تہ آءٌ هرحالت ۾ تنهنجي آهيان، پوءِ چا ٻہ ٿئي ۽ جيڪڏهن منهنجي ٻيءَ شاديءَ کان انڪار ڪيو تہ آءٌ ٻئي ڪنهن سان ٻہ شادي ڪانہ ڪنديس.

ٺاڪر پرتاپسنگ جواب ۾ چيو تہ "مان راجبالا جو سڳ ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، مگر مون کي اها پڪ ڏئي تہ هو مون تي ڪين ڀاڙيندو ۽ ٻيو شرط هيءَ آهي تہ پاڻ سان ۲۰ هزار رپيا ڪٽي اچي تہ راجبالا جو سنگ ڪيس ڏيندس".

قاصد ٻئي نياپا ڪٽي اچي اجيتسنگ کي ٻڌايا. هو راجبالا جو نياپو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو، مگر ٺاڪر جو شرط ٻڌي پريشان ٿيو. ۲۰ هزار تہ ٿيو، پر ۲۰ رپيا ٻہ هن وٽ پونجي ڪانہ هئي ۽ انهيءَ ڳڻتيءَ ۾ ڪجهہ عرصو غلطان رهيو. پر آخر هن کي جيسلمير جي هڪ شاهوڪار صراف

جي يادگيري آئي، جنهن سان هن جو پيءُ اکثر وهنوار رکندو هو. هو جيسلمير ويو ۽ صراف کي پنهنجي کهاڻي ٻڌائي، هن کان ۲۰ هزار روپيا اڌارا گهرياٿين. ٻيو صراف ڪجھ دير تائين اجيٿينگ ڏانهن ڏسندو رهيو ۽ آخر جواب ڏنو ته ۲۰ هزار توکي ڏيندس، مگر شرط هيءُ آهي ته زال کي تيستائين پنهنجو نه ڪري سمجهندين، جيستائين اهو قرض وياج سميت سون کي ادا نه ڪندين. بدنصيب اجيتسنگ پهريائين خيال ڪيو ته اهو شرط قبول نه ڪري، مگر پوءِ کوڙ وسيلو پٺسن هٽ ڪرڻ جو نه ڏسي، آخرڪار راضي ٿيو ۽ ۲۰ هزار روپيا وٺي ويشلپور روانو ٿيو.

ٻڌي ٽڪر، جنهن سمجهيو هو ته انهيءَ شرط سببان اجيتسنگ مان جند آزاد ٿيندي، تنهن جو اجيتسنگ کي محلات جي دريءَ مان ايندي ڏٺو، سو ڪٿيءَ ڀڄي ويو. هو وڃن ڏٺي ويڙهو هو، سو ناڪار نڪي ڪري سگهيو. آخر راجبالا کي اجيتسنگ سان مناسب رسمن رواجن جي ادائگيءَ سان پرڻايائين ۽ کين رهڻ لاءِ پنهنجو هڪ محلات ڏنائين.

جڏهن هيءُ جوان جوڙو رات جو آرامي ٿيو، تڏهن راجبالا کي هي ڏسي حيرت لڳي ته مڙس تلوار مياڻ سان ڪيڏي، پنهي جي وچ تي رکي ڇڏي. شرميلي راجبالا کان اهو نٿي پڳو، جو مڙس کان ان ڳالهه جو سبب معلوم ڪري. ڪيترائي ڏينهن ائين گذري ويا. آخرڪار همت کي هٽ ڀ جهلي، هن وٽ ويئي ۽ چيائينس: "منهنجي دل جا راجا! مان اکثر توهان کي ٽڏو ساهه ڪندو ڏسندي آهيان، جڏ کنهن وڏي غم جو شڪار آهيو. مان توهان کي منٽ ٻي ڪريان ته مون کي ٻڌايو ته ماجرا ڪهڙي آهي؟ مان توهان جي پاڻهي آهيان، اوهان جيئن به چوندؤ، سان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، ويندي پنهنجي جان ۾ توهان لاءِ ڏيڻ کان نه ڪيهائيندس. هر تڪليف جو ڪوڙ کو علاج ضرور آهي، مگر غم لاءِ

انهيءَ کان وڌيڪ ٻيو ڪوبہ مؤثر ڏَسُ ڪونهي تہ پنهنجي دل جي دوست سان حال اورجي."

پهريائين تہ اجيتسنگ کي کين ڪچيو، پر پوءِ اکيون مٽي ڪيائين ۽ راجبالا جي سندر ۽ سهڻيءَ صورت ۽ سادي ٻوليءَ هن کي موهي وڌو ۽ هن جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي ساري ڪهاڻي ڪيس ٻڌايائين.

راجبالا ڪهاڻي ٻڌي، رڙ ڪري چيو تہ "سائين! تو سون کي منهنجي لائقيءَ کان ٻيحد وڌيڪ ملهہ ڏُني ورتو آهي، مگر هاڻي هتي ترسڻ سان توکان ويهہ هزار ڪتان گڏ ٿيندا. اسان کي هتان پڄي هلڻ گهرجي. مان ڇوڪراڻو ويس ڪندي ۽ اسين ائين ڏيکارينداسين تہ پاڻ ۾ سَنڊوٗ آهيون. اسان کي جلد کان جلد هتان نڪرڻ گهرجي. اسين جيترو جلدي ڪنداسون، اوترو ئي ترت انهيءَ منحوس صراف کي ويهہ هزار موٽائي ڏيئي سگهنداسون."

انهيءَ ئي رات راجبالا مردانو ويس ڪيو ۽ جڏهن محلات ۾ سيئي سمهيا پيا هئا، تڏهن اجيتسنگ ۽ راجبالا ٻئي گڏجي محلات کان ٻاهر نڪتا. گهوڙن کي خرزين چاڙهيائون ۽ سوار ٿي ويشلپور کان نڪري روانا ٿيا.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ، اڏيپور جي راڻي، جگتسنگ جيئن پنهنجي گهر جي ڪنڊ تي ويٺي پنهنجي شهر کي ڏٺو تہ اوچتو هن هڪڙا ٻہ جوان گهوڙن تي سوار شهر جي دروازي ڏانهن ايندا ڏٺا. هنن جو ڏيل ڏول اڻ ڏٺل هو، ان ڪري ماڻهو موڪلي کين پاڻ وٽ گهرايائين. هنن جوانن راڻي کي سلام ڪيو ۽ منجهائن وڏي ٻڌايو تہ: "اسين راجپوت آهيون، منهنجو نالو اجيتسنگ آهي ۽ منهنجي سالي جو نالو گلابسنگ. اسين نوڪريءَ جي تلاش ۾ نڪتا آهيون ۽ قدرت اسان کي توهان جي دربار ڏانهن وٺي آئي آهي."

راڻو نوجوان راجپوت جي سادگيءَ گفتار مان ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هنن ٻنهي جوانن کي پاڻ وٽ اجهو ڏنائين ۽ حڪم ڪيائين ته روزانو هنن کي پنج رپيا کاڏي خرچ لاءِ ڏنا وڃن. شروع ۾ اجيتسنگ ۽ راجبالا آدرپاڻ تي ڏاڍا سرها ٿيا، پر جيئن جيئن وقت گذرندو ويو ته هنن ڏٺو ته صراف جي قرض کان نجات جا آثار نظر کين ٿا اچن. هو اڏيپور ۾ سانوڻ کان ٻورو اڳ پهتا. مينهن جي مند جلد گذري وئي ۽ دسهڙو اچي پهتو، مگر هو پنهنجي روزانه جي پٽي مان ڪجهه به نه بچائي سگهيا هٿ، چاکاڻ ته اها رقم کاڏي ۽ ڪپڙي لاءِ مس پوري هئي.

هڪ ڏينهن راڻي جگتسنگ، هميشه جي دستور موجب دسهڙي جي شڪار جي تياري ڪئي ۽ دسهڙي واري ڏينهن شڪار تي نڪتو. ان سان گڏ گلابسنگ ۽ اجيتسنگ به ويا. هو جيئن رستي سان ويا پئي ته هڪ پيادو شخص ڊوڙندو ونڊن آيو ۽ اچي خبر ڏنائين ته هڪ شينهن ۽ ڪجهه هرڻ پريان ڏسجن پيا. راڻي هڪدم ويچاريو ته چونه شينهن جو شڪار ڪجي ۽ پوءِ هڪل ڪري چيائين ته "دسهڙي جي ڏينهن شينهن جو شڪار بلڪل موزون آهي". ۽ پوءِ هاڻيءَ تي سوار ٿي ۽ پنهنجن اميرن سان انهيءَ هنڌ پهتو. شڪار تي ٽن پاسن کان گهيرو ڪيو ويو ۽ شينهن کي سوڙهه مان ڏکيلي، جتي راڻو جگتسنگ انتظار ۾ ٻيٺو هو، اتي آندائون اميرن ٻين پاسن کان گهيرو ڪيو. هڪ هيبتناڪ شينهن هڪدم راڻي تي حملو ڪيو ۽ راڻي جي هاڻي تي ڪاهه ڪيائين ۽ اهڙو ته خوفناڪ منظر هو جو راڻي جو خوف ۽ هراس وڃان تير ۽ ڪمان پٽ تي ڪري پياه وحشي درندي، هاڻيءَ جي سونڊ تي چال ماري ڪپل ماس جو ٻڪي ورتو، ۽ وري ٻيو حملو ڪيو. هاڻي سور ۽ زخم کان بيحال ٿي ڪرڻ تي هو ته گلابسنگ، اجيتسنگ ڪي، راڻي جي مدد لاءِ رڙ ڪئي.

فقط آواز جي ديـر هئي. اجيتسنگ هڪدم گهوڑي تي سوار ٿي تيز رفتاريءَ سان شينهن کي تيز پالو آر پار لنگهائي وڌو ۽ شينهن زمين تي ڪري پيو. انهيءَ کان اڳ جو هو ساه کٽي وري اٿي، گلاب سنگ پنهنجي تلوار جي هڪ ٽي ڏڪ سان هن جي سسي ڏڙ کان ڌار ڪري ڇڏي. آنهيءَ کانپوءِ گهوڑي تان هيٺ لهي، شينهن جا ڪن ۽ چنبا ڪپي خرزين ۾ وجهي، تيز رفتاريءَ سان گهوڑي کي هڪليندو پنهنجي مڪان تي اچي پهتو.

راڻي جو موت جي منهن مان هن طرح بچڻ تي هڪ معجزو هو. هو پوءِ ٻئي هاڻيءَ تي سوار ٿيو، ۽ پنهنجي اميرن کي چوڌاري ٻيهاري ٻچيائين تہ اهو ڪير هو، جنهن شينهن کي ماريو؟ چو تہ گلاب سنگ جو اڃ ۽ موٽڻ جهٽ پٽ ٿيو هو ۽ راڻو هن کي سڃاڻي نہ سگهيو هو. هر هڪ امير اهو ٻڌي رايو ڏيکاريو تہ "مون ٻڌي اهو سور هيائيءَ جو ڪر ڪيو آهي." مگر راڻو ڪنڌ ڏوڻي، پنهنجي هاڻيءَ تي چڙهي اچي محلات ۾ پهتو.

محلات جي در وٽ پهچي، پنهنجي اميرن کي حڪم ڪيائين تہ سڀ سندس پر وٽان لنگهن، جو هن جو خيال هو تہ پنهنجي ٻچائيندڙ کي ڏسندو تہ ضرور سڃاڻي ويندو. جڏهن گلاب سنگ هن جي سامهون لنگهيو، تڏهن راڻي هن کي سڃاڻي ورتو ۽ سڏ ڪري چيائين تہ، "آهو راجپوت تون آهين، جنهن شينهن کي ماري منهنجي جان بچائي." گلاب سنگ ادب سان جواب ڏنو: "جيئندا قبلا! جيئن توهان سمجهو ٿا، تنهن ٽي شينهن کي ماريو آهي." راڻو اهو ٻڌي منجهي پيو ۽ پڪ کانہ ٿيس تہ کو منهنجو گمان ليڪ آهي. مگر اجيت سنگ اڃي ڪليو ۽ چوڻ لڳو تہ: "غريب پرور! جنهن بہ شينهن کي ماريو هوندو، تنهن ضرور ان جا چنبا ۽ ڪن پاڻ وٽ شاهدي لاءِ رکيا هوندا." راڻي ڪاوڙ مان هن جي طرف نهاريو

۽ چيائين تہ: "ڪن هجنس يا نہ، چنبا هجنس يا نہ، مگر تو تہ شينهن نہ ماريو آهي." اجيت سنگ لڄي ٽيو ۽ چيائين تہ: "مون تہ ڪونہ ماريو آهي. مگر جنهن ہ ماريو آهي، تنهن وٽ ان جا چنبا ۽ ڪن ضرور هوندا."

انهيءَ ڪانپوءِ واڻي کي يادگيري آئي تہ اجيت سنگ ۽ گلاب سنگ پاڻ ہ سالا پيٽيويا آهن، تنهنڪري گلاب سنگ کي حڪم ڪيائين تہ: "جيڪڏهن هن وٽ ڪن ۽ چنبا آهن تہ ظاهر ڪري." گلاب سنگ گهوڙي تان هيٺ لٿو ۽ پنهنجي خرزين مان شينهن جا چنبا ۽ ڪن ڪڍيائين ۽ ادب سان راڻي جي سامهون رکيائين. راڻي خوشيءَ وچان گلاب سنگ جي سورهيائي ۽ حياءَ جي تعريف ڪئي ۽ هن کي سندس بهادريءَ جي عيوض هڪ چوغو عطا ڪيائين. اجيت سنگ کي پنهنجي دربان جو سهندار مقرر ڪيائين ۽ گلاب سنگ کي پنهنجي شاهي محلات جي چارج ڏنائين. هنن کي شاهي بخشش کي قبول ڪرڻ کانسواءِ ٻيو چارو ڪونہ هو، مگر هنن ٻنهي کي هن قسر جي مستقل جدائي تي بيحد صدمو رسيو.

سانوڻ گذريو سيارو آيو، پر صراف وارن ويهڻ هزارن جي ادائگيءَ جو ڪوبہ امڪان نظر نہ ٿي آيو. هڪ ڏينهن شام جو هڪ زبردست طوفان لڳو. گلابسنگ ان وقت راجائي محلات جي حاضريءَ تي هو ۽ اجيتسنگ راجا سان گڏ هو. راجا اجيتسنگ کي آرام ڪرڻ جي اجازت ڏني ۽ پاڻ راڻيءَ وٽ وڃي آرامي ٽيو. انهيءَ وقت ويچارو گلابسنگ، جو محلات جي ڊيوڙيءَ تي هو، مينهن جي پاڻيءَ ہ پٽسيل، ٺڏ ہ پريشان ۽ اباڻڪو هو. هو ان وقت پاڻ کي وڏرائڻ لاءِ هيءَ مصرع ڳائي رهيو هو:

"لٽو آهي مينهن، ڏاڍا اوهيرا ڪري،
دريا جو ڏمڙ، ٻڏ جي ٻيو پري،

کيوٽيون خوب کيون ٽيون، طوفان زور ڀري،
اندر باهه ٻري، جدائي جانب کان."

اجيتسنگ گلاب سنگ جو راڳ ٻڌي ورتو ۽ جيئن هو گهر ڏانهن پئي ويو، تيئن هن جا لفظ پڙاڏي وانگر هن جي دل تي پئي ٻڌريا ۽ پل کن ۾ هن به وراڻيءَ ۾ هيءَ راڳ آلاپيو:

"منصف آهي مالڪ، بيشڪ پاڻ خدا،
توڙي ڏرتي نند ۾، جاچي پاڻ سدا،
شايد اڳ جنم ۾، ڪيم ڪم ڪڏا،
جنهنکري جُسدا- گهارڻ پيون هي گهڙيون."

گلاب سنگ جڏهن اهو جواب ٻڌو، تڏهن ٽڏو ساهه ڀري جهونگاريائين ته:

"قسمت پنهنجيءَ ۾ آ، قصو هي سارو،
ڪونهي ڪو چارو- سوا پوکڻ ان جي."

هاڻي چا ٿيو جو راڻي، جيڪا تمام چالاڪ ۽ هشيار هئي، تنهن جڏهن اهي ٻئي مصرائون ٻڌيون، تڏهن بادشاهه کي چيائين ته اهي توهان جي ڊربانن جا مهندار پاڻ ۾ زال مڙس آهن ۽ جيڪو توهان جي محلات جي مٿان چوبدار آهي اها يقيناً عورت آهي. راڻي ڪيلي ڪنڌ ڏوٽندي چيو: "نه نه هو پاڻ ۾ سالو ٻيڻيويا آهن." راڻيءَ چيو ته "سگهي ٿو ته توهان صحيح هجو، مگر اسان کي آزمائڻ گهرجي ته توهان جي خيال مطابق مرد آهي يا منهنجيءَ راءِ موجب زال آهي."

راڻيءَ کي راضي ڪرڻ لاءِ راجا قاصد موڪلي ٻنهي راجپوتن کي گهرايو، پر جڏهن هو آيا ۽ نمسکار ڪري ٻيٺا، تڏهن راجا ڏانهن گهوري چيو ته: "گلاب ۽ اجيت، سون کي هڪدم ٻڌايو ته توهان مان هڪ عورت ته ناهي؟" هيءَ ڳالهه ٻڌي ٻئي ڊڄي ويا ۽ اکر به کونه ڪڍائون. انهيءَ

تي راجا وڏيڪ تيکو ٿي پڇين تہ: "جواب چو نہ ٿا ڏيو؟" هنن جو منهن لٽل ڏسي، وري نرم لهجي ۾ چوڻ لڳو: پنهنجي اصليت ٻڌائڻ ۾ نہ ڍڇو. جنهن منهنجي جان بچائي آهي، انهيءَ لاءِ مان خوشيءَ سان پنهنجي وس آهر مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان." اها ڳالهہ ٻڌي، اجيتسنگ ۾ ٿوري جرئت آئي ۽ راڻي کي شروع کان وٺي آخر تائين سڄي ڪهاڻي ٻڌايائين.

راڻي جواب ۾ کي کين ڪچيو ۽ هڪ ٻانهيءَ کي حڪم ڪيو تہ گلاب سنگ کي چوڪريءَ جا ڪپڙا پهرائي آڻي. ٻئي ڏينهن هن پنهنجي خزانچيءَ کي حڪم ڪيو تہ اجيتسنگ کي ۲۰ هزار روپيہ ۽ جيڪي ان تي وياج ٿيو هجي، انهيءَ سميت رقم ڏني وڃي. جوان کي اڃا مس رقم ملي تہ هو پنهنجي گهوڙي تي سوار ٿي فوراً جيسلمير پهتو. آتي پهچڻ کان پوءِ، هو صراف وٽ ويو ۽ وڃي هن کي قرض ادا ڪيائين، جنهن کي ورتي پورو هڪ سال ٿي ويو هو ۽ جنهن جو ٻيڻي صراف ڪجهہ ڏينهن کان آسرو لاهي ڇڏيو هو. هو پنهنجي دل کي اها تسلي ڏيندو ٿي رهيو تہ انهيءَ رقم کان گهٽو ڪجهہ وڏيڪ اجيتسنگ جي پيءُ سان جيڪو هن جو وهنوار هوندو هو، انهيءَ مان حاصل ڪري چڪو هو. مگر جڏهن اجيتسنگ کان وڃايل رقم سوڻي ملیس، تڏهن بيحد گهٽو خوش ٿيو.

صراف کي ٻڌايو، اجيتسنگ هوا وانگر تڪو سوڻي اڈيپور پهتو ۽ ان لاءِ ٿورو مڇيندي راڻي جي ٻيرن تي ڪري پيو. ان کان پوءِ راجا راجبالا کي سڏايو ۽ رسمن موافق هن کي "ٻرن رکشا" يا حياتي بچائيندڙ ديويءَ جو لقب ڏنائين، جنهن ناليءَ سان هوءَ ساري اڈيپور ۾ مشهور ٿي وئي. ان کان سواءِ کيس هڪ وڏي جاگير ۽ هڪ رهڻ

لاءِ عاليشان محلات ڏنائين. انهيءَ ڏينهن کان اجيتسنگ ۽ راجبالا انهيءَ ۾ رهڻ لڳا. ليڪن هاڻي راڻي جي تلوار ميان اندر هئي ۽ اکين وانگر ميان مان ڪيڏي پاسي ۽ رکڻ بند ڪيائين، جا پنهنجي محبت جي متوالن کي هڪ-ٻئي کان الڳ رکندي هئي.

۵ـ دودو ۽ چنيسر

ڪنهن زماني ۾، روپا شهر ۾، پونگر نالي هڪ وڏو حاڪم راڄ ڪندو هو. هو سومرا قوم جو فرد هو ۽ سڄيءَ سنڌ جو مڃيل حاڪم هو. هو هڪ دفعي شڪار تي ويو ۽ لاهر قوم جي هڪ حسين چوڪري ڏٺائين، جا وقت پنهنجي ماڙيءَ جي دريءَ مان باهر نهاري رهي هئي. توڙي جو بادشاهه چوڪريءَ کي ته گهڙي پلڪ لاءِ ڏٺو هو، پر ڏسڻ سان ئي سندس دل ۾ گهڙي ويئي. جڏهن بادشاهه واپس پنهنجي محلات ۾ پهتو، تڏهن هن پنهنجي وزيرن کي گهرايو ۽ انهيءَ واقعي جو احوال ٻڌايو ۽ اهو اظهار ڪيائين ته يا هو ان چوڪريءَ سان شادي ڪندو يا مرڻ پسند ڪندو. وزير ڪلي چوڻ لڳا ته: "بادشاهه کي مرڻ جي ڪا ضرورت ناهي. اوهان سان شادي ڪرڻ تي ڪاهه لاهر چوڪري آرهي ڪانه ٿيندي." ان کان پوءِ بادشاهه جا وزير ان چوڪريءَ جي مائٽن سان مليا ۽ وعدي مطابق بادشاهه جي شاديءَ جو بندوبست ڪيائون.

شاديءَ کان هڪ سال پوءِ بادشاهه کي انهيءَ لاهر زال مان هڪ پٽ ڄائو، جنهن جو نالو چنيسر رکيائين. پونگر بادشاهه کي سومري خاندان مان هڪ زال هئي، جنهن کي به ان وقت ڏاري هڪ نياڻي ڄائي جنهن جو نالو ڪاکي رکيو ويو. ان کان هڪ سال پوءِ بادشاهه کي ان سومري راڻيءَ مان هڪ پٽ ڄائو، جنهن جو نالو دودو رکيائين.

وقت گذرندو رهيو، چنيسر ۽ دودو وڏي جوان ٿيا. بادشاهه چنيسر جي شادي هڪ لاهر نينگريءَ سان ڪرائي ۽ دودي کي پنهنجي ڏاڏي ٻوٽي شهزادي پرڻائي. چنيسر کي

پٽ جائو، جنهن جو نالو ننگر رکيو ويو ۽ دودي کي نياڻي جائي، جنهن جو نالو ڪاويل رکيو ويو.

هڪڙي ڏينهن بادشاهه پونگر پنهنجي لاهر، راڻيءَ وٽ ويڻو هو تہ راڻيءَ نهايت ٹي مغمور ٹي چيو تہ: "بادشاهه سلامت! توهان جي مهربانين جي اظهار لاءِ مون وٽ لفظ ڪونهن، نڪي مان پنهنجي خوشنصيبي بيان ڪري سگهان ٹي، جا توهان وٽ نصيب ٹي اٿم. پر مون کي هڪ خطرو رهي ٹو، اهو هيءَ تہ توهان جي وفات کان پوءِ سومرا مون کي ۽ منهنجي پٽ چنيسر کي محلات مان ڪڍي چڏيندا ۽ ڪنهن جهنگ ۾ ڪٹي ڦٹو ڪندا." پونگر بادشاهه جواب ڏنو تہ: "نہ منهنجي پياري! تون دلجاءِ ڪر. مان ننگر ۽ ڪاويل جي شادي ڪرائي ٹو چڏيان ۽ ان کان پوءِ سومرا توکي ٻاهر ڪڍڻ جي جرئت نہ ڪري سگهندا." ان ٹي ڏينهن، بادشاهه پنهنجي ننڍڙن پٽن جو مڱٹو ڪرائي چڏيو.

ان واقعي کان ڪجهہ مهينا پوءِ، پونگر بادشاهه بيمار ٹي ٻيو ۽ مري ويو. ان وقت سنڌ ۾ هيءَ رواج هو تہ جيستائين نئين بادشاهه جو انتخاب نہ ٹيو آهي، تيستائين مڙل بادشاهه کي دفن نہ ڪيو ويندو هو. اهڙيءَ طرح سنڌ جو تخت ڪڏهن ٻہ خالي نہ رهندو هو. ليڪن جنهن وقت نئين بادشاهه جي چونڊ لاءِ سنڌ جا ماڻهو گڏ ٿيا تہ ڪنهن ٻہ ڳالهہ تي متفق نہ ٿي سگهيا. ڪي سومرا چوڻ لڳا تہ بادشاهه جو حقيقي وارث دودو آهي، چو تہ بادشاهه کي سومري راڻي مان جائو هو. ٻين سردارن وري راءِ ڏني تہ نہ، حقيقي وارث چنيسر آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو دودي کان اڳ ۾ جائو هو. آخرڪار وزير بارن چيو تہ "جيڪڏهن سومري جوئي انتخاب ڪرٹو آهي تہ پوءِ حقيقي حڪومت جي وارثياڻي ياڪي آهي، جا بادشاهه جي نياڻي آهي ۽ دودي کان ٻہ اڳ جائي آهي. هاڻي اهو فيصلو انهيءَ تي چڏڻ گهرجي، جاهي هوءَ تخت

دودي کي ڏي يا چنيسر کي ڏي." اها رٽ سومرن سردارن کي ٻڌي، چو تہ هنن کي يقين هو تہ هوءَ تخت جو مالڪ پنهنجي سڳي پاڻ دودي کي بٹائيندي ۽ نہ چنيسر کي، جو پٽيتو پاڻ اٿس. اهو فيصلو ڪري وزير بارن پاڳيءَ کي لکيو تہ هوءَ تخت جي وارٹياڻي آهي ۽ پنهنجي مرضيءَ مطابق جنهن کي وٹيس، تنهن کي تخت ڏي. پر پاڳي دودي جي پٽ ۽ چنيسر سان وڌيڪ پيار ڪندي هئي. جواب موڪليائين تہ هوءَ چنيسر جي حوالي تخت ڪرڻ چاهي ٿي. اهو ٻڌي سومرن غصي ۽ ڇڻ کي چڪ پٹي وڌا، ليڪن ڪري بہ ڇا ٿي سگهيا. هنن خود اها رٽ قبولي هئي، تنهنڪري لاچار چنيسر کي گهرايائون.

جڏهن چنيسر آيو ۽ اڃي ڏٺائين تہ سومرن سردارن جا منهن لٽل آهن، تڏهن پاڻ ڏاڍو پريشان ٿيو ۽ چوڻ لڳو تہ مون کي پنهنجي ماءُ راڻيءَ کان صلاح پڇڻ گهرجي. جيڪڏهن هن جي مرضي هوندي تہ پوءِ آءٌ تخت قبول ڪندس." چنيسر ائين چئي، دربار ڇڏي پنهنجي ماءُ وٽ ويو ۽ عرض ڪيائين تہ: "امان! ٻڌاءِ تہ سومرن جي هوندي مان تخت تي ويهان؟" سندس ماءُ اهو ٻڌي، هن کي مٹي ڪنيو ۽ نخر سان هن جي ڪلهي تي هٿ رکي چيائين تہ: "منهنجا پٽ! ڪنهن جي بہ پرواهہ نہ ڪر. پخت تنهنجي طرف آهي، تخت تي ويهہ ۽ سومرن جو مقابلو ڪر."

جڏهن چنيسر دربار ڇڏي باهر نڪتو هو، تڏهن ان وقت سومرن سردارن کي ڏاڍي ڪل آئي ۽ نفرت سان چوڻ لڳا تہ "هي تہ بهترين بادشاهہ ٿيو ڏسجي. ماءُ کان پڇڻ بغير تاج بہ ڪونہ ٿو پهري." ان کان پوءِ، دودي کي سڏائي، وڏي ڏام ڏوم سان، ڏهل دمامن سان روپا شهر مان گشت ڪرائي، ڪيس پنهنجو بادشاهہ ظاهر ڪيائون. ڏهلن جو آواز جڏهن چنيسر جي ماءُ جي ڪنن تي ٻيو، تڏهن هن نوڪر پاڻي

باهر موڪلي ان جو سبب معلوم ڪرايو. نوڪرياڻي موڻي اچي ٻڌايس تہ سومرن سردارن دودي ڪي بادشاهہ بڻايو آهي، چوتہ چنيسر ماڻ جي رضا ڪان سواءِ تخت تي ويهڻ جي جرئت نٿو رکي. اهو ٻڌي، لاهر راڻيءَ جون اميدون خاڪ ۾ ملي ويون ۽ غصي ۾ چنيسر ڪي چوڻ لڳي تہ: "بيشڪ سومرا سردار درست آهن، مون سمجهيو ئي تہ مون پٽ جڻيو هو، پر تون تہ ڏيءَ ثابت ٿئين. هاڻي توکي چرخي وٽ عورتن سان گڏ ويهي ڪتن گهرجي." چنيسر جي زال ڪي ۽ مڙس جي تخت وڃائڻ واري ڪالهہ بيحد غصي ۾ وجهي ڇڏيو. هوءَ چوڻ لڳي تہ: "چا جو، هي تہ چرخي هلائڻ لائق ۽ نہ آهي. هن ڪي تہ ڪلهن تي چادر رکي ڪريون ۽ ريون چارائجنس." چنيسر ڪي هنن طعنن ۽ ٽڪولين سخت ڪاوڙايو. هو اڃي چوڻ لڳو تہ: "هڪڙي ڏينهن اوهان پنهنجي چيل لفظن تي پشيمان ٿيندؤ." ائين چوندي هو جلدائيءَ سان گهر مان باهر نڪتو ۽ دودي ڏانهن چوائي موڪلياٿين تہ "سنڌ جي حڪومت منهنجي آهي. اها سون ڪي سوڻائي ڏي. نہ تہ مان انصاف وٺڻ لاءِ دهليءَ جي بادشاهہ علاءالدين ڏانهن ويندس."

جڏهن دودي ڪي اهو پيغام پهتو، تڏهن هن جي دل ۾ نرمي پيدا ٿي ۽ هن سيني سردارن کي گهرائي چيو تہ: "چنيسر هيءَ ڏمڪي موڪلي آهي. آخر هو منهنجو وڏو پاڻ آهي ۽ سنڌ پٽ جو منهنجي نياڻيءَ سان مگنو ٿيل آهي. هن کي ڪاوڙ ۾ دهليءَ وڃڻ ڪان روڪيو وڃي ۽ تخت کيس ڏجي، چوتہ ائين ڪرڻ سان سنڌ کي تباهيءَ کان بچائي سگهبو ۽ اسان ٻئي پائر هڪٻئي جي همدردي وڃائينداسون." پر سومرا سردار غصي ۾ اچي چوڻ لڳا تہ: "بادشاهہ سلامت! ائين نہ ٿيندو، بادشاهي توکي هلائڻ لاءِ ڏني ويئي آهي، نہ انهيءَ لاءِ تہ اها خيرات ۾ ڏئي ڇڏ. جيڪڏهن هن

کي خيرات جي ضرورت، آهي تہ کيس ڏيڪا ڏور ڏئي ڇڏ."
اهو جواب ٻڌي ڏوڏو خاموش رهيو. اهو جواب سردارن جي
ڏودي کي ڏنل صلاح جڏهن چنيسر کي ٻڌايو، تڏهن هن
گهوڙي تي لانگ ورائي ۽ سڌو ڏهليءَ رخ ڪيو.

جيئن نوجوان شهزادو مغموم حالت ۾ گهوڙي تي اوپر
طرف وڃي رهيو هو، تہ هن هڪ ٻکرار ماڻهوءَ ۾ ستل ڏٺو.
پريان ٽوري پنڌ تي ڏاڻين تہ ٻکرين جا ڏڻ چري رهيا
هئا، جن جي ٻڌيان هڪ ٻکرار جي لٽ پنهنجو پاڻ هلي رهي
هئي ۽ رولو ۽ ڏار ٽي ويندڙ ٻکرين کي هڪليندي پئي
هلي. ٻکرار جي مٿي کان ميان ۾ سندس تلوار رکيل هئي.
چنيسر سوچڻ لڳو تہ جنهن صورت ۾ ٻکرار جي لٽ ۽
ايترو جادو آهي، تنهنکري سندس تلوار ۾ تہ ان کان بہ
وڌيڪ جادو هوندو. سو ان جي چورائڻ لاءِ ستل ٻکرار جي
مٿي ڏانهن آهستي آهستي هلڻ لڳو. بس هن اڃا بہ قدم مس
کنيا هوندا تہ خوف هن کي سڪائي ڇڏيو. جڏهن ڏاڻين
تہ تلوار خود بخود ايپي ٽي هن ڏانهن ٽپا ڏئي هلڻ لڳي.
هو بي اختيار دانهون ڪرڻ لڳو: "اڙي ٻکرار! اڙي ٻکرار!
پنهنجيءَ تلوار کي ٻڪڙ." رڙين تي ٻکرار جاڳي پيو ۽
هڪدم وڃي تلوار کي پکڙيائين. تنهن کان پوءِ چنيسر ڏانهن
منهن ڪندي چيائين تہ: "اي سوچارا جوان! تو ضرور
منهنجيءَ لٽ کي يا تلوار کي چورائڻ جي کوشش ڪئي
هوندي، جنهن ڪري تلوار توتي حملو ڪيو آهي. چنيسر
پنهنجو ڏوهہ مڃيو ۽ چيو تہ مون واقعي هن تلوار چورائڻ
جي کوشش ڪئي هئي. پر ساڻئي وقت من وڌيڪ چيو تہ:
"اي ٻکرار! مون کي پنهنجي تلوار ڏي، ڇوتہ مون کي ان
جي سخت ضرورت آهي." اها ڳالهہ ٻڌي، ٻکرار پڇيو تہ:
"تون ڪير آهين؟" چنيسر سوال جو جواب فخر سان ڏنو:
"مان بادشاهہ پونگر سومري جو پٽ آهيان." ٻکرار چيو تہ:

"کھڑو پٽ؟ چنيسر يا دودو؟ پانيان ٿو ته تون سمي چنيسر هوندين، (چوته سومرن سردارن هن کي اهو نالو ڏنو هو)، چاکاڻ ته دودو ته تخت تي ويٺو آهي." چنيسر وراڻيو: "هائو، مان سمي چنيسر آهيان ۽ ان کري ئي تنهنجيءَ تلوار جي ضرورت آهي." ٻکرار چيو: "چگو! مان توکي پنهنجي تلوار اڌاري ڏيان ٿو، پر جڏهن تون هي رستو وڃي موٽندين، تڏهن اها توکي چڏي مون وٽ واپس ايندي." ان کان پوءِ ٻکرار پنهنجي تلوار چنيسر کي ڏني ۽ چنيسر اها وڃي دهليءَ روانو ٿيو. هو شهر جي دروازي کي ويجهو پهتو، تڏهن هڪ رخشش هن کي داخل ٿيڻ کان روکيو. چنيسر گهوڙي تان ٽپو ڏيئي لهي پيو ۽ ميان مان جادوءَ واري تلوار کي ڪڍندي هڪ ئي ڏڪ سان ٻه اڌ کري چڏيائين.

ان کان پوءِ چنيسر شهر ۾ داخل ٿيو ۽ سڌو وزير وٽ وڃي بادشاهه سان ملاقات جي موقعي لاءِ عرض ڪيائين. وزير چيس ته بادشاهه توسان دهليءَ ۾ ڪونه ملندو، ۽ ڪڏوڪڏ هي به چيائينس ته: "هڪ ڪالهه آهي ته بادشاهه سال ۾ فقط هڪ دفعو جمعي جي مقرر ڏينهن تي شينهن جي شڪار لاءِ نڪرندو آهي ۽ اهو جمعو هاڻ ويجهو آهي. ان ڏينهن جڏهن بادشاهه باهر ايندو، تڏهن توکي وٽس پيش ڪندس." اهو ٻڌي چنيسر ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پڪو پهه ڪيائين ته ان ڏينهن شڪار ۾ دليري ڏيکاري بادشاهه جو جس ڪندس.

ان ڏينهن صبح جو سوير، بادشاهه شينهن جي شڪار لاءِ نڪتو ۽ پاڻ سان هزارين سپاهي به ڪنيائين، جو ته شينهن جو شڪار هڪ جوکائتو ڪم هو. چنيسر وزير وٽ ويو ۽ پڇيائينس ته: "بادشاهه هڪڙي شينهن جو شڪار ڪندو آهي يا گهڻن جو؟ جو ته اسان جي سنڊ ۾ هڪ شينهن جو مقابلو هڪ مرد ڪندو آهي." اها ڪالهه ٻڌي، وزير کوبه جواب

ڪوڻ ڏنو ۽ ڪيس بادشاهه وٽ وڃي ويو ۽ هن جا لفظ ان کي دوباره ٻڌايائين. بادشاهه، چنيسر کي چتائي ڏنو ۽ چيو تہ: "مون کي يقين آهي تہ چنيسر پنهنجي لفظن کي ضرور پاڻي ڏيندو، ۽ ڪيس اهو ثابت ڪري ڏيکارڻو پوندو تہ هو سنڌ ۾ شينهن جو شڪار ڪيئن ڪندا آهن. جيڪڏهن مٺو تہ سندس غلطي آهي ۽ جي شينهن کي ماري ٿو وڃي تہ هن لاءِ وڏو انعام آهي." چنيسر اِها ڳالهہ قبول ڪئي.

جڏهن سوارن جي ٽوليءَ شينهن کي ڪوليندي ڪوليندي هڪ ڪڏي ۾ ڪيس ڏٺو، تڏهن چنيسر گهوڙي تان لهي، ہڪرار واري تلوار هٿ ۾ ڪٽي شينهن ڏانهن اڪيلو هلڻ لڳو. هو اڃا ان کي ٽورو ويجهو ٽيو تہ شينهن وڏيءَ جلهہ سان وار ڪيو، ۽ هو ٽپو ڏئي پاڻ ڇڏائي ويو. ان کان پوءِ وڏي ٽڙ تائيءَ سان جادو واريءَ تلوار سان، شينهن کي ہ اڏ ڪري ڇڏ يائين.

بادشاهہ چنيسر جي بهادري ڏسي ڏاڍو خوش ٽيو ۽ هن کي ڪيڪاريندي چيائين تہ "هاڻي پنهنجو انعام گهڙ." اِتي چنيسر پنهنجي سڄي ڳالهہ هن کي ڪري ٻڌائي تہ ڪهڙيءَ طرح ڪيس تخت مليو ۽ ڪيئن سومرن سردارن ڪيس سنڌ مان لوڏي ڪڍيو. هِن رڙ ڪري چيو تہ: "اي دنيا جا رکپال! مون کي انعام پنهنجي سنڌ جي تخت جو موڻي ملڻ جو گهرجي." انهيءَ تي علاؤالدين ورندي ڏنس تہ "توکي اهو ضرور ملندو." ان کان پوءِ چنيسر لاءِ سنڌ فتح ڪرڻ جي نيت سان وڏو لشڪر تيار ڪيو ويو.

افغانن جو لشڪر سنڌ ڏانهن روانو ٽيو ۽ جڏهن اهو اتان اڇي لنگهيو، جتي اهو ہڪرار رهندو هو، تڏهن ان ہڪرار جي چوڻ مطابق سندس تلوار چنيسر کي چڏي، مالڪ ڏانهن موڻي آئي. چنيسر کي ٽورو افسوس ٽيو، مگر هو

علاؤالدين جي لشکر سان گڏ هليو. آخر علاؤالدين جي لشکر دودي جي شهر، روپا جي ٻاهران اچي خيما کوڙيا.

جڏهن سومرن سردارن پنهنجي شهر جي ٻاهران هيڏو سارو لشکر ڏٺو، تڏهن دهلجي ويا ۽ چنيسر جي پٽ ننگر کي سفير ٻڌائي موڪليائون ته وڃي بادشاهه کي عرض ڪري ته جيڪڏهن هو پنهنجي لشکر سميت اسان سان اتان ئي واپس دهليءَ موٽي ته سندس لشکر جي اڃ ويڃ جو سمورو خرچ به پري ڏنو ويندو ۽ سڏ جو تخت به چنيسر جي حوالي ڪيو ويندو. بادشاهه اهو جواب ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ورندي ڏنائين ته: "فقط چنيسر کي تخت تي ويهاريو، ان توهان کان ڪابه ڏل ڪانه وٺندس." پر چنيسر جي مرضي هئي ته سندس دشمن کي وڌيڪ نيوايو وڃي. سو چيائين ته: "عالم جا محافظ! مون کي تخت وٺي ڏيارڻ سان گڏ خود اوهان کي به دودي کان تحفو وٺڻ گهرجي. اوهان کي منهنجي پيڻ پاڪيءَ جو پاڻ لاءِ سگ وٺڻ گهرجي ۽ ائين ڪرڻ سان مان سمجهندس ته اسان جي دوستي پائيدار رهندي."
بادشاهه علاؤالدين چيو ته: "جيڪڏهن تنهنجي اها مرضي آهي ته آءٌ راضي آهيان." پوءِ ننگر ڏانهن منهن ڪندي چيائين ته: "وڃ ۽ سومرن کي ٻڌاءِ ته مان شهزادي پاڪيءَ جو سگ بادشاهه سان ڪندس، ته جيئن اسان جي دوستي هميشه قائم رهي."

پر ننگر جو ٻيءَ چنيسر وانگر غدار نه هو، تنهن فوراً بادشاهه کي فخر سان جواب ڏنو ته: "ڪابه سومري شهزادي اڄ تائين قاڻي سان نه پرڻي آهي. جيڪڏهن توکي ڪٻاي شهزاديءَ سان شادي ڪرڻي آهي، ته پوءِ توکي ان جو سگ اسان جي تلوارن سان ڪٽيو پوندو." اهو جواب ٻڌي، جوش ۾ علاوالدين جو منهن ڪاڙهو ٿي ويو ۽ پنهنجي سپاهين کي ننگر کي گرفتار ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. ننگر شهزادو وڏيءَ

بهادريءَ سان وڙهيو، پر آخر زخمن ۾ چُور ٿي ڪري پيو. چنيسر ان جي لاش کي کڻائي ڪٽ تي رکيو ۽ روپا شهر ڏانهن موڪليو. جڏهن شهزادي ڪاويل، جا پنهنجي مڱيندي ننگر جي واپسيءَ جو انتظار ڪري رهي هئي، تنهن ڏٺو تہ ان جو لاش ڪٽ تي آندو ويو آهي، تڏهن هن هڪدم هڪ چڪيا تيار ڪرائي ۽ مڑس سان گڏ سڙي خاڪ ٿي ويئي.

محلات اندر دودي جي راڻي، پاڪيءَ کي چئي رهي هئي: "پٽ! تنهنجي واسطي چو اجايو ايتري خون خرابي ٿئي؟ جيڪڏهن تنهنجو پاڻ توکي علاوالدين بادشاهہ جي حوالي ڪري، تہ جيڪر سموري خون خرابي بند ٿي وڃي." اها ڪالهہ ٻڌي، پاڪي دودي وٽ وئي ۽ چيائينس تہ: "ادا، اوهان منهنجي ڪري لڙائي نہ ڪريو ۽ مون کي ڪٿي علاوالدين جي حوالي ڪريو."

دودي سڀني سومرن کي گڏ ڪيو ۽ کانئن سوال ڪيو تہ: "اوهان سوچي ويچاري ٻڌايو تہ سومري سردار کان سواءِ ڪابہ سومري عورت ڪنهن ڏاڙي ماڻهوءَ کي ڏنڊ وٺي آهي؟" سردارن وراڻيو، "اسان تہ ڪڏهن بہ اهڙي ڪالهہ نہ ٻڌي آهي، پر هتي پاڪ نالي هڪ فقير آهي، جنهن کي سومرن بادشاهہ جي سورهن ٻيڙهين جي خبر آهي، ان کان پڇا ڪري ڏسجي."

دودي بادشاهہ پاڪ کي هڪدم درٻار ۾ گهرايو ۽ هن کان جواب گهريائين. پاڪ چيو تہ: "بادشاهہ سلامت! سومرن جي سورهن ٻيڙهين سان ڪنهن بہ سومري پنهنجي نياڻي ڏارين کي نہ ڏني آهي." دودي اهو جواب ٻڌي چيو تہ "جيڪڏهن اسانجن وڏن ڪڏهن بہ ائين نہ ڪيو آهي تہ. آءٌ بہ هرگز ڪين ڪندس. هاڻي سون کي رکو اهو ٻڌائي تہ آها ڪهڙي جاءِ آهي، جتي سان بنهنجي ٻارن ۽ سومرن سردارن جون زالون حفاظت هيٺ رکي سگهان؟" پاڪ وراڻي

ڏني تہ: "آبڑاڻي ڪوٽ ۾ هڪ ابڙو آهي، جيڪو سومرين جي سنيال مرڻ گهڙيءَ تائين ڪندو." بادشاهہ پاڻ کي ان ماڻهوءَ لاءِ خط ڏئي روانو ڪيو.

ابڑاڻي واري ابڙي، پاڻ جو آدرياءُ ڪيو ۽ بادشاهہ جو خط پڑهي ڪيس چيائين تہ: "بادشاهہ کي چئج تہ مان سومرين جي ننگ ناموس جي مرڻ گهڙيءَ تائين حفاظت ڪندس." پاڻ، ابڙي جو اهو نياپو بادشاهہ تائين پهچايو، جنهن ڪيس حڪم ڪيو تہ سومرين کي ابڙي وٽ وڃي. ابڙي هنن عورتن کي ڪلي ڪيڪاريو ۽ محلات ۾ ويهاريو ۽ پنهنجو سڀڪجهہ سندن حوالي ڪيو. پوءِ دودي کي چوائي موڪليائين تہ: "توهان جون امانتون اسان وٽ محفوظ آهن، تنهنڪري مڙسن وارو مقابلو ڪجو. ڏسو متان سنڌ جي مٽان کا آفت آڻيو ۽ سومرن جو نالو نشان ناس ڪري ڇڏيو."

جڏهن دودي کي يقين ٿيو تہ سندس ٻار ٻچا ۽ ٻيون سومريون عورتون محفوظ آهن، تڏهن شهر جي چوڌاري هڪ وڏي کاهي کٽايائين تہ جيئن حملي وقت دشمنن جا گهوڙا ان ۾ ڪري پون. ان کان پوءِ پنهنجي لاءِ هڪ مضبوط اوزار ٺهرايائين. چيا ڪيائين جو هڪ گهاٽي جي هٿي ۽ شيهو وڇهرايائين، ان جي هڪ پاسي کان چار تلوارون ۽ ٻئي پاسي ٽي تلوارون مضبوطيءَ سان ٻڌرايائين، پوءِ اهو هٿيار ڪٽائي پنهنجو لشڪر وٺي، علاؤالدين جي پناهہ لشڪر تي ڏوڪي آيو.

شروع ۾ سومرن جي ساري ٻئي نظر آئي ۽ دودو پنهنجي فوج سان اڳتي وڌندو رهيو ۽ وڃي علاؤالدين بادشاهہ جي ويجهو پهتو. علاؤالدين اهو ڏسي چنيسر کان پڇڻ لڳو تہ: "اهو ڪير جوان آهي؟" چنيسر جواب ڏنو تہ: "اهو منهنجو پاڻ دودو آهي، جنهن مون کان تخت ڦڪي ورتو آهي." علاؤالدين هي چوڻ تي مجبور هو تہ: "توڙي هن توکان

تخت ڏري ورتو آهي، ليکن هو سيني سومرن سردارن ۽ وڏيڪ بهادر ٿو ڏسجي." دودو بادشاهه کي تير هڻڻ وارو هو، جڏهن هن سندس واتان پنهنجي تعريف جا لفظ ٻڌا تہ هڪدم پنهنجي تيرڪمان هيٺ ڪٽي ڪيائين ۽ وراڻيائين تہ: "جيتوڻيڪ علاؤالدين اسان جو دشمن آهي، ليکن هو بهترين خاندان جو انسان آهي، ان کي نہ مارڻ گهرجي." ٻئي پاسي علاؤالدين، دودي ۽ سندس ماڻهن تي حملي ڪرڻ جو حڪم ڏنو. حڪر جي دير هئي، دودو ۽ ٻيا ڪيترائي سومرا سردار ميدان ۾ وڙهندي مارجي ويا. علاؤالدين دودي جي لاش جي تلاش جو حڪم ڏنو ۽ جڏهن هٿ آيو تڏهن چنيسر جي حوالي ڪرايائين. ٻاڻ جو لاش ڏسي، چنيسر زاروزار روئڻ لڳو. اهو حال ڏسي علاؤالدين کي سخت غصو آيو ۽ چوڻ لڳو تہ: "مون کي سنڌ تي ڪاهڻ جي دعوت ڪان اڳ ۾ توکي سوچڻ گهربو هو. جيڪڏهن مون کي دودي جي بهادريءَ جي خبر اڳ ۾ پوي ها، ۽ تنهنجي گيدائپ جو به پتو هجي ها تہ يقيناً تنهنجي مدد ڪڏهن به ڪانہ ڪريان ها. هاڻي سگهو ڪر، پاڪي ۽ ٻيون سومريون عورتون اسان جي اڳيان حاضر ڪر."

چنيسر روپا شهر ۾ داخل ٿيو، جا ڏسي تہ شهر ماڻهن کان خالي ٻيو آهي. مرد سڀ جنگ ۾ مري چڪا هٿا ۽ عورتون ابڙي وٽ پناهه ۾ رهيون. چنيسر اها ڳالهہ بادشاهه علاؤالدين کي وڃي ڪئي، جنهن ابڙاڻي واري ابڙي ڏانهن خط لکيو تہ: "سومريون عورتون هڪدم مون ڏانهن ڏياري موڪل، ان جي عيوض مان توکي ملتان ۽ ماٽيلي جي جاگير ڏيندس." جواب ۾ ابڙي سخت نابري واري ۽ علاؤالدين سان مقابلي لاءِ تياري ڪرڻ لڳو.

پهريائين تہ ابڙي، علاوالدين جي لشڪر کي پڇائي ڪڍيو، پر پوءِ علاوالدين خود: لشڪر جو مهندار ٿي، ابڙي

سان وڙهن آيو. اهو ڏسي، ابڙي پاڪي ۽ پين سومرين کي
دلجاءَ ڏني تہ آءٌ پنهنجي جان اوهان جي حفاظت لاءِ فدا
ڪندس، اوهان کي ڪوبہ فڪر نہ ڪرڻ گهرجي. ان ڪان پوءِ
پنهنجو پٽ ممات ۽ پيا ماڻهو ساڻ وٺي علاوالدين سان وڙهن
ويو. پهريائين ممات شهيد ٿيو ۽ پاڪي ان جي لاش کي ڏسي،
ائين رُني، جيئن ٻيڻ ياءَ جي خون تي ڪوڙها ڪاڙيندي آهي.
ان بعد ابڙو ڪيريو ۽ وعدہ مطابق پاڻ کي اندر زالن ۾
ڪٽائي ويو تہ جيئن آخري دفعو انهن کي ڏسي سگهي. ابڙي
جي موت تي سومريون سڀڪجهہ وڃائي ويٺيون ۽ الله پاڪ
کان دعا گهريائون تہ امن ۾ رکي ۽ عزت بچائي. بس الله
جي قدرت اهڙي ٿي جو اتي جو اتي زمين ڦاٽي پئي ۽ سڀني
کي گهڻي ويئي.

علاوالدين، آبڙاڻي ڪوٽ تي حملو ڪيو ۽ ابڙي جي
گهر سپاهي موڪلياٿين تہ وڃي ان جو سر ڪپي آڻين. اهي
اندر ويا، ليڪن ان مردن ابڙي جي منهن ۾ ايڏو تہ رعب
هو، جو هو دل جهلي نہ سگهيا ۽ موٽي ويا. شهنشاهہ ڏاڍو
ڪاوڙيو ۽ هنن کي ٻيهر سر ڪپڻ لاءِ موڪلياٿين، پر هن
دفعي ابڙي جو ننڍو پٽ ڏونگري، جو هن وقت تائين ڪٽ
تي سمهيو پيو هو، اهو راند ڪي واري تلوار کڻي پيءُ جي
بچاءَ لاءِ بيهي رهيو. سپاهي وري ٻہ موٽي ويا ۽ بادشاهہ کي
ڏونگريءَ جي خبر ڏنائون ۽ عرض ڪرڻ لڳا تہ "بادشاهہ
سلامت! ننڍڙي چوڪري کي گهرائي وٺو، چوتہ ان معصوم
کي مارڻ تي اسان جي دل نہ ٿي آماده ٿئي." بادشاهہ
ڏونگريءَ کي پاڻ وٽ گهرائي ورتو ۽ ان ڪان پوءِ سپاهين
ابڙي جو سر ڪپي آڻي علاوالدين جي پيرن ۾ ڦٽو ڪيو.

علاوالدين هن ننڍڙي جي جرئت تي ايڏو تہ خوش
ٿيو جو چوڻ لڳو تہ: "مان چنيسر جي جاءِ تي توکي سنڌ
جو بادشاهہ ٻڌائيندس." اهو ٻڌي چنيسر ڪاوڙ مان چوڻ

لڳو تہ: "منهنجي ايڏي محنت ۽ ڪشالن کان پوءِ آءٌ حڪومت کان محروم رهندس؟" جنيسر ائين چئي، پنهنجي دوستن ۽ سائين کي ساڻ ڪري علاوالدين سان اهڙو خوفناڪ نموني وڙهيو جو پڇاڙيءَ ۾ جڏهن جنيسر ۽ سندس سمورا ماڻهو مارجي ويا، تہ علاوالدين وٽ رڳو فقط ست گهوڙي سوار وڃي بچيا.

علاوالدين، ڏونگري کي سنڌ جو تخت ڏنو ۽ پاڻ دهليءَ جو رستو ورتائين. جڏهن ميرپور ماٿيلي وٽ پهتو تہ کيس يادگيري پئي تہ دهليءَ مان نڪرڻ وقت ڪيڏو اٿاهہ لشکر وڏي هليو هو ۽ هاڻي واپسيءَ ۾ ست گهوڙي سوار ڪهڙي منهن سان وڃي وڃان. بس اهو سوچي، ميرپور ماٿيلي ۾ رهي پيو ۽ آتي هڪ وڏو مقبرو ٺهرايائين. تنهن کان پوءِ جڏهن آهو ڦهي تيار ٿيو، تڏهن هڪ زهري گوري ڪائي پاڻ کي آپگهات ڪيائين. کيس ان ٺهيل مقبري ۾ دفن ڪيو ويو. انهيءَ ڪري ٿي، ماڻهو کيس اڄان تائين علاوالدين "گوري"(١) ڪوٺيندا آهن. سندس ست گهوڙي سوار آتي ٿي رهي پيا ۽ انهن جا پونير اتي مجاور رهندا اچن ٿا.

---

(١) سنڌي زبان ۾ "گوري" ٽيگيءَ کي چوندا آهن. هيءَ روايت غلط معلوم ٿئي ٿي. علاوالدين جي خاندان جو نالو خلجي هو ۽ نہ "گوري". هن دهليءَ ۾ وفات ڪئي ۽ سندس آخري آرامگاهہ اڄ ۽ اتي قطب مينار جي لڳ سڀ موجود آهي.

٦ـ نوري ۽ جام تماچي

ڪنهن زماني ۾، هڪ سمو شهزادو، ساريءَ سنڌ جي راڄ ڪندو هو، جنهن کي جام تماچي ڪري سڏيندا هئا. هڪ ڏينهن جڏهن هو هيڙيءَ ۾ ويهي ڪينجهر ڍنڍ جو سير ڪري رهيو هو، تہ اچي مڇي مارندڙن جي بستيءَ وٽان لنگهيو، جن کي مهاڻا چوندا آهن. هو سڄو سال مڇي قاسائيندا، کائيندا ۽ وڪڻندا هئا ۽ هنن جي جسماني گولائپ شمار ڪرڻ کان ٻاهر هئي. زالون عمر کان اڳ پوڙهيون هيون، ڪوجهيون ۽ گدليون هيون ۽ سارو جسم روڪي هون. هنن ۾ مڇيءَ جي بدبوءَ هئي ۽ سندن هر شيءَ ۾ ساڳي قسم جي بانس. چا ٽوڪرا، چا چار ۽ ڪڙهيون ۽ سندن رهڻ واري پکا، سڀ ان بانس سان ٺهيل هئا. حالت هيءَ هئي جو جيڪڏهن سندن ڪپڙن کي هٿ لائجي تہ سارو ڏينهن هوند انهيءَ ڏپ کان، پنهنجي پاڻ کان بچڻ اچي ۽ ٻين اکيان لڄي ٽيڙو پوي، چو تہ آها بانس هن جو ٻيڙو چڙڻ واري نہ هئي. سندن ٻار ٻہ مائٽن وانگر گدلا هئا، چاڪاڻ تہ هو پاڻيءَ ۾ رهيا ٿي ۽ تري ۽ ٽٻين هٿ ۾ لڏڻ کان ٻہ وڏيڪ تيز هوندا هئا، جيڪي ٻوڙن ۽ سڙن ۾ رهندا هئا. اهي سڙ ۽ ٻوڙا اڪثر ڪري ڍنڍ جي ڪنارن سان جهڳٽا ڪيو ٻيٺا هوندا هئا.

مگر نوري نالي هڪ مهاڻي ڇوڪري وري اهڙي سهڻي هئي، جو ٻين ڏانهن نهارينديءَ حيرت وٺي ويندي هئي. سندس اکيون جڏهن ٻہ ڏيا ٿي چمڪيا. هن جا ڳل گلابي رنگ جا هئا، پر هوءَ ساري سنڌ ۾، سونهن ۽ سوڀيا ۾، پنهنجو ست پاڻ هئي. ٻين مهاڻين ڇوڪرين وانگر نڪي ميري هئي، نڪا منجهائنس ڪڻي ٻوءَ ٿي آئي، بلڪ هوءَ صاف ستري، نازڪ

۽ سهڻي، جهڙي شهزادي! هوءَ جهڙي هئي نماڻي، تهڙي هئي خوبصورت.

اتفاق اهڙو ٿيو جو هڪ ڏينهن جام تماچي پنهنجي ٻڙيءَ ۾ چڙهي آتان اچي لانگهائو ٿيو، جتي هوءَ ڍنڊ جي ڪناري تي بيٺي هئي. هن جي نظر نوريءَ تي پئي ۽ انهيءَ دم هن کي همیشه لاءِ پنهنجي دل ڏئي ويٺو، جڏ تہ مهاڻي چوڪري جي اکين ۾ چمڪ وارو اثر هو، جو بادشاهه جي دل کي پاڻ ڏانهن زوريءَ چڪي ورتائون.

جام تماچي هڪ پل به حسن جو تاب سهي نہ سگهيو ۽ هڪدم چوکريءَ جي مائٽن کي سڏائي، کانئن نوريءَ جي ٻانهن جي گهر ڪيائين. غريب ميربحر خوشيءَ ۾ نہ پيا ماپن ـ جڏهن ڏٺائون تہ سنڌ جو حڪمران سندن چوکري نوريءَ سان شادي ڪرڻ لاءِ آتو آهي، بادشاهه جي طرفان پاڻ تي مهرباڻيءَ جي نظر ڏسندي اهڙي همتافزائي تي سڀني مهاڻن ۽ مهاڻين وڏا شادمانا ڪيا.

بادشاهه پنهنجا خزانا کولي چڏيا ۽ هيرا، جواهر، ياقوت، اشرفيون ۽ چاندي ۽ سون جا سڪا مهاڻن ۾ اهڙيءَ طرح ڪيڙي چڏيا جڏ تہ هن جي منهن جا چلر هٽا ۽ نوريءَ کي پنهنجي نڪاح ۾ ڪري پنهنجي راڻي ڪيائينس. باوجود ايڏي مان ۽ مرتبي جي، نوريءَ جي سادگيءَ ۽ نهاڻيءَ ۾ ڪوبہ فرق نہ آيو. پنهنجي سڀني خوشامدڙين کي جواب ڏيندي هئي تہ "مان تہ فقط هڪ غريب مهاڻي آهيان ۽ منهنجو بادشاهه بہ وڏي مان مرتبي وارو ۽ سون کان کيڏو نہ اعليٰ آهي." وري بادشاهه کي چوندي هئي: "مان خامين جي کاڻ آهيان ۽ تنهنجي راڻين جي مقابلي ۾ مان ڪجهه بہ نہ آهيان، سون کان تہ وڌيڪ تنهنجون راڻيون سهڻيون آهن."

هڪ ڏينهن جام تماچي هن کي پنهنجي ٻين راڻين جي پيٽ ۾ پرکڻ جو پهه پچايو. سو چوائي موڪليائين ته هو شام جو گاڏيءَ ۾ سواري تي وڃڻو آهي ۽ هرهڪ پنهنجو بهترين لباس پهري ويهي ۽ پوءِ منجهانئن جيڪا به سڀني کان وڌيڪ سهڻي نظر ايندي، انهيءَ کي پاڻ سان گڏ گهمائڻ وٺي ويندس. مغرور سميون راڻيون سون جا گهڻ ۽ قيمتي وڳا ويس پائي، ڳاٽ مٽي ڪري، مقرر جاءِ تي وڃي ڀهتيون، مگر نوري غريب، تمام سادو لباس پاتو. ڇڪي ۽ آگريون گهن کان خالي هيون. هوءَ نماڻي انداز ۾ بادشاهه ڏانهن وڏي ۽ سندس اکيون پيار سان ٽمڙار نظر ٽي آيون. ٻين راڻين ته اڳي کان به وڌيڪ پنهنجي غرور جو مظاهرو ڪيو، چاڪاڻ ته کين خواب خيال به نه رهيو ته کو بادشاهه اسان جي هار سينگار کي نظر انداز ڪري مهاڻي کي ترجيح ڏيندو. پر جڏهن جام تماچيءَ نوريءَ جو نياز ڏٺو، جنهن سندس اکين کي روشن ٽي ڪيو ۽ ان جي سادي لباس کي ڏٺو، جنهن سان هن سندس دل هٿ ڪئي هئي، تڏهن هن سمي راڻين ڏانهن اک کڻي به کونه نهاريو ۽ هٿ ڏڪيري هن ڏانهن ويو ۽ پاڻ سان گهمڻ لاءِ وٺي ويو. گهمڻ کان پوءِ بادشاهه ڪيس سواريءَ ۾ پاڻ سان ويهاري محلات ۾ وٺي آيو. سميون راڻيون غصي کان باهه ٽي گهر ڀهتيون، مگر انهن جي ڪاوڙ جي جام تماچيءَ کي به پرواهه کانه ڪئي. ان کان پوءِ نوري کي پنهنجي پٽ راڻي ڪري ساري ڪينجهر ڏني، سندس مائٽن کي جاگير طور ڏٺي ڇڏيائين.

۷ــ راءِ ڏياچ ۽ پيجل

ڪنهن زماني ۾ ڪاٺياواڙ جي گرنار قلعي ۾، هڪ مشهور راجا، راءِ ڏياچ جي نالي سان رهندو هو. هڪ ڏينهن سندس پيٽ ڪنهن نجوميءَ وٽ پٽ لاءِ دعا ڪرائڻ وئي ۽ چيائينس تہ: "خدا کان دعا گهرُ تہ مون کي پٽ ٿئي." نجوميءَ دعا گهري ۽ چيائينس تہ: "سائڻ! توکي ڏٽي پٽ تہ ڏينندو، پر راءِ ڏياچ جو سر هن جي هٿان ويندو." شهزاديءَ جي واتان رڙ نڪري وئي ۽ نجوميءَ کي چيائين تہ: "شال مون کي اهڙو پٽ ئي نہ ٿئي، جو منهنجي پاءُ جو خوني ٿئي!" نجوميءَ ڪنڌ ڏوڻي جواب ڏنو تہ: "جيڪي مون ٻڌايو، اهو اوس ٽيندو." پوءِ نجوميءَ جو قول ڪيئن ٽوڙي؟ هڪ سال اندر شهزاديءَ کي پٽ ڄائو. پاڻ جي سر جي بچاءَ سانگي راڻيءَ پنهنجي هار کي پيٽيءَ ۾ بند ڪري سنڊو ندييءَ ۾ اڇلائي ڇڏيو تہ پاڻيءَ جا جانور ڪڙڪائي ڇڏينس، مگر ڪنهن بہ واڪونءَ جي اک پيٽيءَ تي نہ چڙهي ۽ پيٽي هن وڏي مهراڻ ۾ سلامتيءَ سان ترندي اچي اجمير پهتي، جتي انيراءِ جهڙي وڏي راجا راج ٿي ڪيو.

جڏهن نجوميءَ کي هار سان کيل ويڙن جي سڌ پئي، تڏهن هو راجا انيراءِ جي ملڪ ويو ۽ ڪنهن چارڻ کي وڃي اها پيٽي ڏسيائين. پئي زال مڙس پيٽي درياءَ مان گهلي ڪڍي ويا ۽ وڃي کولي ڏٺائون. مائي جڏهن ڏنو تہ پيٽي اندر هڪ سهڻو پٽ پيو آهي، تڏهن خوشيءَ وڃان رڙ نڪري ويس ۽ هار کي پيٽيءَ مان ڪڍي پنهنجو پٽيلو ڪري نهاڙڻ لڳي. چارڻ جي زال چيو تہ: "جيتوڻيڪ هي هينئر ننڍڙو آهي، مگر ڪنهن ڏينهن وڏي وڏو ٿيندو ۽ اسان کي اسان جي محنت ۽ نهاڙڻ جو عيوضو ڏيندو." مڙس بہ اڳ ڪالهہ

قبول ڪئي ۽ ٻار کي ڪٽي گھر آيا ۽ نالو ٻيجل رکيائونس.
ٻار جڏھن ڇھن سالن جو ٿيو تہ ھن کي پنھن جا گڏھ، گھوڙا
چارڻ لاءِ ڏنائون. ٻيجل روزانو انھن کي جھنگ ۾ چارڻ
لاءِ ڪاھي ويندو ھو ۽ وات تان ويندي چارڻ سُرندي تي
اھڙو تہ مٺو ڳائيندو ھو جو ھرڻ بيھي ھن جو ساز ٻڌندا ھئا.
ھڪ ڏينھن ٻيجل اھڙي ھنڌ اچي پھتو، جتي ڪن شڪارين
ھرڻ جو شڪار ڪيو ھو. انھن ھرڻ کي انھيءَ ھنڌ پچائي ڪائي
ان جا آندا وڻ جي ٻن ٽارين تي اڇلي ڇڏيا ھئا. آندن ۾
اھڙو اسرار ھو جو جڏھن ڏڪ جو واءُ ٿي لڳو تہ انھن مان
اھڙو آواز ٿي نڪتو جو ھرڻ ۽ ٻيا جھنگلي جانور انھيءَ
سريلي آواز کي ٻڌڻ خاطر ان وڻ ويجھو ڪنڌ نمائي اچي
وھندا ھئا. جڏھن ٻيجل اھو آواز ٻڌو ۽ ان سڃي راز جي
خبر پيس، تڏھن مٿل ھرڻ جا آندا ڪٽي پنھنجي سرندي ۾
وڄھي، ڪمان ڪيڙي ويھي وڄائڻ لڳو. جھنگلي ھرڻ تہ
اڳيئي انھن پراسرار آندن جي سريلي آواز تي اچي ڪاھت
ٿيندا ھئا، مگر ھاڻي تہ پکي بہ آسمان تان لھي اچي ولر ڪري
ٿي ويٺا. جيستائين ھن جو راڳ جاري رھندو ھو، تيستائين
ھن کان پري نہ ٿيندا ھئا. اھڙيءَ طرح ھو ھنن جانورن کي
پنھنجي ساز سان ڪاھيندو جھوپڙيءَ ۾ وٺي ايندو ھو ۽ کين
جيڪو بہ ھرڻ ڪائڻ لاءِ ڪپندو ھو سو جھلي وٺندا ھئا ۽
انھيءَ کان پوءِ ٻيجل سرندو بند ڪندو ھو تہ ھڪدم پکي
آسمان ۾ اڏامي ويندا ھئا ۽ جانور پنھنجي غارن ۽ ٻيلن ۾
موٽي ھليا ويندا ھئا. چارڻ پنھنجي گوديلي پٽ جي حرفت
۽ ھوشياريءَ تي بيحد خوش ھو. ھن دل ۾ سوچيو تہ سال ۾
ھڪ ڀيرا ھرڻ اسان ڪان قاسندو ھو تہ ڀاڪ کي
خوش نصيب سمجھندا ھئاسين، مگر ھي نينگر تہ جنھن مھل
وٽي جھلي ٿو اچي. ھي سچ پچ ھڪ سوغات آھي، جا قدرت
اسان کي ڏني آھي. ٻيجل جي راڳ ۽ سرندي جي ھاڪ

پکڙجندي وئي، تان جو چارڻ بناکنهن دقت جي هن لاءِ هڪ سهڻي ڪنوار هٿ ڪري ڏني، جنهن سان هن ڪچ وقت خوشيءَ جو گذاريو.

جنهن وقت ٻيجل جائو هو، ان ساڻي وقت راجا انيراءِ جي هڪ زال کي پٽ ڏيءَ جائي هئي. راجا انيراءِ کي اڳي ئي ست ڏيون هيون، سو هن ڏيءُ جمڻ تي هن کي ايڏي ڪاوڙ لڳي جو ٻارڙيءَ کي پيٽيءَ ۾ وجهي ۽ سون جي ٽيلهي پاسي کان رکي، پيٽيءَ کي سنڌوندي ۾ لوڙهي ڇڏيائين. پيٽي درياءَ ۾ لڙهندي اچي هڪ ڪوٽ ۾ نڪتي، جو راءِ ڏياچ جي هٿ هيٺ هو ۽ جتي رتنو ڪنير رهندو هو. ڪنير اها پيٽي ڏسي ورتي ۽ پاڻيءَ مان ڪڍي ٻاهر ڪيائين. صندوق مان ننڍڙيءَ کي ڪڍي گهر کڻي ويو ۽ سورٺ نالو رکيائينس. جيتوڻيڪ رتنو، راءِ ڏياچ جي ڪوٽ ۾ رهندو هو، مگر راجا انيراءِ جو لاڏلو هوندو هو ۽ هميشه هن جي دربار ۾ حاضري ڀريندو هو.

هڪ ڏينهن رتني، راجا کان ٻن مهينن جي موڪل وٺي پنهنجي ڪوٽ ويو، جتي هن جا ڏينهن تمام مزي ۽ خوشيءَ ۾ گذريا، ايتريقدر جو چار مهينا گذري ويس. ان کان پوءِ، هن کي پٽي جي يادگيري پئي ۽ هاڻي موڻ جو سانباهو ڪيائين. سندس زال کيس چيو تہ: "منهنجا سائين! راجا توهان کي ڏهن ٻ انهيءَ موڪل کان وڌيڪ ترسڻ جي ڏوهہ لاءِ معاف نہ ڪندو، ۽ مان سمجهان ٿي تہ توهان موت جي منهن ۾ ٿا وڃو." مگر رتني جواب ڏنو تہ: "ڪجهہ ٻہ ٿئي، مان ضرور ويندس. مون هڪڙو ڏوهہ ڪيو آهي، ٻيو ڏوهہ نہ ڪرڻ گهرجي."

راجا انيراءِ، رتني جي ٻن مهينن کان پوءِ موٽي نہ اچڻ تي سخت ناراض ويٺو هو ۽ پنهنجي درٻانن کي چئي چڏيو هئائين تہ جڏهن رتنو دربار ۾ اچي ۽ مون وٽان ٿي موٽي

تہ هن کي هڪدم ماري ڇڏجو. جيئن رتنو راجا انيراءِ جي محلات ۾ پهتو تہ ان جي دربانن هن کي سلام نہ ڪيو ۽ نہ وري هميشه وانگر عزت سان هن کان گهوڙو ورتائون. رتنو محلات ۾ داخل ٿي راجا جي حضور ۾ پهتو، مگر راجا سخت ڪاوڙ مان هن ڏانهن نهاريو ۽ منهن موڙي ڇڏيائين. رتني جرئت سان چيو تہ: "اي راجا! توهان ڇو اهڙيءَ طرح مون کان منهن موڙيو آهي؟" بادشاهه غصي مان جواب ڏنو تہ: "تو وعدو ڪيو هو تہ بن مهينن ۾ موتي ايندس ۽ تون چار مهينا رهي آيو آهين." رتني وراڻي ڏني تہ: "راجا! انهيءَ کان اڳ جو سون کي ڏوهي ٺهرايو، منهنجي هڪ گهالهه ٻڌو." راجا ڪاوڙ مان چيو تہ: "پلا ٻڌاءِ توکي ڇا چوڻو آهي؟" رتني عرض ڪيو تہ: "اي سائين! مون کي هڪ وڏي ڏيءَ آهي، مان ان لاءِ وَرَ جي ڳولا ۾ آهيان، ۽ اڃان ڪامياب نہ ٿيو آهيان." تنهن تي راجا چيس تہ: "چو نہ مون سان هن کي پرڻائين." رتنو اهڙو تہ خوش ٿيو جو هڪدم رضامند ٿي، راجا جي گهوڙي تي سوار ٿي سورٺ کي، جيڪا چوڪري هن سنڌو درياءَ مان لڌي هئي، وٽي اچڻ لاءِ روانو ٿيو. هن جي اڳيان شاهي دربانن جو دستو سوار ٿيو جو دُهل شرنايون زور سان وڄائيندا هليا، جو سارو آسمان گونجي رهيو هو. جڏهن هي ٽولي راجا راءِ ڏياچ جي سرحد تي پهتي تہ رتني، انيراءِ جي دربانن کي چيو تہ پڌي موٽو. "جيڪڏهن توهان ائين سوار ٿي هليا ۽ دهل وڄائيندا رهيا تہ راجا ڏياچ سمجهندو تہ توهان هن تي ڪاهہ ڪرڻ آيا آهيو." انهي ڪري دربان پڌي موٽي ويا ۽ رتنو اڪيلو پنهنجي سر گهر ويو ۽ سورٺ جي شادي راجا انيراءِ سان ڪري ڇڏي. جنهن کان پوءِ ڏياڻين جو سرڪس گهڻين مان گهمايائين. ان وقت راجا ڏياچ گرنار قلعي ۾ پنهنجي محلات جي هڪ دريءَ وٽ ويٺو هو ۽ جڏهن هن ڏياڻين جو اهو سرڪس ڏٺو، تہ پنهنجي نوڪر کي انهيءَ سرڪس

جي سبب معلوم ڪري اچڻ لاءِ موڪليو. نوڪر خبر آندي تہ رتنو پنهنجي ڏيءَ جي شادي، راجا انيراءِ سان ڪري رهيو آهي. راجا رتني کي سڏائڻ جو حڪم ڏنو. نوڪر رتني کي وٺي آيا. راجا پڇيس تہ: "تو پنهنجي ڏيءَ مون کي ڇو نہ ڏني؟" تنهن تي رتني وراڻي ڏني تہ: مان غريب ۽ توهان راجا! مون کي اهو خيال ڪيئن اچي تہ توهان منهنجي نياڻي قبول ڪندا. راجا ڪجهہ دير ويچار ڪرڻ کان پوءِ چيو تہ: "بس هاڻي هوءَ منهنجي زال ٿيندي. سان راجا انيراءِ کي سمجهي وهندس." اهي لفظ ڇڻي، هن پنهنجا چوبدار موڪليا تہ سورٺ کي وٺي آڻي محلات ۾ حاضر ڪن.

ڪجهہ عرصي کان پوءِ جڏهن راجا انيراءِ کي خبر پئي تہ راجا ڏياچ، سورٺ کي کڻائي ويو آهي، تڏهن وڏو لشکر ڪٺو ڪري گرنار قلعي تي حملو ڪيائين. مگر جڏهن هن قلعي تي گهيرو ڪرڻ چاهيو تہ ڪامياب نہ ٿي سگهيو، چاڪاڻ تہ توبون قلعي جي اوچين ديوارن جي مٿان وڃي نہ سگهيون ۽ گهٽي نقصان سهڻ کان پوءِ دل شڪستو ٿي اجمير موٽيو. مگر هن جي دل ۾ راجا ڏياچ جي خلاف غصي جي باهہ جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ ٻرڪي رهي هئي. هن پنهنجا قيمتي جواهر ٿالهہ ۾ وجهي پنهنجي هڪ ماڻهو کي ڏنا تہ سڄي شهر ۾ گهمائي ۽ اعلان ڪري تہ هي جواهر جو ٿالهہ انهيءَ کي ملندو، جيڪو راجا ڏياچ جو سر اجمير ۾ آڻي ڏيندو.

جڏهن اهو ماڻهو چارڻ جي ڳوٺ ۾ پهتو تہ ان وقت ٻيجل گهر ۾ موجود ڪونہ هو ۽ هن جي غير حاضريءَ ۾ سندس زال اهو هيرن جو ٿالهہ ماڻهو کان وٺي، پاڻ وٽ رکيو. جڏهن ٻيجل گهر آيو ۽ زال جي انهيءَ عمل جي خبر پئس تہ ڏاڍي ڪاوڙ لڳس ۽ چيائين تہ: "بدبخت، تو هي ٿالهہ ڇو وٺي رکيو؟" تو مون کي هڪ اهڙي جوکائتي ڪم تي وڃڻ لاءِ مجبور ڪيو آهي، جو جيڪڏهن نہ ٿو وڃان تہ راجا انيراءِ

جا ماڻهو اڇي اسان کي ماري ويندا ۽ اسان جي ڳوٺ کي ڦري ناس ڪري ڇڏيندا."

ائين چوڻ کان پوءِ، بيجل پنهنجو سرندو ڪنيو ۽ ان کي اڇين ڪوڏين جي لڙهه ۾ ٻڌائين. ان کان پوءِ اڇي پوشاڪ پهري پيادو گرنار ڏانهن راهي ٿيو. جڏهن شاهي قلعي جي ويجهو پهتو، تڏهن ڏٺيءَ کان دعا گهرياٿين تہ: "اي مالڪ منهنجي هي دعا قبول ڪر تہ مان راجا راءِ ڏياچ کي پنهنجي ساز سان اهڙو تہ موهيان، جهڙو مان پنهنجي ڳوٺ جي ويجهو جانورن ۽ پکين کي موهيندو آهيان!" پوءِ تہ هن اهڙي سوز مان اهو سرندو وڄايو جو شهر جا ماڻهو ڊوڙندا ٻاهر گهٽين ۾ نڪتا ۽ هن کي خيرات آڇڻ لڳا. مگر هي ڪجهہ نہ پيو وٺي ۽ ساري رات سرندو وڄائيندو رهيو. شهر جا ماڻهو هن جو پاسو وٺي ويهي رهيا، چو تہ هنن جي اکين ۾ نند تيسين کانہ آئي، جيسين بيجل تنبور جي تارن کي گز پئي هنئين.

ٻئي ڏينهن صبح جو، هن حيرت جهڙي فقير جي خبر راجا ڏياچ جي ڪن تي ڀڃي. شام جو راجا، بيجل لاءِ هڪ پالکي موڪلي ۽ حڪم ڪيو تہ سندس محلات ۾ اڇي. بيجل محلات ۾ پهچي، ساري رات سُرندو وڄايو، تان جو راجا راءِ ڏياچ بيخود ٿي، هن کي پنهنجي ملڪ مان، سندس پسند مطابق ڪنهن بہ ڳوٺ ڏيڻ جي آڇ ڪئي، مگر هن ڪنڌ ڏوٽي انڪار ڪيو. جڏهن صبح ٿيو، تڏهن بيجل شهر جي ٻاهر ڪنهن وڻ هيٺان وڃي ڪي گهڙيون آرامي ٿيو. وري انهيءَ شام جو راجا ڏياچ هن کي سڏايو، چوتہ ڏياچ بہ هن چوڪري جي ڪنڌ ۾ اهڙو ڪاٽو هو، جهڙو جهنگ جي جانورن ۽ پکين کي ڪاسائي ڳوٺ وٺي ويرحميءَ سان ختم ڪندو هو.

آها رات ۽ ٻيون ٽي راتيون لڳاتار راجا ڏياچ موهت ٿي انهيءَ طلسمي ساز کي پئي ٻڌو. آخر چيائين: "مگٿهار، گهٽر، جيڪي گهُرٽو اٿيٽي ۽ مان توکي سيکجهہ ڏيڻ لاءِ

تيار آهيان." انهيءَ جواب لاءِ ٻيجل اڳ ۾ ئي رٽ رٽي هئي، سو صدا هٽندي چيائين: "اي راجا، منهنجي گهر فقط تنهنجو سير آهي." راجا چوڪري جي چار ۽ اهڙو ڦاٽو هو جو هن جو پاڻ ڇڏائڻ هاڻي محال هو. هن ٻيجل کي پنهنجا قيمتي ويس وڪاءِ، پنهنجا محلات، پنهنجا گهوڙا وهٽ، پنهنجا خزانا وغيره سڀ آڇيا، پر ٻيجل رکو ناڪار ۽ ڪنڌ ڦيٽي ڏوٽيو ۽ پنهنجو سرندو ڪٽي وڃائيندو ٿي رهيو. جيئن ئي هن جو ساز راجا جي ڪنن تي گهرو ٻوندو ٿي ويو تہ سندس دل ٻڏڻ ٿي لڳي. ٻيجل کي يقين هو تہ راجا سندس راڳ جي قدر مان چڱي ڪونہ سگهندو ۽ هاڻي هن ۾ اها جرئت ڪانہ رهي هئي جو ٻيجل کي نااميد ڪري. چوڪرو مڱٿار محلات ۾ ٽڪي ٻيو ۽ هر روز شام جو ٻيرواهيءَ سان بادشاهہ جي ڪمري ۾ داخل ٿي، بنان چوٽ جي پاٽمرادو ساز چيڙيندو هو. آخرڪار راجا چيس تہ: "اي ٻيجل، منهنجو سير تنهنجي ڪهڙي ڪم ايندو؟ مون کي اهڙي شيءِ انعام ڏيندي شرم ٿو اچي. منهنجو خزانو وٺ، ۽ جي موج مزا ڪر." پر ٻيجل ڪنڌ ڏوٽي جواب ڏنو تہ: "مون کان دان ٻڌيو اٿو، جو مون توهان کي ٻڌايو آهي. توهان هاڻي پنهنجو وچن ڪيئن نہ پاڙيندا. آخر زندگي عزت کان سواءِ ڪهڙي ڪم جي؟ انهيءَ ڪري پنهنجو وچن پاڙيو. ان ۾ ئي توهان جو نالو هميشہ قائم رهندو ۽ جيڪڏهن قول نہ پاڙيندا تہ ٻوءِ ڀل ڪٽي حياتي ڪجهہ سال بقاءِ ڪري، پر توهان جو مان ۽ شان تہ هينئر ئي ختم ٿي ويندو." راجا کي جواب سمجهہ ۾ ئي نہ آيو، چاڪاڻ تہ ٻيجل جي ساز هن جي عقل ۽ سمجهہ تي پردا وجهي چڏيا هئا، بلڪل اهڙيءَ طرح جيئن پکين ۽ جانورن کي موهت ٿي ڪيائين. راجا ٻيوس ٿي هن کي ٻڌندو رهيو ۽ ٻيجل هن جي ڦر ۾ ٻيهي پنهنجي جادوءَ جو چار راجا کي مضبوطيءَ سان ويڙهيندو ٿي ويو.

آخرڪار راجا ڏياچ راڻيءَ سورٺ کي چيو تہ پيجل مان هن جي جند آزاد ڪري، راڻيءَ پيجل لاءِ پالکي موڪلي ۽ راجا وانگر هن سان پيجل کي آڇا وڳا ويس، هيرا جواهر ۽ هاٿي آڇيا، مگر پيجل هڪ نہ منجي ۽ چيائين تہ: "راجا مون کي وچن ڏنو آهي ۽ جيڪڏهن انهيءَ کي پورو نہ ڪيائين تہ راجا نہ رهندو."

جڏهن ڏياچ کي خبر پئي تہ سورٺ پيجل کي ميڙڻ ۾ ڪامياب نہ ٿي آهي، تڏهن هو پنهنجي ماڻ راڻي خاتوءَ وٽ ويو ۽ چيائينس تہ هاڻي مان ڇا ڪريان؟ جيڪڏهن هن کي پنهنجو سر ٿو ڏيان تہ توکي، پنهنجي راڻين کي، بادشاهت ۽ شان شوڪت کي ڇڏڻو پوندو. پر جيڪڏهن ائين نہ ڪيم تہ هو مون کي وچن پوري نہ ڪرڻ جا طعنا ڏيندو ۽ هن قسم کنيو آهي تہ ساريءَ دنيا ۾ منهنجي خواريءَ جي خبر پوندي. راڻي خاتوءَ جواب ڏنو تہ: "منهنجا پٽ! آخر حياتي ڇالاءِ آهي؟ اها هڪ خسيس شيءِ آهي ۽ ڪنهن کي خبر ناهي تہ اها ڪيترو هلندي. توکي اهڙو اڀرو وچن نہ ڪرڻ ڪپندو هو، پر جنهن صورت ۾ هاڻي ڪري ويٺو آهين تہ ٻوءِ توکي اهو پورو ڪرڻو پوندو تہ جيئن تنهنجو نالو هميشہ لاءِ قائم رهي." راجا غمگين ٿي پنهنجي ڪمري ۾ موٽي ويو. آنهيءَ شام جو پيجل آيو ۽ اچي سرندو وڄايائين. جنهن جهڙو اثر اڳ راجا تي ڪڏهن ڪونہ ٿيو هو. آخر راجا ناڪاميديءَ ۾ آٿيو ۽ پنهنجي تلوار کي ڪيڙي هڪ ٿي ڏڪ سان پنهنجي سسي لاهي رکيائين. پيجل سسي ڪٽي، پنهنجي سرندي کي ڪچ ۾ ڪري، اجمير ڏانهن راهي ٿيو، جتي راجا انيراءِ رهندو هو.

پيجل جي ڪارنامي جي خبر سڌس پهچڻ کان اڳ ۾ ٿي پهچي چڪي هئي، سو جڏهن راجا انيراءِ کي خبر پيئي تہ هو اجمير کي ويجهو پهتو آهي، تڏهن پنهنجي ماڻهن کي

موڪلياڻين تہ هن کي ماري سندس ملڪ مان ٻاهر ڪڍي ڇڏين، ۽ پوءِ واکو ڪري چياڻين تہ جي سچي کان مٿانهون هندستان جو راجا راءِ ڏياچ ٻہ هن جي چار ڀ ڦاسي ٻيو، جيڪڏهن آءٌ هن کي اجمير ڀ اچڻ جي اجازت ڏيندس تہ مون کي ٻہ ماري ڇڏيندو. ۽ پوءِ راجا انيراءِ جي سپاهين ٻيجل کي پنهنجي ملڪ مان هڪالي ڪڍي ڇڏيو. هن کي جتائڻ ڏنو ويو تہ جيڪڏهن ٻيهر ملڪ ڀ سوڻي آيو تہ ڪيس جان کان جدا ڪيو ويندو.

آخر ٻيجل پنهنجي ڪوٽ ويو ۽ پنهنجي زال کي ساڻ ڪري موڻي گرنار روانو ٿيو. هو جيئن ٿي شهر جي ويجهو ويو، تہ هن ماڻهن جو هڪ وڏو ميڙ ڏٺو، جيڪي شهر جي ٻاهر اچي گڏ ٿيا هئا. پڇا تي معلوم ٿيس تہ راجا ڏياچ جي زال سورٺ ڏاڳهه ٿي چڙهي ستي ٿي ٿئي. هن اهو نظارو پنهنجي اکين سان ڏٺو. هن ڏٺو تہ سورٺ هڪ وڏي چڪيا تي چڙهي، جا هن لاءِ تيار ڪرائي وئي هئي. ان کان پوءِ راڻي خاتو ٻہ سندس پاسي چڙهي ٻيٺي ۽ ٻنهي راڻين پنهنجي ماڻهن کي چڪيا کي ٻارڻ لاءِ چيو. ٻيجل کي سخت پشيمانيءَ اچي گهيرو ڪيو. هن ڏٺو تہ سندس ٿي ڪري راجا ڏياچ جي گهر تي ڪيڏي نہ مصيبت اچي ويئي ۽ پوءِ جيئن ٻاهر جا آلا مٽي اڏاڻا، هي ڏوکيندو ويو ۽ وڃي پاڻ کي ٻاهر ڀ اڇلايائين. هيءَ حال ڏسي ٻيجل جي زال سمجهيو تہ راجا انيراءِ جي جواهرن واري ٽالهه وٺ ڪري هن ٿي پنهنجي مڙس کي موت جي منهن ڀ ڏنو هو، ان ڪري سخت ارمان ٿيس ۽ درد وچان هن ٻہ پاڻ کي ٻاهر جي آلن ڀ ڪٽي اڇليو.

۸ــ هير ۽ رانجهو

ڪنهن زماني ۾، جناب ندي‌ءَ جي ڪناري تي جهنگ سيال ۾ چوچڪ نالي هڪ بادشاهه راج ڪندو هو. ڪيس هير نالي هڪ نينگري هوندي هئي. چوڪري‌ءَ جي حسن جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي! ڪچي اهڙي هيس جهڙي بدڪ جي ڏگهي ڪچي، اکيون هرڻ جهڙيون ۽ آواز وري ڪوئل جهڙو! مطلب ته خدا جو هڪ رنگ هو. صورت سان گڏ سهڻي سيرت جي به مالڪ هئي. ڏاڍي سمجهو ۽ سياڻي هئي. بادشاهه ڪيس لاڏڪوڏ سان نهايو ۽ رهڻ لاءِ ندي‌ءَ جي ڪناري تي هڪ سهڻو محلات ٺهرائي ڏنائينس. هير کي هر طرف گهمڻ جي آزادي هئي. بادشاهه ندي‌ءَ جي سير و تفريح لاءِ هير کي هڪ سهڻي ٻيڙي ٺهرائي ڏني هئي، جنهن ۾ هوءَ سواري ڪندي هئي ۽ ندي‌ءَ ۾ ڪڏهن اوپاري ته ڪڏهن لهواري پئي ويندي هئي. سونهن سان گڏ ڪيس مٺو آواز پڻ ملیل هو. رات جو ندي‌ءَ جي ٻنهي ڪنارن تي رهندڙ ماڻهو ڪيس ٻيڙي‌ءَ واري گهر مان ڪائيندو پڌندا هٿا ۽ اڻين محسوس ڪندا هٿا ته، جڏ هير هڪ بلبل هئي ۽ سندس ٻيڙي هڪ پنجرو.

ان ساڳئي وقت، هزارا رياست ۾ وري چار پائر حڪومت ڪندا هٿا، جن ۾ سيني کان وڏيڪ بهادر ۽ مقبول رانجهو هو. هڪڙي ڏينهن، هنن وٽ هڪ سياح اچي مهمان ٿيو ۽ هن پنهنجي عادت مطابق مهمان جي وڏي خاطرداري ڪئي. ليڪن ظاهري سڪ سهنج هوندي به، هي مهمان غمگين پئي نظر آيو. تنهن تي شهزادي رانجهو هن کان ان حالت جو سبب پڇيو. بس، هن جي پڇڻ جي دير هئي. مسافر اچي احوالن ۾ ٻڌايو، جيائين ته: "شهزادا، مون کي ٻي ته ڪابه تڪليف نه آهي، فقط منهنجا خيال ۽ دل پنهنجي شهر جهنگ سيال ۾ آهن ۽

جسماني طرح تو وٽ مهمان آهيان. آتي جو چوڪ نالي هڪ بادشاهه حاڪم آهي ۽ آتي سندس شهزادي هير به رهي ٿي. شهزادي هير جي سونهن بيان ڪرڻ لاءِ مون وٽ الفاظ نه آهن، فقط محسوس ڪري سگهان ٿو. انڪري، جيڪڏهن اڄ تون مون کي غمگين ڏسين ٿو، تہ ان جو سبب هي آهي تہ مان به پنهنجي شهر جي ڪيترن نوجوانن وانگر، پنهنجي دل هير جي حوالي ڪري چڪو آهيان ۽ دراصل منهنجي سفر اختيار ڪرڻ جو مقصد به اهو هو تہ ڪنهن طرح سان هن غمگين ۽ اداس دل کي ٻين شين طرف رجوع ڪري، پنهنجو غم غلط ڪريان."

هن ڪالهہ ٻڌڻ کان پوءِ، شهزادي جي دل ۾ هڪ عجيب احساس پيدا ٿيو ۽ دل جي تسڪين لاءِ مسافر کي هير جي سونهن بيان ڪرڻ لاءِ گذارش ڪيائين. مسافر هير جي حسن جو بيان اهڙن لفظن ۽ تشبيهن سان ڪيو جو ڪالهہ ختم ٿيڻ وقت شهزادو رانجهو، پنهنجي پاڻ تان قبضو وڃائي ويٺو ۽ چوڻ لڳو تہ: "مان وعدو ٿو ڪريان تہ هن حسن جي حور کي ضرور ڏسندس يا تنهنجي اڳيان پنهنجو سير وڃيندس." مسافر جواب ۾ چيس تہ: "اي شهزادا، مرڻ يا مارڻ جي کيڏي ضرورت آهي. تون خود شهزادو آهين. تون هير جي سڳ لاءِ سندس پيءُ ڏانهن پيغام موڪلي سگهين ٿو."

شهزادي رانجهو، چوڪ بادشاهہ ڏانهن پيغام ان ڪري نہ ٻڌي موڪليو جو ڪيس انڪار جو خطرو هو. ٻي پاسي هير جي بيان ڪيل تصوير هن جي سامهون ڪيس وڏيڪ پريشان ڪندي رهي ۽ آخر اهڙو وقت آيو جو هن جو کاڏو پيتو حرام ٿي ويو. شهزادي جي هيءَ حالت ڏسي، سندس پاڻرن هڪ سازش سڏي ۽ هڪ ڏينهن شهر مان لوڏي ٻاهر ڪيڙائونس ۽ سندس حڪومت جو حصو به پاڻ ۾ ورهائي ڪنيائون.

عشق جو به عجيب سرشتو آهي. ڪالهه جو حاڪم اڄ پنهنجو فقير هو. پي ڪا واهه نه ڏسي، رانجهو پنهنجو فقير جي حالت ۾، پنهنجي اڻ ڏٺي محبوب جي وطن ڏانهن رخ رکيو. سڀ تمام اٽانگو ۽ ڏکوئيندڙ هو. آخر ٽکاوٽ ۾ ڇوڙ ٽيل رانجهو هڪ ڏينهن اچي جهنگ سيال شهر ۾ پهتو ۽ اچي چناب درياءَ جي ڪنڊيءَ تي دم پٽائين. درياءَ جي ڪناري تان، شهزادي رانجهو، شهزادي هير جو محلات ڏٺو، جو تصور جي دنيا ۾ اڳي ئي ڏسي چڪو هو. شهزادو احسان آن محلات طرف نهاري رهيو هو ته ايتري ۾ ڪيس پريان هڪ ٻيڙي ايندي نظر آئي. شهزادي ٻيڙيءَ جي ميربحر کي منت ڪئي ته هو ڪيس ان ۾ چاڙهي ته جيئن هو ٿورو آرام ڪري سگهي. شهزادي جي صورت ۽ سونهن سوڀيا مان ميربحر سمجهي ويو ته هو به ڪو شهزادو يا امير ماڻهو آهي، پر هو اڻين ڪرڻ کان مجبور هو. نيوڙت ۽ نياز سان وراڻيائين ته "سائين، هيءَ ٻيڙي منهنجي نه آهي، پر شهزادي هير جي آهي، تنهنڪري مان توکي ان ۾ چاڙهي نٿو سگهان."

شهزادي رانجهوءَ اهو جواب ٻڌي دل ڪاڻ هاري ۽ وڌيڪ منت سيڙ ڪرڻ لاءِ ميربحر جي ٻيڙيءَ ڏانهن وڌيو. ٽڪجڻ سبب، شهزادو ايترو ته ساٿو ٿي چڪو هو، جو ٿورو هلڻ کان پوءِ، درياءَ جي ڪناري تي پاڻ نه جهلي سگهيو ۽ وڃي پاڻيءَ ۾ ڪريو. هيءَ حال ڏسي، ميربحر رحم وچان، شهزادي کي پاڻيءَ مان ڪڍي، ٻيڙيءَ جي تختي تي ڪٽي ليٽايو. ان کان پوءِ ڪٽي شهزادي هير جي بستري تي سمهاريائين، ته جيئن ڪجهه آرام ڪري، هوش ۾ اچي. بستري تي ليٽڻ سان ٽڪل شهزادي کي ننڊ اچي ويئي.

قدرت خدا جي اهڙي ٿي، جو ان ڏينهن دستوري وقت کان اڳ، هير کي درياءَ جي سير ڪرڻ جو ارادو ٿيو، سو پنهنجي سٽ ٻانهين سان محلات جي باغ مان لنگهي،

درياءَ جي ڪناري تي اچي پهتي. شهزاديءَ کي اوچتو سامهون ڏسي، ميربحر خوف وچان ڏڪڻ لڳو. زال کي سڏي چيائين تہ "ڪنهن طرح سان شهزاديءَ کي وڃي راضي ڪر، ورنہ هوءَ اڄ منهنجي ڪل لهرائي ڇڏيندي." مڙس کي بچائڻ لاءِ، سندس زال ٻيڙيءَ مان لهي وئي رڙيون ڪيون. شهزاديءَ جي ٻڌا تي عرض ڪيائين تہ "شهزادي، اڄ اهڙو واقعو ٿيو آهي، جنهن لاءِ منهنجو مڙس بيقصور آهي، اوهين مهرباني ڪري هن کي معاف ڪجوس. دراصل هڪ جوان مرد زبردستيءَ ٻيڙيءَ ۾ چڙهي آيو. اچي توهان جي بستري تي سمهي پيو آهي." انهيءَ ڳالهہ ٻڌڻ سان، شهزادي ڪاوڙ ۾ تپي ڀڙهي ٿي ويئي ۽ رڙ ڪري چوڻ لڳي "ڪير آهي؟ جنهن کي ايڏي جرئت ٿي آهي؟ مون کي ڏيکار تہ مان ٿي ويڃي ڪٻرا ڪيانس." ائين چئي، ٻيڙيءَ ۾ داخل ٿي تہ جيئن خنجر سان سمهيل ماڻهوءَ کي ختم ڪري، ليڪن جڏهن سندس نظر سمهيل جوان تي پيئي، تڏهن سندس ڪاوڙ ڪافور ٿي ويئي. مٿان ٻيهي، هن نند ۾ ستل جوان جي سونهن جي تلاءَ مان پريت جو پاڻي پيئندي رهي ۽ ايتري ۾ رانجهوءَ جي ٻہ اک کُلي پئي. جان کڻي ڏسي تہ سندس سامهون هڪ اهڙي حسين ۽ جميل نوجوان ٻيٺي آهي، جنهن جي سونهن پريءَ جي حسن کي ٻہ ڀئي شرمايو، جنهن جون اکيون ۽ جنهن جي جسماني ٻيهڪ بيان ڪرڻ کان ٻاهر هئي. هير جي حالت ان وقت اهڙي هئي، جڏ تہ مٿس ڪنهن جادو پڙهيو آهي، بي‌وس ٿنجي بستري جي پرسان اچي ٻيهي رهي. شهزادي پيار سان ٻانهون ڪوليون ۽ وڏي چاهہ سان هير کي چُمي ڏنائين.

هير، شهزادي کي اڻ جي تڪليف نہ ڏني ۽ پاسي ۾ وهندي ڪيس پنهنجي احوال بيان ڪرڻ لاءِ چيائين. جڏهن شهزادي رانجهوءَ، شهزاديءَ کي اهو ٻڌايو تہ هُن هير لاءِ

پنهنجي بادشاهي وڃائي آهي ۽ فقيراڻي ويس ۾ زندگي اختيار ڪئي آهي، تڏهن هير جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا. ان کان پوءِ هير چوڻ لڳي تہ "اي سنهنجي دل جا مالڪ، تنهنجو هتي منهنجي هن ٻيڙيءَ واري گهر ۾ رهڻ خطري کان خالي نہ آهي. تنهنجي رهائش واري ڳالهہ فوراً منهنجي پيءُ تائين پهچي ويندي ۽ هو توکي جيئرو نہ ڇڏيندو." ان کان پوءِ ٿورو سوچي، هير چوڻ لڳي تہ "مون کي هڪ ترڪيب سُجهي آئي آهي. توکي ميهار جي شڪل ۾ ويس اوڍاڻو پوندو. ان کان پوءِ جيڪڏهن تون منهنجي پيءُ وٽ مينهن چارڻ جي نوڪري حاصل ڪندين تہ پوءِ اسان جو ملڻ آسان ٿي پوندو. تون مينهن کي درياءَ جي ڪناري تي چارڻ جي بهاني سان وٺيو ايندين ۽ مان تفريح جي سانگي هن ٻيڙيءَ ۾ چڙهي روزانو توسان ملي سگهنديس." ان تي شهزادو ٿورو مشڪيو ۽ ميهار جا ڪپڑا پائڻ پيار مان، هير کان موڪلايائين. ان کان پوءِ هير سڌي ماڻ وٽ آئي ۽ اڇي چيائينس تہ: "اسان جي مينهن جي چارڻ جو خاطرخواه بندوبست نہ آهي ۽ اهوئي سبب آهي جو آهي وڏن ويجهن کونہ ٿيون. اسان کي اهڙين مينهن مان کو فائدو کونہ ٿو پهچي. دراصل اسان جي مينهن لاءِ هڪ هوشيار ميهار جي ضرورت آهي. مون اڄ اهڙو ميهار هٿ ڪيو آهي، جيڪو هزارا جو آهي ۽ ان ڪم ۾ بيحد پروسي جهڙو آهي. منهنجو خيال آهي تہ ان کي پاڻ وٽ نوڪريءَ ۾ رکون." اهو ٻڌي، سندس ماڻ ان ڳالهہ تي رضامند ٿي ۽ ڏينهن جو جڏهن رانجهو سمجهايل طريقي موجب پاڻ کي ميهار جي نوڪريءَ لاءِ آڇيو، ڏهن راڻي ڪيس هڪ هزار مينهون چارڻ لاءِ ڏنيون.

رانجهوءَ کي انهيءَ نوڪريءَ ملڻ تي هير کان وڌيڪ خوش کوبہ کونہ ٿي نظر آيو، پوءِ تہ هوءَ روزانو ٻيڙيءَ ۾ چڙهي چناب درياءَ جي ڪناري تي، رانجهوءَ سان خوب

ملاقاتون ڪندي رهي. اهڙيءَ طرح هي ٻئي عاشق معشوق جناب جي ڪنڊيءَ تي وٽن هيڻان ويهي، روح رهاڻيون ڪندا هئا.

ليڪن باوجود انهيءَ راز لڪائڻ جي، هنن جي محبت جي ٻچار ماٺهن تائين پهچي وئي ۽ هر هنڌ چوپچو ٿيڻ لڳي تہ: هير پنهنجيءَ عزت ۽ ننگ ناموس کي هڪ حسين ڏنار وٽ وڪيو آهي. هي ڳالهيون، آخرڪار، شهزاديءَ جي مامي جي ڪن تي پهتيون، جنهن جو نالو 'هيڏو' هو. هن وري پنهنجي ٻيڻ راڻيءَ کي سمورو قصو ٻڌايو، جنهن تي هير کي گهرايو ويو ۽ ڪانئس سمورو احوال پڇيو ويو. پهريائين تہ هير پنهنجي محبت جي اظهار کان انڪار ڪيو، ليڪن بعد ۾ ماءُ کي سڄي حقيقت ٻڌايائين. خبر ٻڌڻ تي راڻي غصي ۾ ڀرجي وئي ۽ چوڻ لڳي تہ: "جيڪڏهن تون هن جهنگلي ڏنار کي هميشه لاءِ ڇڏڻ جو واعدو ڪرين تہ مان خاموش رهنديس نہ تہ مان سڄي ڳالهہ تنهنجي ٻيءَ سان ڪنديس ۽ پوءِ هن ڏنار کي زنده ڪين ڇڏيندو." هي ٻڌي، هير جواب ڏنو تہ: "امان! مان اهڙو وعدو نہ ٿي ڪري سگهان، چاکاڻ تہ مان پنهنجي زندگي ان ڏنار جي هٿ ۾ ڏئي ڇڏي آهي، تنهنڪري هن وقت ڏنار کي ڇڏي ڏيڻ پنهنجي زندگي کي ڇڏي ڏيڻ برابر ٿيندو." راڻي هي جواب ٻڌي، هڪدم، بادشاهہ کي وئي آئي، جنهن هي ڳالهہ ٻڌڻ شرط تراڙ باهر ڪيڙي ۽ غصي جي باهہ وچان، هير کي قتل ڪري وجهي ها پر سندس راڻيءَ چنبڙي ۽ آزيون ڪيس. لاچار هير کي قيد ۾ بند ڪيائين. ان کان پوءِ بادشاهہ پنهنجي دربانن کي حڪم ڪيو تہ: "رانجهو کي وڃي مار ڪيو ۽ شهر مان تڙي روانو ڪيو."

بس، بادشاهہ جي حڪم جي دير هئي. بادشاهہ جي نوڪرن رانجهوءَ کي سخت مار ڏني ۽ نهايت بڇريءَ حالت ۾ هو پنهنجي جان بچائي شهر کان دور هڪ جهنگ ۾ رهڻ لڳو. آتي هن وٽ نہ ڪائڻ لاءِ ڪا شيءِ هئي، ۽ نہ پيٽ

لاءِ پاڻي، ليڪن تنهن هوندي ب، رانجهو رڳو انهيءَ اميد تي زنده پئي رهيو تہ شايد ڪنهن وقت پنهنجي محبوب جو ديدار ڪري سگهي. اها اميد غلط ڪانہ ثابت ٿي. شهزادي هير قيد ۾ اهڙي حالت ۾ هئي جو سندس ساڻ ڪي هن جي سري وڃڻ جو خطرو اڇي لڳو ۽ بادشاهہ ڪي منتون ميڙون ڪري شهزادي کي آزاد ڪرايائين. بس، آزاد ٿيڻ جي دير هئي! قيد مان نڪري، هير جهنگ منهن ڪيو ۽ آڻي اچي نڪتي، جتي رانجهو هن جي لاءِ انتظار جون گهڙيون گذاري رهيو هو. ٻئي پياسي ٻاڻ ۾ مليا. ٿورو وقت آڻي رهي، هير محلات ۾ موٽي آئي. ان ڏينهن کان پوءِ روزانو رانجهو سان ملڻ ايندي هئي ۽ ان لاءِ ڪائڻ پيئڻ جون شيون ب ٻاڻ سان ڪٽندي هئي.

بهرحال، هير جو مامو پنهنجيءَ پاڻيجيءَ تي نظر رکندو پئي آيو. هن کي هڪ ڏينهن هير متعلق الائي ڪيئن شڪ پئجي ويو، سو فقير جو ويس ڌاري، هن جي ٻڌيان جهنگ ۾ ويو ۽ وڃي رانجهو جو پتو لڳايائين. ان کان پوءِ موٽي اچي سمورو قصو بادشاهہ کي ٻڌايائين. هن دفعي، بادشاهہ کي هير سان همدردي ٿي ۽ جيڪڏهن سندس پٽ رضامند هجن ها تہ هوند ٻنهي جي شادي ڪرائڻ کان نہ ڪيهائي ها. ڀهريائين تہ هي چارئي گڏجي رانجهوءَ کي ختم ڪرڻ جي خيال سان جهنگ ۾ ويا، ليڪن رانجهو ايڏو جريت وارو بهادر مرد هو جو هنن چئني کي ماري ڇڏائي ڪيائين، ان کان پوءِ هنن هڪ ٻي رٽ ڪئي. ٻاڻ ۾ گڏجي، نورنگ پور جي بادشاهہ نورنگ وٽ ويا ۽ ان جي پٽ خيرو سان پنهنجي ڀيڻ هير جو سڳ ڪيائون. شهزادي خيرو خوشيءَ سان هير سان شادي ڪرڻ قبول ڪئي. ان کان پوءِ ان جا ٻاڦر موٽي آيا ۽ اڇي ڀيڻ کي شاديءَ لاءِ حڪر ڪيائون. جنهن وقت عورتون هير کي ميندي لڳائڻ لاءِ سندس ڪمري ۾ داخل ٿيون، تڏهن

هير کين پڃائي سگهيو ۽ شادي ڪرڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو.

هي حال ڏسي، سيٽي ڏاڏا مايوس ٿيا ۽ سندس پيءُ هير کي قاضيءَ وٽ وٺي آيو. پهريائين ته قاضيءَ نرميءَ سان هير کي سمجهائڻ لڳو ته: "اي ڌيءُ! توکي پرديسيءَ سان محبت نه ڪرڻ گهرجي، توکي ان سان پيار ڪرڻ گهرجي، جنهن کي تنهنجا والدين تنهنجي لاءِ چونڊين ٿا." ليڪن هير انهن ڳالهين ڏانهن اڃڻ واري نه هئي. هوءَ اڪٽي وڏي، قاضيءَ کي چوڻ لڳي ته: "اي قاضي! محبت جي معنيٰ ڄاڻ تون ڇا ڄاڻين؟ مون جيڪڏهن، پنهنجي والدين جي سڏ کانسواءِ پيار جي پيالي ڄاڻ ڏک پيتو آهي، ته مون کي ايتري ته خبر پئي آهي ته ان پيالي ۾ ڇا آهي؟" انهيءَ تي قاضيءَ کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ۽ جوش ۾ چوڻ لڳو ته: "تون پاڻ آهين ۽ تو وڏو پاپ ڪيو آهي. والدين جي نافرماني ڪري، تو مذهبي حڪم جي حد لتاڙي آهي." اٿين ڇڻي، قاضي ڪتاب کولي، ڪجهه پڙهي ٻڌائڻ وارو هو، پر هير هڪ به نه ٻڌس ۽ چوڻ لڳس ته: "شل تو تي خدا جو قهر پوئي! ماڻ ڇا ڄاڻان تنهنجي مذهبي بحثن ۾. مون کي ته زبر ۽ زير جي فرق جي به خبر ناهي. مون کي انهن ڳالهين جي کڻي پرواه آهي ته 'الف' الله لاءِ آهي، 'ميم' محمد لاءِ ۽ 'عين' علي لاءِ. تون چوين ٿو ته اهي ڪتاب آسمان کان آيا آهن ۽ ان هوندي به تون انهن ماڻ محبت جا اصول ڪونه ٿو ڪوليسگهين. جيتوڻيڪ پيار به ايترو ئي آڪاڻو آهي، جڏهن هو پنهنجي دل جي آئيني ۾ پنهنجي معشوق کي صاف ڏسي سگهي ٿو." هي ڪتا جواب ٻڌي، قاضي زور سان چوڻ لڳو ته: "هن کي وٺي وڃو ۽ وڃي قتل ڪريوس، چوته هوءَ هاڻي زنده رهڻ لائق نه آهي." ليڪن پيءُ پنهنجيءَ ڌيءَ کي ڪيئن مارائيندو؟ آخر هن هير کي زبردستي نورنگ پور

ڏانهن موڪليو، جتي سندس شادي سندس خواهش خلاف زبردستيءَ خيروءَ سان ڪرائي وئي.

ان وچ ۾ رانجهو فقيراڻو لباس پائي، نورنگ پور ۾ پهتو، جتي هير جي گهر وٽ لنگهڻ وقت، هير جي نشان جي همدردي حاصل ڪري ورتائين. ان جي مدد سان، پنهنجي اڇڻ جي خبر هير تائين پهچايائين. هڪ ڏينهن مڪر ڪري، هير وٽي دانهون ڪيون. هن جي دانهن تي سڄي گهر جا ماڻهو اچي مڙيا ۽ پڇا تي ٻڌايائين ته ڪيس نانگ کائي وڌو آهي. بس، پوءِ ته اچي شاهي گهر ۾ مانڊاڻ متو. بادشاهه جي درٻار جا حڪيم طبيب آندا ويا، ليڪن نانگ ڏنگيو هجي ته فائدو ٿئي! آخر، هير جي نڻان سهتي، چوڻ لڳي ته: "ٻڌو اٿو، ته شهر ۾ هڪ نئون فقير آيو آهي، جو نانگ جي ڏنگيل جو علاج ڪرڻ ڄاڻي ٿو. ان کي گهرايو وڃي. شايد ان جي منترن سان هير کي آرام ملي." بادشاهي حڪم موجب، فقير کي آندو ويو، جنهن ڏسي بڪدم چيو ته: "هن شهزاديءَ جو علاج اڪيلائي ۾ ڪري سگهجي ٿو. جڏهن گهر جا سڀئي ماڻهو ٻاهر نڪري ويا ۽ هير رانجهو وڃي ڪمري ۾ رهيا، تڏهن هنن پيار وچان هڪ ٻئي کي خوب ياڪر ماتا. ان کان پوءِ هير رانجهو سان ايندڙ رات محلات ڇڏي ڀڄڻ جو وعدو ڪيو. ۽ پوءِ ڪمري کان ٻاهر ويڙل ماڻهن کي خوش ڪرڻ لاءِ رانجهوءَ وڏي آواز سان "منتر" پڙهڻ شروع ڪيا. ٿوري دير کان پوءِ، رانجهو ٻاهر وڃي، انتظار ۾ ويڙل ماڻهن کي ٻڌايو ته منتر هير تي اثر ڏيکاريو آهي ۽ هوءَ هاڻي بلڪل آرام ۾ آهي. ان کان پوءِ رانجهوءَ کي وڏا انعام ڏنا ويا.

انهيءَ رات وعدي مطابق، هير محلات مان نڪري، شهر کان ٻاهر وڃي رانجهوءَ سان ملي ۽ هي ٻئي هزارا ڏانهن

روانا ٿيا. نورنگ پور جي بادشاهه هير ۽ رانجهي کي هٿ کرڻ لاءِ جهنگ سيال واري رستي سان ولي گهوڙا پڄايا، چوته هن ائين سمجهيو هو ته هير ضرور پنهنجي وطن ويئي هوندي، تنهنڪري ناڪامي ڏسڻي پين.

رستي جي ڏکن ڏاکڻن کان پوءِ، رانجهو هير کي هزارا ۾ آڻي ڪيو. جڏهن ان کي سندس رعيت ڏٺو، تڏهن هنن ۾ خوشيءَ جي لهر ڊوڙي وئي. دراصل قصو هن ريت هو ته رانجهو جي پائرن ظلم ۽ جبر سان حڪومت ڦٻي هلائي، جنهن ڪري رعيت بيزار ٿي چڪي هئي. ان ڪري رانجهو کي ڏسندي ئي ماڻهن ۾ نجات حاصل ڪرڻ جي اميد جاڳي. هو هزارن جي تعداد ۾ انقلاب لاءِ نڪري پيا ۽ رانجهوءَ جي ظالم پائرن کي بلڪل اهڙيءَ طرح محلات سان هڪالي ڪيائون، جهڙيءَ طرح ڪجهه وقت اڳ ڪيس سندس پائرن ڪيو هو. اهڙيءَ طرح رانجهو پنهنجي پيءُ جي سڃيءَ حڪومت جو بادشاهه تسليم ڪيو ويو. اتي هن وڏي شان ۽ دٻدٻي سان شهزادي هير سان شادي ڪئي ۽ ڪيترن سالن تائين پنهنجي محبوب راڻيءَ سان گڏجي راج ڪيائين.

۹- بِير سنگ ۽ سُندر ٻائي

آکاڻي وقت جي ڪالهه آهي تہ سيلا رياست ۾، ڪيسرسنگ نالي هڪ راجا راج ڪندو هو، جنهن کي سُندر ٻائي نالي هڪ ڏيءَ هئي. بادشاهه جي لاءِ سُندر ٻائي ڏيءَ نہ هئي، پر هڪ خزانو هو، جنهن کي ڏسي پيو گدگد ٿيندو هو. شهزاديءَ جي گڻن جي کڻي ڪالهه ڪجي. ٿوري ئي وقت ۾ سنسڪرت زبان ۾ ماهر ٿي ويئي هئي ۽ حڪمت تي سمورا ڪتاب پڙهي، پڙ ٿي هئي. مذهبي شاستر سڀ پڙهيا هئائين. ٻئي پاسي وري حسن جي ميدان ۾، هندوستان ۾ سندس کو مَٽُ ثاني نہ هو. اهڙيءَ طرح سُندر ٻائي نالو واقعي سندس صورت ۽ سيرت سان ٺهڪي ٿي آيو.

باوجود ايتري علم ۽ ڄاڻ جي، سُندر ٻائيءَ ۾ هَٽُ ۽ وڏائي ڪانہ هئي ۽ پنهنجي سهيلين سان راند روند ۽ ٻين ڪالهين ۾ شرمائيندي ڪانہ هئي. هوءَ هڪڙي ڏينهن پنهنجي سهيلين سان گڏ، پنهنجي پيءُ جي باغ ۾ راند ڪري رهي هئي، انهيءَ باغ جي خوبصورتيءَ جي کڻي ڪالهه ڪجي. سڄي باغ ۾ وڏا وڏا وڻ هئا، جن جي ڇانوَ ڏاڍي گهاٽي ۽ ٺڈي هوندي هئي. ان ۾ بهترين خوشبوءَ وارا عجيب عجيب گلن جا ٻوٽا هوندا هئا، جن جو هڪاڻ پري پري تائين پهچندو هو. اهڙي ٺڪار ۽ خوشبوءَ جي وچ ۾ محلات جي عمارت هئي، جنهن ۾ ان وقت جي معلومات مطابق، سڀئي عيش و آرام جون شيون موجود هيون. اهڙي محلات ۾ ڏينهن جي گرمي گذارڻ کان پوءِ، سندرٻائي پنهنجي سهيلين سان گڏ باغ ۾ کيڏي رهي هئي.

خدا جي قدرت اهڙي ٿي، جو ان ڏينهن وليپرا جو راجڪمار بيرسنگ ۽ اوڏيءَ مهل آتي اچي سهڙيو. ڏينهن جو شڪار جي خيال سان پنهنجي دوستن سان نڪتو هو ۽ جهنگ ۾ دوستن کان جدا ٿي هتي اچي پهتو هو. هو آرام ڪرڻ جي ارادي سان، راجا ڪيسرسنگ جي باغ ۾ لنگهي آيو هو ۽ گهاڻن وٽن جي جهڳٽي هيٺ ليٽي پوڻ لاءِ گهوڙي جو هنو لاهي، ٽوڙ وڇايو هٿائين. اڃان سمهڻ واروئي هو ته پرسان ڪنهن جي ڳائڻ جو آواز ٻڌائين، جنهنڪري پنهنجي ٽڪ کي وساري ان آواز طرف وڌڻ لڳو. چاهيائين ٿي ته آتي وڃي پاڻ ۾ راڳيندڙن سان شريڪ ٿي تفريح ولي، ليڪن انهن جي پرسان پهچڻ تي ڏٺائين ته چوڪرين جي ٽولي ڳائي رهي هئي، تنهنڪري انهن وٽ وڃڻ بيرسنگ کي چگهو نظر نه آيو ۽ وٽن جي اوٽ ۾ ويهي چوڪرين جا گيت ٻڌڻ لڳو.

جڏهن چوڪرين گيت ڳائڻ ختم ڪيا، تڏهن سهيٽي پاڻ ۾ گفتگو ڪرڻ لڳيون. هڪ چيو: "جڏهن ماڻ شادي ڪندي ٿي، تڏهن پنهنجي مڙس کي پاڻ سان نرميءَ سان هلڻ سيکاريندي ٿي. اکثر ڪري ائين ٿئي ٿو ته مڙس پنهنجي زال کي جٽيءَ وانگر لتاڙيندو رهي ٿو، حالانڪ زال کان سواءِ مرد بيڪار آهي." اهو ٻڌي شهزادي سندر ٻائي چوڻ لڳي ته: "تون درست چوين ٿي. ليڪن مون ته شهزادي بيرسنگ سان شاديءَ ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيو آهي جو وليپرا جي راجا جو پٽ آهي. شاديءَ کان پوءِ ماڻ ڪيس اهڙيءَ طرح هلائيندي ٿي جو هو بيءِ ڪنهن به عورت ڏانهن نه نهاريندو ۽ جيڪڏهن هن مون کي منهنجي خواهش مطابق نه هلايو ته پوءِ ماڻ ڪيس پنهنجي بهادري ۽ جرئت سان اهو ڏيکاريندي ٿي ته عورت مرد کان ڪنهن به طرح گهٽ ناهي. ان کان پوءِ ته يقيناً شرم وچان مون سان محبت ڪرڻ ۽ منهنجي عزت ڪرڻ

تي مجبور ٿيندو ۽ منهنجي چوڻ مطابق هلندو." ان کان پوءِ ٽيئءِ چوڪريءَ چيو ته: "توکي ان ڪالهه جو يقين ٿي سگهي ٿو ته راجڪمار ٻي زال کين پرڻبو؟"

راجڪمار بيرسنگ هي سموريون ڪالهيون ڪٽن لائي ٻڌي رهيو هو. هو چوڪرين جي ڪالهائڻ مان اهو اندازو لڳائي ويو ته ٻيو نمبر ڪالهائيندڙ چوڪري ڪماري سندر ڀائي هئي، تنهنڪري هُن آتي وڌيڪ ترسڻ مناسب نه سمجهيو. راجڪمار جلديءَ ۾ باغ مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ باهر نڪرڻ کان اڳ هُن هڪ دفعو سندر ڀائيءَ کي ڏٺو- چا سندس سونهن هئي! راجڪماريءَ جو منهن چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر گول ۽ روشن هو ۽ پوري بناوت لاثاني هئي.

راجڪمار گهوڙي تي هنو رکي ۽ لغام سنڀاليو. جڏهن باهر آيو، تڏهن ماڻهن کان ان باغ بابت پڇيائين، جن ٻڌايس ته اهو باغ سندر ڀائيءَ جو آهي. ان تي کيس يقين ٿيو ته مٽي ڪالهائيندڙ سندر ڀائي هئي، جنهن جي سونهن ۽ علم گهڻو مشهور هو. بس، پوءِ ته پنهنجي دل ۾ اهو فيصلو ڪيائين ته سندر ڀائيءَ کي پنهنجي ڪنوار ضرور ٻڌائيندس.

گهر پهچڻ کان پوءِ راجڪمار کي آرام نه ٿي آيو. هن پنهنجي پيءُ کي ٻڌايو ته مان ڪيسرسنگ جي ڌيءُ سان شادي ڪرڻ چاهيان ٿو. راجا کي معلوم هو ته وليهرا ۽ سيلا جا خاندان سماجي طرح هڪٻئي جو مٽ ٿاني هئا، تنهنڪري ميٽيءَ لاءِ ڪيسرسنگ ڏانهن هڪ پنڊت موڪليائين، جنهن وڃي ٻڌايو ته سيلا جي راجا جي خواهش آهي ته سندس پٽ جي شادي راجڪماري سندر ڀائي سان ٿئي. هي احوال ٻڌي ڪيسرسنگ، سندر ڀائيءَ جو سنگ ڏيڻ قبول ڪيو ۽ ان کان پوءِ وڏي ڌام ڌوم سان شادي ڪئي وئي ۽ راجڪماري سندر ڀائي کي راجائي سواريءَ ۾ راجڪمار بيرسنگ جي محلات ۾ پهچايو ويو.

نوجوان راجکمار، سندرهائيءَ جو اهو امتحان وٺڻ ٿي چاهيو، جنهن جو هوءَ پنهنجي سهيلين سان واعدو ڪري چڪي هئي، تنهنڪري راجکمار جاڻي واڻي پهرينءَ رات سندرهائيءَ جي ويجهو نه ويو، جنهن تي هن کي ڏاڍو تعجب لڳو ۽ سندس هانهين ۽ سهيلين کي ان کان به وڌيڪ حيرت لڳي. ليڪن راجکماريءَ ان غم کي پنهنجي منهن تي آڻڻ نه ڏنو، خوشيءَ ۽ اطمينان سان گذارڻ لڳي.

هڪ ڏينهن راجکماريءَ جي ساهيڙيءَ کيس چيو ته اڄ ڪئين سال جو ڏينهن آهي ۽ مندر ۾ ماڻهن جو وڏو مجموعو لڳو آهي، تون به اسان سان گڏجي هلي اهو ڏس. ائين ڪرڻ سان تنهنجي طبيعت ۾ به تبديلي ايندي. اهو ٻڌي سندرهائي تياري ڪئي ۽ راجائي سواريءَ ۾ پنهنجي سهيلين ۽ هانهين سان گڏ مندر ۾ پهتي. اهو بندوبست ڪيو ويو هو ته جنهن وقت راجکماري مندر ۾ اندر داخل ٿئي، ان وقت کوبه مرد ماڻهو اندر نه ڇڏيو وڃي. جڏهن سندرهائيءَ جي هن روانگيءَ جي خبر بيرسنگ کي پئي ته ان به پنهنجي درهانن سان گڏجي مندر جو رستو ورتو. دراصل هن اهو ڏسڻ ٿي چاهيو ته سندرهائي اتي وڃي ڇا ٿي ڪري. راجکمار کي اندر وڃڻ کان ڪير ٿي منع ڪري سگهيو؟ هو اندر داخل ٿيو ۽ مخفي طرح سندرهائيءَ جي پٺيان وڃي بيٺو. سندرهائي ان وقت پرارٿنا ۾ مستغرق هئي ۽ وڏي آواز سان چئي رهي هئي ته: "اي، عالم جي راڻي! منهنجي مڙس جا سڀ ڪم سولا ڪر!" اهو چئي جيئن ئي سندرهائي پنهنجو ڪنڈ مٿي ڪيو ته راجکمار بيرسنگ سامهون بيٺل ڏٺائين جو سندس پرسان اڇي بيٺو هو. بيرسنگ طعنو هڻندي سندرهائيءَ کي چيو ته: "ڇا، اهوئي طريقو آهي پنهنجي مڙس کي بهادري ۽ جرئت سان حاصل ڪرڻ جو، جنهن جو وعدو تون پنهنجي سهيلين کي ڏئي چڪي آهين؟"

جڏهن سندرباڻي پنهنجي مڙس جو هيءَ طعنو ٻڌو، تڏهن سمجهي ويئي تہ باغ ۾ سهيلين سان کيل ڪالهيون شايد هن ٻڌيون آهن. ان تي ٻئي هٿ ٻڌي سندرباڻي وراڻيو تہ: "اي، منهنجي زندگيءَ جا مالڪ! عورتون مورک آهن، چوڪريءَ جي ڪالهہ ڪي ڪهڙي اهميت! منهنجي ان اعلان کي ڪابہ اهميت نہ ڏي. پنهنجي عقل جي وسعت ۾ مون کي معاف ڪري ڇڏ." پر بيرسنگ تي انهيءَ التجا ڪوبہ اثر نہ ڪيو. هو چوڻ لڳو تہ: "جيستائين تو پنهنجي وعدي کي پاڻي نہ ڏنو آهي ۽ جيئن تو چيو آهي تيئن نہ ڪيو آهي، تيستائين مان تنهنجي محلات ۾ پير نہ وجهندس." ائين چئي راجڪمار بيرسنگ مندر کان باهر نڪري ويو. سندرباڻي ڪجهہ وقت تہ مايوسيءَ جي عالم ۾ بيرسنگ کي ڏسندي رهي، پر پوءِ دل ۾ سوچيائين تہ: "جيڪڏهن مون کي مڙس جي محبت حاصل ڪرڻي آهي تہ ان لاءِ مون کي بهادري ۽ جرئت ڏيکارڻي پوندي." ائين چئي مندر کان باهر نڪتي ۽ محلات ۾ موٽي آئي.

ان کان پوءِ سندرباڻي انهيءَ ڪالهہ تي ڪيترا ڏينهن ۽ راتيون سوچيندي رهي تہ ڪهن ڇا ڪرڻ گهرجي، پر کا ترڪيب دماغ ۾ نہ پئي آيس. آخر هن نهايت پريشانيءَ ۾ هڪ رات محلات ڇڏي پڄي نڪرڻ جو ارادو ڪيو. ليڪن محلات مان نڪرڻ کو سؤلو ڪر نہ هو. آخر هڪ ڏينهن پنهنجي پيءُ کان ملڻ منڊي آگر مان لاهي ٻانهيءَ کي ڏنائين ۽ ڪيس چيائين تہ: "هيءَ منڊي منهنجي پيءُ کي وڃي ڏي ۽ عرض ڪر تہ ان جي ٽيڪ پنهنجي جاءِ تان ٽوڪي ٻئي آهي، سا مهرباني ڪري درست ڪرائي ڏيو." حڪم ٻڌڻ کان پوءِ ٻانهي يڪدم اها منڊي پاڻ سان کڻي سيلا رياست ۾ پهتي ۽ اتي وڃي راجا کي سندس نياڻي جي نياهي سان گڏ اها منڊي ٻہ ڏنائين.

جڏهن راجا پنهنجي ڏيءَ جي مڱڻي ڏني، تڏهن سمجهي ويو ته سندس ڏيءَ کنهن تڪليف ۾ آهي. مڱڻي وٽي هاڻيءَ کي انعام وغيره ڏيڻ ۽ اجازت ڏنائين. اڃان جو مڱڻي ڪٽي ڪولي ته ٻڪَ جي هيڻان هڪ ڪاغذ ٽڪر نظر آيس، جنهن ۾ سندرهائيءَ هيٺن لکيو هو ته: "منهنجا مهربان بابا! جڏهن به طوطا پاڻ ۾ تڪرار ڪري وڃن، تڏهن انهن کي ساڻي پچري ۾ رکڻ غير مناسب آهي. هڪ ڏينهن باغ ۾ مون پنهنجي سهيلين کي چيو هو ته جيڪڏهن مون ٻير سنگ سان شادي ڪئي ته مان کيس پنهنجو مجنون بڻائي ڇڏيندس. اهو منهنجو قول ٻير سنگ ٻاهران ٻڌي ورتو هو. هاڻي هو مون کي آزمائڻ چاهي ٿو. تنهنڪري مهرباني ڪري مون ڏانهن هڪ مرداڻو لباس، مرداڻو ڪوٽ ۽ تيز رفتار گهوڙو موڪلي ڏيو، پر انهيءَ ڳالهه جو کنهن کي به پتو نه پوي."

هن خط راجا کيسر سنگ کي ڏاڍو متلول ڪيو. آخر سندرهائيءَ لاءِ هڪ ڪوٽ، مرداڻو لباس ۽ تيز گهوڙو موڪلڻ هن لاءِ ڏکيو نه هو پر اها ڳالهه ضرور هن جي هئي ته ان جو کنهن کي پتو نه پوي. گهڻي غور ڪرڻ کانپوءِ راجا زمين هيٺان رستي کوٽائڻ جو فيصلو ڪيو. وڏي خرچ ۽ محنت سان، وليپرا جي ويجهو هڪ جبل مان راجا هڪ رستو کوٽايو جو زمين مان وڃي سندرهائيءَ جي محلات ۾ پهتو. ان کوٽايل رستي مان، سندرهائيءَ ڏانهن هڪ تيز رفتار گهوڙو، هڪ زرهه ۽ هڪ مرداڻو لباس ڏياري موڪليو. ائين انهن جي پهچ تي سندرهائيءَ کي ڏاڍي خوشي ٿي، ۽ پوءِ هڪدم مرداڻو لباس اوڙي، زره وڃهي ۽ گهوڙي تي چڙهي ويئي، محلات جي سيني هانهين ۽ نوڪرن کي گهرائي چتاءُ ڏنائين ته کوڙ سندس متعلق کاٻه خبر کنهن کي نه ڏئي. پاڻ ان ڪانپوءِ ان زمين دوز رستي مان باهر نڪري وئي.

ٻن ڏينهن کانپوءِ، هڪ جرئت مند سٺو نوجوان ولپرا ۾ آيو ۽ راجا سان ملاقات ڪرڻ جي گذارش ڪيائين. اهڙي اجازت ملڻ تي، هو اندر دربار ۾ داخل ٿيو. سڀني هن نوجوان جي قد و قامت ۽ ڦڙتائي تي حيران ٿي ويا. ويجهو اچڻ تي راجا کانئس نالو ۽ سندس پيءُ جو نالو پڇيو. جنهن جي جواب ۾ هن پرديسيءَ چيو ته: "منهنجو نالو رتن سنگ آهي. منهنجو پيءُ هڪ راجپوت آهي، ليڪن مان ان سان تڪرار ڪري گهران نڪتو آهيان ۽ اهو قسم کنيو اٿم ته ان جو نالو نه ٻڌائيندس. مان توهان وٽ نوڪري ڪرڻ جي ارادي سان آيو آهيان. منهنجي حوالي ڪهڙو به ڪم ڪيو وڃي، ان جي سرانجامي بهتر طريقي سان ڪندس. راجا مون کي پل آزمائي ڏسي."

راجا هن نوجوان جي صاف گوئيءَ ۽ همت کان ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ کيس پنهنجي اميرن ۽ وزيرن ۾ ويهڻ جي اجازت ڏنائين. ان تي نوجوان، راجا جو شڪريو بجاءِ آندو. راجڪمار کي جيتوڻيڪ لڙائي ۾ حصي وٺڻ جو موقعو گهڻو نه ملیو هو، ليڪن گهوڙي سواريءَ ۾ دربار جي سڀني جوانن کي ماري مڇايائين. انهن خوبين سبب، بير سنگهه، جو رتن سنگهه سان دوستيءَ جو ناتو ٿي ويو ۽ هُن تي گهٽو پروسو ڪرڻ لڳو، ايتري قدر جو هن سان گهرو ڳالهين ڪرڻ ۾ به حجاب نه محسوس ڪرڻ لڳو. هڪ ڏينهن هن کي سندر ٻائيءَ جي ڏاڙ ۽ غرور جو قصو ٻڌايائين ۽ اهو پڻ ٻڌايائينس ته ان جي نتيجي ۾ هن ساڻس کهڙو برتاءُ ڪيو آهي. ان معلوم ٿيڻ تي رتن سنگهه کلیو ۽ چيائين ته: "شهزادا، ائين ڪرڻ سان، تو هن سان ڇڪائي نه ڪئي آهي." بير سنگهه جواب ڏنو ته: "سچ ڪري پڇين ته مون کي دنيا ۾ راجڪماريءَ کان وڌيڪ ڪابه پياري شيءِ نه آهي ۽ نه وري مان ٻيءِ ڪنهن عورت سان شادي ڪندس. مان ته فقط سندس فخر سان ڪيل وعدي

کي آزمائڻ چاهيان ٿو. جيڪڏهن سچي راجپوتني آهي ته يقيناً ائين ڪري ڏيکاريندي." ان تي رتن سنگهه ٿورو مشڪيو ۽ خاموش رهيو.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ، چا ٿيو جو پر وارن ڪوٽن ۾ هڪ خطرناڪ شينهن اچڻ لڳو ۽ روزانو رات جو هڪ يا ٻه ماڻهو ماري کائي چٽ ڪندو هو. انڪري بهراڙيءَ ۾ ڏاڍو هراس ۽ دهشت پيدا ٿي پئي. انهيءَ شينهن کي مارڻ لاءِ سڀني نوجوان اميرن ڏاڍي ڪوشش ڪئي، مگر ان کي ختم ڪرڻ ۾ ناڪامياب ويا.

آخر هن ڪڏهڪ حالت راجا کي ڏاڍو پريشان ڪيو. هڪڙي ڏينهن رتن سنگهه کي راجا پاڻ وٽ گهرايو ۽ شينهن کي مارڻ جو خطرناڪ ڪم هن جي حوالي ڪيو جنهن هن خوشيءَ سان قبول ڪيو. هن راجا کي عرض ڪري هڪ لوهه جي ماڻهوءَ جي شڪل جهڙو بوتو ٺهرايو ۽ جتي شينهن رات جو ايندو هو، اتي ان کي کوڙائي چڏيو ۽ پاڻ وري ان جي پرسان هڪ هنڌ لڪي ويهي رهيو. رات جو اونده ۾ شينهن آن بوتي کي ماڻهو سمجهندي، چلانگ ماري ان کي چنبو هنيو ته ايتري دير ۾ رتن سنگهه، پنهنجي تيز تلوار سان شينهن جي سيسي ڏڙ کان جدا ڪري چڏي. ان کان پوءِ رتن سنگهه مئل شينهن جا ڪن ۽ پڇ ويڍي گهر کٽي آيو ۽ پنهنجي ڪٽ هيٺان رکي سمهي پيو.

رتن سنگهه جي دوست بيرسنگهه کي ان رات ڪٿيءَ ۾ ننڊ ڪانه پئي آئي. هن هر گهڙيءَ رتن سنگهه جي خطرناڪ ڪم متعلق پئي سوچيو. آخر صبح ٿيندي ئي بيرسنگهه، رتن سنگهه جي رهايش گاهه وٽ پهتو ته جيئن هن متعلق ڪجهه معلوم ڪري. رتن سنگهه کي جڏهن اهو معلوم ٿيو، ته هن کي اچي اهو خوف لڳو ته ڪيس سچائي نه وڃي، سو يڪدم مرداڻو لباس پهري، بيرسنگهه جو آدر پاڻ دروازي وٽ وڃي

ڪيائين. رتن سنگھ پاڻ سان گڏ ماريل شينھن جا ڪن ۽ پڇ ب ڪٽي آيو. بيرسنگھ کي ھي ڏسي، بيحد خوشي ٿي ۽ ان خوشيءَ ۾ رتن سنگھ کي پاڻ سان وٺي راجا جي دربار ۾ آيو. راجا رتن سنگھ جي ڪارنامي کان ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ ان ڏکئي ڪم جي سرانجامي عيوض کيس ھڪ قيمتي چوغو عطا ڪيائين ۽ ھڪ جاگير ب ڏنائين.

ھڪ ڏينھن ان کان ب وڌيڪ اھم واقعو رونما ٿيو. شڪار کيڏڻ جي ارادي سان راجا رتن سنگھ کي ساڻ ڪري، جھنگ ۾ ھليو ويو. پر واري راجا جي جاسوسن اھڙي خبر کيس ڏني، ان کي سونھري موقعو ڄاڻندي، ھن راجا، راجپوت راجا جي ملڪ تي حملو ڪيو. بيرسنگھ، جو خود بيمار ھو، ھن جو مقابلو ڪري نہ سگھيو، پر پاڻ ب قيدي ٿي پيو. ھن خبر راجپوت راجا کي ڏاڍو ملول ڪيو ۽ ان پريشاني ۾ دانھن ڪري چوڻ لڳو ت: اي جگر بيرسنگھ، مون کي تنھنجي جدائي ماري ٿي. مون کي اھو پڇو آھي ت، دشمن ڪٽي توکي نہ ماري ڇڏي. تو کان سواءِ مان ڪيئن زنده رھي سگھندس؟ جيڪڏھن تون اڄ ھن حالت ۾، مون سان ھجين ھا ت مان پنھنجي بادشاھي، تلوار جي زور تي واپس وٺي سگھان ھا."

راجا جي اھڙي پريشاني رتن سنگھ کي وڌيڪ پريشان ڪيو. ھن ٻيڙي راجا کي آئت ڏنو ۽ چيو ت، راجا ڪيسر سنگھ، منھنجو عزيز آھي، مون کي اجازت ڏيو ت ان کان لشکر جي مدد وٺي اچان.

اجازت وٺي رتن سنگھ سيلا رياست ڏانھن گھوڙو دوڙايو ۽ راجا ڪيسر سنگھ کي سڄو قصو ٻڌايائين. راجا کان ھوشيار تيرانداز نوجوانن جو جٿو وٺي رتن سنگھ، ٻيڙي راجا وٽ موٽي آيو ۽ کيس اڃي دلداري ڏنائين. ان کان پوءِ تيراندازن کي چئن حصن ۾ ورھايائين. ٽن حصن کي وليھرا

شهر تي حملي ڪرڻ لاءِ موڪلياٿين ۽ چوٽين حصي کي پاڻ سان وٺي ان جبل وٽ آيو، جتان سنڌن پيءُ زمين مان رستو کوٽايو هو. تيرانداز پاڻ سان وٺي ان زمين دوز رستي مان اچي محلات ۾ پهتو. ان وقت دشمن جو لشکر باهرين تيراندازن سان وڙهڻ ۾ مشغول هو ۽ پٺ جي کاٻ خبر ڪانه هين ۽ تڏهن خبر پين، جڏهن پٺين پاسي کان تيرن جو مينهن وسڻ لڳو. رتن سنگهه شهر جا دروازا کولي وڏا جنهن مان باهريان تيرانداز داخل ٿيا. اهڙيءَ طرح وڏيءَ جريت ۽ همت سان رتن سنگهه وڇايل شهر وري هٿ ڪيو. ان کان پوءِ رتن سنگهه ٻڌڙي راجا جي پٽ بير سنگهه کي قيد مان ڪڍيو ۽ ان کي پاڻ سان وٺي راجا وٽ حاضر ٿيو. جنهن تي راجا ۽ بيرسنگهه، رتن سنگهه جو شڪريو ادا ڪيو، ليڪن رتن سنگهه کين ٻڌايو ته هن کو غير معمولي ڪم ڪونه سرانجام ڏنو آهي. هن ته فقط بحيثيت هڪ سپاهيءَ جي پنهنجي فرض ادائي ڪئي آهي.

ان کان پوءِ رتن سنگهه هي عذر ڪري راجا ۽ بيرسنگهه کان موڪل ورتي ته سنڌس پراڻا دوست ملڻ لاءِ آيا آهن، جن جي خاطرداري کيس ڪرڻي آهي. اجازت وٺي رتن سنگهه قلعي ۾ ويو ۽ ڪافي دير تائين نه موٽڻ ڪري بيرسنگهه کي سنڌس ڏاڍو انتظار ٿي ٿيو. بيرسنگهه هن جي تلاش ڪئي مگر کيس ڪٿي به ان جو پتو نه لڳو. آخر کيس ڪنهن ٻڌايو ته هن رتن سنگهه کي سندرپائي جي محلات ڏانهن ويندي ڏٺو هو.

اهو ٻڌڻ سان، بيرسنگهه کي دل ۾ هڪ خطرناڪ شڪ جاڳيو. هن پاڻيو ته رتن سنگهه سنڌس زال جو عاشق آهي ۽ ان جي معرفت ٿي کيس زمين دوز رستي جي خبر پئي هئي، جنهن مان هو تيرانداز وٺي محلات ۾ داخل ٿيو هو. ان رستي مان، يقيناً هن اچي سندرپائيءَ سان چوري ملاقاتيون ڪيون هونديون،

بس اُن شڪ جو شڪار ٿيندي ئي سياڻ مان تلوار ڪڍي، محلات جي ڏاڪڻ تان سندرہائيءَ جي ڪمري جو رخ ڪيائين. پنهنجي ڪمري ۾ سندرہائي اڪيلي هئي، ۽ پيرسنگهه کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي کيس کيلي ڪيائين. سندس هن قسم جي نماڻائيءَ شهزادي پيرسنگهه جي زخمن تي لوڻ جو ڪم ڪيو. هن رڙ ڪري چيو تہ: "اي دغاباز ۽ مڪار عورت، تنهنجو رتن ڪٿي آهي؟" هي ٻڌي حيرت مان سندرہائي ڇرڪ لڳي تہ: "اي منهنجي دل و جان جا مالڪ، توهان چا ڳالهائي رهيا آهيو؟" هن سوال راجڪمار جي غصي ۾ اضافو ڪيو. هو چوڻ لڳو تہ: "اي، ڪوڙي، بي‌وفا عورت، تون منهنجي سوال جو مفهوم چڱيءَ طرح ڄاڻين ٿي. مان ڄاڻان ٿو تہ تنهنجو عاشق رتن ڪٿي آهي جو توسان لڪل رستي مان اچي، ملاقاتيون ڪندو هو. مان ان کي تلوار سان ٽڪر ٽڪر ڪرڻ چاهيان ٿو ۽ ان ڪان پوءِ تنهنجي سيني ۾ خنجر هڻندس." هي ٻڌي، سندرہائي ٻاهر نڪري، پيرسنگهه سامهون ٿي بيٺي ۽ ٿوڙت سان چوڻ لڳي تہ: "اهڙي سوت ڪان وڌيڪ پيو مون کي ڇا گهرجي؟ مون کي مارڻ ڪان اڳ، توهان منهنجي منهن کي چڱيءَ طرح گهوريو، شايد توهان پنهنجي دوست رتن کي لهي سگهو، جنهن تي هينئر ايڏو سخت غصو ٿيو اٿو."

پيرسنگهه، سندرہائيءَ جي منهن ۾ ڏٺو، جو مشڪي هن کي شرمائي رهيو هو. هڪدم سندرہائي کي رتن سنگهه تسليم ڪيائين ۽ اهو رتن سنگهه، جنهن سندس پيءُ جو تخت بچايو هو ۽ سندس زندگي بچائي هئي. بس پوءِ تہ معافيءَ لاءِ سندرہائيءَ جي پيرن تي ڪري پيو، پر سندرہائي ڪيس چيڙائڻ جي ارادي سان چوڻ لڳي تہ: منهنجا محبوب! پنهنجي زبان سان هاڻي ڇو تہ جيڪي مون پنهنجي باغ ۾ سهيلين سان وعدو ڪيو هو، اهو پورو ڪيم ۽ عورتون ۾ جرئت ۽ بهادريءَ ۾ مردن کان گهٽ نہ آهن."

بير سنگهه، پيار سان، کيس پاکر پاتو ۽ معافيءَ لاءِ دوباره چيائين جا سندرهائي کيس ڏني. ان کانپوءِ بير سنگهه سندرهائيءَ کي هٿ کان وٺي پيءُ جي دربار ۾ آيو ۽ کيس پنهنجي خطرناڪ ڪارنامن بيان ڪرڻ لاءِ چيائين. سندرهائيءَ سمورو قصو ٻيرائتو ڪري راجا کي ٻڌايو.

ان ڏينهن کان پوءِ بير سنگهه، سندرهائيءَ جي محبت ۾ چريو ٿي ٿيو ۽ سندس خوبين جو پورو اندازو لڳايائين ۽ سندس موت تائين ٻيءَ عورت سان شادي ڪرڻ جو ڪڏهن به خيال نه ڪيائين.

۱۰ـ کامسین ۽ کامروپ

ڪنهن زماني ۾ ماگرور شهر ۾، نرڪرپال نالي هڪ بادشاهه راڄ ڪندو هو. هن وٽ لڏرساف نالي هڪ وزير هو، جنهن جي مدد سان ساريءَ سنڌ تي هن جو ڏاڪو هوندو هو. بادشاهه کي هڪ پٽ هو، جنهن جو نالو ڪامسين هو ۽ ان جو چهرو اهڙو خوبصورت هوندو هو جو جڏهن پنهنجي سائين سان گڏ جهنگ ۾ شڪار ڪرڻ ويندو هو تہ آتي جا جانور هن جي حسن تي موهت ٿي پوندا هئا.

اونهاري جي موسم ۾، هڪ رات شهزادو ڪامسين محلات جي ڇت تي سمهيو پيو هو تہ مٿان هڪ پَرين جو ٽولو اچي لنگهيو، جن جي نظر وچي خوبصورت شهزادي تي پئي. هڪپئي کي چوڻ لڳيون: "هن جهڙو حسين جوان اسان اڳ ڪڏهن به ڪونہ ڏٺو آهي." ان کان پوءِ جڏهن واپس پنهنجي هيڪار وارن گلن جي باغ ۾ پهتيون، جنهن جي سونهن ۽ چوڏهينءَ جي چنڊ اضافو ڪري ڇڏيو هو، آتي پرين جو هڪ ٻيو ٽولو ڏٺائون. انهن پرين کي ٻڌايائون تہ "اسان هڪ نهايت حسين نوجوان ڏٺو آهي." انهيءَ ڳالهہ ٻڌندي آهي پريون خوشيءَ وچان تاڙيون وڄائڻ لڳيون ۽ چيائون تہ: "اسان جڏهن گجرات ملڪ جي مٿان اڏندیون پئي ويوسين، تڏهن آتي اسان هڪ محلات تي ستل سهڻي چوڪري ڏٺي، جنهن جو حسن اسان پرين کان بہ وڌيڪ ڪشش وارو هو. اڇو تہ سياڻي رات هنن ٻنهي حسينن جون ڪنڌون ڪٽي هڪپئي جي پرسان رکون!"

ٻيءَ رات کيل فيصلي مطابق، پَرين ماگرور مان شهزادي ڪامسين جي ڪٽ ڪنڊي ۽ اڪ چنبي ۾ آڻي گجرات جي ان

شهزادي جي کٽ جي ويجهو رکياڻون. ان کان پوءِ پنهي کي ننڊ مان جاڳايائون. سڄاڻ ٿيڻ تي ٻئي هڪٻئي کي ڏسڻ سان عاشق ٿي ويا ۽ پوءِ ته سڄي رات پاڻ ۾ ويهي محبت جون رهاڻيون ڪندا رهيا. جڏهن کين ننڊ ولي ويئي ته ان وقت پَرين، شهزادي جي کٽ واپس آڻي، ماگرور ۾، سندس محلات جي چت تي رکي.

شهزادو جڏهن ننڊ مان جاڳيو ۽ پاڻ کي اڪيلو ڏٺائين، تڏهن پنهنجو هوش حواس وڃائي ويٺو. کائن ٻيڻ حرام ٿي پيس. رات ڏينهن ان جي تات هيس. ان پريشانيءَ ۽ ڏک ۾ شهزادو پنهنجو ٻهڪندڙ حسن ان گل وانگر مرجهائي ڇڏيو، جنهن کي وقت سر پاڻي نه ملندو آهي. بادشاهه پٽ جو هيءَ حال ڏسي ڏاڍو غمگين ٿي ويو ۽ شهزادي جي بيماريءَ جي سبب معلوم ڪرڻ لاءِ سندس سائين کي حڪم ڪيائين. هن شهزادي کي ريهي ريبي آخر سندس اندر جو راز پروڙيو. شهزادو چوڻ لڳو ته: "هڪ رات مان جڏهن ننڊ مان جاڳي پيس، تڏهن سون پنهنجي کٽ، هڪ بيمثال حسين شهزادي‌ءَ جي کٽ پرسان ويل ڏٺي ۽ وري جڏهن صبح جو آئيس، تڏهن سنهنجي کٽ ساڳئي هنڌ ويل هئي." هي ٻڌي شهزادي جا دوست ڏاڍا حيران ٿيا ۽ پڇڻ لڳا ته: "ٻلا، اهو ته ٻڌاءِ ته آها شهزادي ڪٿي رهي ٿي ۽ سندس نالو ڇا آهي؟" شهزادي جواب ڏنو ته: "ان جو نالو ڪامروپ آهي، باقي ڪٿي رهي ٿي، اها مون کي خبر ناهي."

ڪامسين جي دوستن اها ڳالهه بادشاهه کي وڃي ٻڌائي، جنهن هڪدم وزير کي حڪم ڪيو ته پنج سؤ ماڻهو ولي ڪامروپ جي تلاش ۾ نڪري. هي قافلو وڏي شان ۽ شوڪت سان گجرات ملڪ ڏانهن روانو ٿيو. هنن پنهنجن گهوڙن تي سونا سنڃ وڌا ۽ وڏا قيمتي تنبو رهٽ لاءِ کنيائون. ايڏي ڏاڍ ڏوم ۽ شاهي دٻدٻي سان، هيءَ قافلو پنجن مهينن جي

سفر کان پوءِ هڪ ڏينهن اچي گجرات ڏيهه ۾ پهتو. پڇا تي معلوم ٿيو تہ گجرات جي راجا جو نالو جشنگراءِ آهي. وزير کي گجرات جي هڪ ماڻهو ٻڌايو تہ: "جشنگراءِ هڪ وڏو راجا آهي، جنهن کي بيحد خزانا آهن ۽ زبردست فوج آهي. پر هنن سڀني کالهين تي راجا کي ايڏو فخر ۽ ناز نہ آهي، جيترو ڪيس پنهنجي سهڻي ڏيءِ، کامروپ تي آهي. ٻورن ڏينهن کان هن کي اهڙو ڪو عجيب لاکاٽو لڳو آهي، جو هن کائن پيٽ چڏي ڏنو آهي ۽ اکيلائيءَ ۾ ويهي کامسين جو نالو پکاري ٿي." اهو ٻڌي وزير سمجهي ويو تہ پنهنجي مقصد کي قريب اچي چڪو آهيان. ۽ پوءِ هڪدم ٻوکرن کي حڪم ڏنائين تہ: "هتي تنبو کوڙيو، هاڻي اسين هتي رهنداسين."

هنن پرديسين جي اچڻ ۽ گجرات ۾ رهي ٻوڙ جي خبر ملڪ جي ڪنڊ ڪڙ ۾ پهچي وئي. جڏهن اتي جي راجا کي خبر پئي تہ غيرملڪي ماڻهو شهر جي باهران رهي پيا آهن، تڏهن وزير کي پاڻ وٽ گهرايائين ۽ کائس اچڻ جو سبب پڇيائين. وزير ادب سان عرض ڪيو تہ: "مهاراج! اسان ماگرور جي راجا نرکرپال طرفان آيا آهيون، جو پوري سنڌ ۽ وڏو طاقت وارو ۽ نامياروحاکم آهي. اسان ان جي حڪم سان توهان کي هي عرض ڪرڻ آيا آهيون تہ توهان پنهنجي شهزاديءَ جو سڳ سنڌس پٽ شهزادي کامسين سان ڪيو جو حسن ۽ پوري ملڪ ۾ هاڪارو آهي."

ان کان پوءِ، راجا جشنگراءِ وزير نذرسان کان کيترائي سوال پڇيا ۽ هن جي جوابن تي ڏاڍو خوش ٿيو. هن ڀيڻيءَ ماڻڻيءَ لاءِ پنهنجي وزيرن ۽ اميرن سان صلاح مشورا ڪري وزير کي جواب ڏنو تہ: "هي ناريل اوهان جي آڇ جي قبوليت جي نشاني آهي، آهو پنهنجي مهاراج کي وڃي ڏج ۽

کيس چيڀ تہ اينڊڙ ٻارهن مهينن جي عرصي اندر شهزادي کامروپ کي شهزاديءَ سان شادي ڪرائڻ لاءِ هتي وڻي اچي."

وزير اها خوشيءَ جي خبر ڪٽي، دربار ۾ پهتو، جتي پوري ملڪ ۾ خوشين جا شادمانا ٿي ويا ۽ راجا خيرخيراتون ڪيون. جڏهن راجڪمار جي شادي ڪرائڻ جو وقت آيو، تڏهن راجا وڏين تيارين جو حڪم ڏنو. راجا جي هن اٽالي ۾ گهوڙن تي سونا سنج ۽ قيمتي ڪپڙن جون شالون رکيون ويون، سوڪڙين لاءِ مختلف قسمن جون شيون ڪنيائون. بدقسمتيءَ جي ڪالهه چئجي جو هنن خوشين ۾ پائداري ڪانه رهي، اڃا پنهنجي شهر کان هڪ ڏينهن جو سفر مس ڪيائون تہ رستي ۾ مٿانئن هڪ دشمن راجا حملو ڪيو. ان حملي ۾ راجا مارجي ويو ۽ ڪيترا وزير ۽ امير قتل ڪيا ويا. کامسين وڏيءَ مشڪل سان پنهنجي ٽورن ماڻهن سان جان بچائي، پنهنجي شهر ڏانهن پڳو. دشمن هنن جو پيڇو ڪيو ۽ اچي تخت گاهه کي گهيرو ڪيو. ليڪن وڏي بهادري ۽ جرئت سان کامسين پنهنجو شهر بچايو. ان کان پوءِ راجڪمار کامسين، گجرات جي راجا جئسنگراءَ کي پيءُ جي قتل ۽ پنهنجي پريشانين کان واقف ڪيو.

هي ٻڌي راجا جئسنگراءَ کي ڏاڍو صدمو پهتو، ليڪن ٿوري ئي وقت ۾ کيس پنهنجي پريشانين اچي ورتو. هڪ ڏينهن ڀر واري حاڪم هن جي شهر تي حملو ڪيو ۽ صلح ڪرڻ لاءِ سندس راجڪماري کامروپ جي سنگ کي وڻڻ جو شرط مقرر ڪيو.

هن شرط راجا کان وڌيڪ راجڪماريءَ کي پريشان ڪيو، چوتہ هوءَ ان ڏينهن کان وڻي کامسين جي ٿي چڪي هئي، جڏهن ٻرين هنن ٻنهي جون ڪنڌون ڪٽي هڪٻئي جي ٻرسان رکيون هيون. سو اها تہ ڪائڻ پيئڻ کي حرام سمجهي ويهي رهي ۽ آهوزاري ڪرڻ ۾ وقت گذارڻ لڳي. آخر هن هڪ

ڏينهن ڪامسين ڏانهن خط موڪليو، جنهن ۾ ڪيس گذارش ڪيائين تہ جلدي، ڪنهن بہ طرح ڪيس اڇي پنهنجو ڪري.

راجڪماريءَ جو هيءُ خط هڪ خاطيءَ کي ڏنو ويو، جو فقير جي لباس ۾ ماگرور شهر کي گهيرو ڪندڙ مان لنگهي بادشاهي قلعي وٽ وڃي پهتو. قلعي وٽ پهچڻ کان پوءِ، هن ڪامسين جي سپاهيءَ کي ڪن ۾ ٻڌايو تہ ڪيس راجڪمار سان ملائي. ملاقات ۾ هن اهو خط راجڪمار کي ڏنو، جنهن پڙهي يڪدم جواب ۾ ڪيس خط لکي ڏنو، جنهن ۾ ڪامروپ کي يقين ڏنائين تہ هو ڪيس ضرور پنهنجو ڪندو، ليڪن ٿورو وقت انتظار ڪري، هي خط راجڪماريءَ کي پهچايو ويو.

هوڏانهن ماگرور تي حملو ڪندڙ شهر ۾ داخل ٿي نہ سگهيا ۽ آخر ناميد ٿي پنهنجي ملڪ موٽي ويا. انڪان پوءِ ماگرور جي ماڻهن راجڪمار کي راجا جي جاءِ تي پنهنجو حاڪم تسليم ڪيو ۽ ڏاڍيون خوشيون ڪيون.

پيءُ جي وفات جي صدمي ۽ سندس راجا ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ ڪامسين جي دل تان ڪامروپ جي يادگيري نہ فنا ڪئي. راجا ٿيڻ کان پوءِ يڪدم پنهنجا امير ۽ وزير گهرايائين ۽ کين چيائين تہ مون کي ڪامروپ ڪنهن بہ طرح حاصل ڪرڻ گهرجي. توهان حڪومت کي سنڀاليو تہ مان وڃي اهو ڪم سرانجام ڏئي اچان. راجا جي هن ارادي وزيرن کي ڏاڍو خوفزده ڪيو. هو عرض ڪرڻ لڳا تہ: هينئر گهٽي دير ٿي چڪي آهي ۽ تنهن کان سواءِ دشمن گجرات پهچڻ جا سمورا رستا بند ڪيا آهن، تنهنڪري اهو ڪم راجا لاءِ خطري کان خالي نہ آهي. ليڪن هن چتاءِ مٿس ڪو اثر نہ ڪيو. هو وڃڻ لاءِ تياري ڪرڻ لڳو.

اهو ڏسي وزير نڊر ساف عرض ڪيو تہ: جيڪڏهن ائين آهي ۽ توهان کي هروڀرو راجڪماريءَ کي حاصل ڪرڻو آهي تہ پوءِ توهان پاڻ نہ وڃو، پر هڪ پانهي موڪليو جا اتي

وڃي کو رستو سوڃي سگهجي. هن اها صلاح قبول ڪئي ۽ هڪ سهي ٻانهي دلهران نالي کي گجرات روانو ڪيائين.

هيءَ ٻانهي سونهن سان گڏ چالاڪيءَ ۽ ٻ بي مثل هئي، سو چا ڪيائين جو دائي جو لباس پائي سفر تي رواني ٿي. هن ائين مشهور ڪرايو تہ هوءَ عورتن جي مڙني بيمارين جو علاج، طب ۽ جادوءَ رستي ڪرڻ چاهي ٿي. تنهن کان سواءِ هن ماڻهن ۾ پٺسا بہ جام ورهائڻ شروع ڪيا، جنهنڪري سندس پهچ کان اڳ ۾ سندس خوبين جي مشهوري گجرات ۾ پهچي وئي.

جڏهن هيءَ طبيبياڻي گجرات ۾ پهتي، تڏهن هن جي علاج جي خوبين جي خبر ڪاموڻ تائين پهتي. هن هڪدم ڪيس محلات ۾ اچڻ لاءِ چيو، پر ٻانهي وڏائي ڪندي جوڻائي موڪليو تہ هوءَ بادشاهن ۽ راڻين جي علاج ڪرڻ لاءِ ڪاڻ نڪتي آهي. اهو ٻڌي ڪاموڻ طبيبياڻيءَ کي آڻڻ لاءِ پالکي موڪلي، جڏهن هوءَ محلات ۾ پهتي، اتي راجڪماريءَ پنهنجي علاج ڪرڻ لاءِ پنهنجو رومال ان جي ڪڇيءَ ۽ وڏو، ڪڇيءَ ۽ رومال وجهڻ جي معنيٰ هئي ڪيس مست ڪرڻ.

ٻانهي تمام سياڻي هئي، سو پهچڻ سان پنهنجا ڪتاب کولي ۽ ڏسڻ لڳي، جو تہ واقعي راجڪماريءَ جي علاج لاءِ ڪتاب ۾ ڏسي رهي آهي. ٿورو پڙهي چوڻ لڳي: "مان سمجهان ٿي تہ تو هڪ رات نند مان جاڳڻ تي پنهنجي پرسان ڪٽ تي هڪ راجڪمار ستل ڏٺو آهي." انهيءَ ڪالهہ ٻڌڻ سان راجڪماري سمجهي وئي تہ هوءَ ويچياڻي نہ هئي، پر سندس محبوب جي پيغامي. آخر ٻانهيءَ کيس ٻڌايو تہ هوءَ راجا ڪاسين وٽان آئي آهي، جو ان سندس وانگر بيمار آهي ۽ ساڳئي مرض ۾ مبتلا آهي. هي ٻڌي راجڪماريءَ چيو تہ: "هاڻي ڪا ترڪيب ڪيڻي آهي، منهنجي شادي زبردستي منهنجي پيءُ جي دشمن سان ڪرائي ٿي وڃي،

جنهن جي تاريخ ويجهي اچي چڪي آهي. جيستائين کامسين مون کي حاصل نہ ڪيو آهي، تيستائين هي خطرو لاحق آهي. تون يڪدم موٽي وڃ ۽ راجڪمار کي ٻڌاءِ تہ هو منهنجو انتظار فلاڻي جهنگ ۾ ڪري.

ڀانهي، ڪامروپ جو هيءُ نياپو ڪٽي نهايت تيزيءَ سان کامسين وٽ پهتي جو ٻنان دير جي حڪومت پنهنجي وزير جي حوالي ڪري، تمام تيز گهوڙي تي سوار ٿي گجرات ۾ ان ٻڌايل جهنگ ۾ اچي پهتو. اتي هن هڪ هاريءَ کي ٻڌايو تہ هو هڪ دولتمند واپاري آهي ۽ ڪيس ۾ ٿي ڏينهن پاڻ وٽ رهڻ ڏئي. ان جي عيوض راجڪمار هاريءَ کي هڪ سؤ سونيون اشرفيون ڏنيون. هاريءَ وڏي خوشيءَ سان ڇهڑي مهمان کي پاڻ وٽ رهايو. هن هاريءَ جي مدد سان ٿي راڻي تائين پنهنجي اچڻ جي خبر پهچرائي.

جڏهن راجڪماريءَ کي هيءَ خبر پئي، تڏهن ڏاڍو خوش ٿي ۽ يڪدم مشهور ڪرايائين تہ هوءَ پنهنجي سهيلين سان گڏ جهنگ ۾ پرارٿنا ڪرڻ جي ارادي سان وڃي رهي آهي. اهڙيءَ طرح راجڪماري سهيلين سان ڪري جهنگ ۾ ٻڌايل هنڌ تي اچي پهتي، جتي گهوڙي تان لهي وڻ جي سامهون پرارٿنا لاءِ جهڪي. ڪامسين ان وڻ جي پور ۾ راجڪماريءَ جو انتظار ڪري رهيو هو. ڪامروپ جيئن عبادت جو عذر ڪري هيٺ جهڪي، تيئن ڪامسين باهر نڪتو ۽ گهڙيءَ اندر راجڪماريءَ کي گهوڙي تي چاڙهي، پاڻ پٺيان ويهي، گهوڙي کي تيز ڊوڙايائين. راجڪماريءَ جي سهيلين ڪامروپ کي گهٽوئي ڳوليو ۽ سڏ ڪيائين مگر ڪو پتو ڪونہ پيو. گهڙيءَ تلاش ڪانپوءِ هڪ ٻئي کي چوڻ لڳيون تہ: "شايد ڪو ديوتا، راجڪماريءَ تي عاشق ٿي ٻيو هوندو ۽ پاڻ سان وٺي ويو هوندس." جڏهن رات جو واپس محلات ۾ آيون ۽ راجا جئسنگراءَ ڪانئن ڪامروپ جي غير موجودگيءَ جو سبب

پڇيو، تڏهن ان جي سهيلين جواب ڏنو تہ: "راجا، هڪ بيحد وڏو پکي آسمان مان هيٺ لٿو ۽ راجکماريءَ کي آڏائي کڻي ويو."

ڪامسين، راجکماريءَ کي گهوڙي تي کڻي، ڪجهہ وقت گهوڙو رستي سان ڀڄايو، پر پوءِ وري خيال آيس تہ کڻي راجا جا تيز گهوڙا نہ اچي کين پڪڙين، تنهنڪري گهوڙي کي جهنگ ۾ لاڙي، هڪ طرف منهن ڏنائين. ڪامسين ان حالت ۾ سڄو ڏينهن گهوڙو ڊوڙايو. آخر جڏهن رات پئي، تڏهن پري کان ڪامسين کي ڪجهہ دونهون ڏسڻ ۾ آيو. ان کي وسندي سمجهندي، گهوڙي کي ان طرف هلايائين. ٿوري وقت اندر ڪامسين هڪ جهوپڙيءَ اڳيان اچي راجکماري کي لاٿو ۽ اتي رات گذارڻ جو ارادو ڪيو. "انسان جي دل ۾ هوندي، خدا جي دل ۾ هي." جنهن گهر کي هنن آرام لاءِ چونڊيو، ان ۾ هنن لاءِ هڪ ڀيو دشمن موجود هو. ان گهر ۾ هڪ پوڙهو ماڻهو رهندو هو، جنهن ڏاڍ سان شادي ڪئي هئي ۽ ان مان چار راکاس پٽ هئس. هنن جي گهر ۾ داخل ٿيڻ سان پوڙهي مرد سندن ڪلي ڪيڪار ڪئي ۽ رات رهڻ لاءِ چيو. پر ڪاڻهہ هيڻن ٿي جو ڪامسين کي ڏسندي ئي، ڏاڍ هن تي عاشق ٿي پئي ۽ راجکماريءَ کي ان لاءِ مارڻ جو پروگرام رڙيائين. هن اهو ڪم رات اندر ڪرڻ ٿي چاهيو. رات جو جنهن وقت هن سمجهيو تہ مهمان ننڊ ۾ هوندا، ڏاڍ پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ انهن ڏانهن هلي، پر ڏاڍ ڏٺو تہ ڪامروپ هٿ ۾ تير ڪمان کڻي، پنهنجي محبوب تي پهرو ڏئي رهي آهي. ڏاڍ هيءَ ڏسي راجکماريءَ کي ڊيڄارڻ لڳي، ليڪن هوءَ ڊڄڻ واري نہ هئي، يڪدم ڪمان ۾ تير وجهي ڏاڍ ڏانهن منهن ڪيائين. ڏاڍ هڪدم ايڏو ڊگهي ٿي وئي جو سندس مٿو آسمان سان گسڻ لڳو ۽ ٻئي زمين سان. ان کان پوءِ ڏاڍ پاڻ کي هڪ جبل ۾ تبديل ڪيو ۽ ان حالت ۾ ڪامروپ کي ختم ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي. اهو ڏسي ٻہ

ڪاسروپ ڪاڪ ڏني، هن چا ڪيو جو تير ڪمان سان ان جبل جي مرڪز واري جاءِ تي تير هنيو، انين ڪرڻ سان تير وڃي ڏاڻ جي دل ۾ لڳو ۽ هوءَ يڪدم ٻنهنجي اصلوڪيءَ شڪل ۾ اچي، زمين تي ڪيري پئي ۽ ٽڪي ٽڪي مري وئي.

راجا ڪاسين جڏهن نڊ مان جاڳيو، تڏهن راجڪماريءَ سڄي ڪاڪاهه ڪري ٻڌايس ۽ چيائينس تہ: "اسان کي هيءَ خطرناڪ جڳهه يڪدم ڇڏڻ گهرجي، نہ تہ اڇو ٽاڪي ديو اچن ۽ اسان تي حملو ڪن."

اهو ٻڌي، راجا ڪاسين، ڪاسروپ کي گهوڙي تي چاڙهيو ۽ پاڻ ٽپو ڏئي مندس اڳيان ٽي ويٺو. ان کان پوءِ اڃان هي ٻئي اهڙيءَ طرح پڄن ۾ هٽا تہ هنن ست راکاس ڏاڻهن ايندا ڏٺا جي ان ڏاڻ جا پٽ هٽا. ڏاڻ راجڪماريءَ سان ڪوڙ هنيو هو تہ مندس راکاس پٽ اڳ ۾ قتل ٿي ويا هٽا. راجا گهوڙي کي گهٽوئي ڊوڙايو، پر سپ اجايو هو، ڇو تہ راکاس جي رفتار جي هيءَ حالت هئي تہ هڪ قدم ۾ پوري فرلانگ جو فاصلو پٽي هليا. ان مايوسيءَ جي وقت ۾ راجڪماريءَ وري ٻنهنجي تير ڪمان سڏي ڪڍي ۽ هڪڙي ٻانهن ڇهہ راکاس ڪيرائي وڌا، باقي ستون راکاس هيءَ حال ڏسي، وڃي پٺتي ڳڇو.

ان کان پوءِ، راجا گهوڙي کي خوب ڊوڙايو ۽ آخر هڪ ٻاڦ جي خوبصورت ڍنڍ وٽ اچي پهتا، جنهن جي ڪنارن تي گهاڻي چانوَ وارا وڏا وڻ ۽ گلن جا ٻوٽا هٽا. هتن اڃي ترسي، ٿورو آرام ڪرڻ جو ارادو ڪيو ۽ گهوڙي تان هيٺ لٿا، لهڻ سان هنن هڪ پوڙهو ڏٺو جو بيمار پئي ڏسڻ ۾ آيو. راجا کي ان تي رحم اچي ويو ۽ پڇائينس تہ تون ڪير آهين؟ پوءِ مرد جواب ڏنو تہ: "مان هرات ڪان اڃان ٿو، مون سان گڏ ٻيا ساٿي به هٽا، پر مان جڏهن بيمار ٿي پيس، تڏهن منهنجو ڪاڏو وڃيره به پاڻ سان ڪٽي، مون کي

هتي ڦڙو ڪري هليا ويا. راجا هن کي کاڌو وغيره کارايو ۽ چيو تہ: "تون اسان جي خدمت چاکريءَ لاءِ اسان سان رهي ڇڏ." ان کان پوءِ راجا ان ڏنڊ ۾ سنان ڪرڻ جو ارادو ڪيو، پنهنجا ڪپڙا لاهي ۽ تيرڪمان ۽ ان پيرمرد کي ڏنائين ۽ پاڻ پاڻيءَ ۾ وهنجڻ ويو. اڃان راجا چيلهه جيڏي پاڻيءَ ۾ مس ويو تہ هن پيرمرد جو دراصل، ان ڏائڻ جو ستون راکاس پٽ هو ۽ پڇي ويو هو، ان تير، ڪمان مان ڪشي، راجا کي دل ۾ هنيو. راجا اتي پورو ٽي ويو ۽ مٽانس پاڻي وري ويو. ان کان پوءِ راکاس راجا جا ڪپڙا پائي، سڏو راجڪماريءَ وٽ ويو ۽ ٻڌايائينس تہ مون راجا کي ماري ڇڏيو آهي، تنهنڪري تون هاڻي منهنجي ڪنوار بنج.

راجڪماريءَ سوچيو تہ راکاس جي قبضي مان ائين جان ڇڏائڻ مشڪل آهي، تنهنڪري مڪر ڪري ان کي شادي جي قبوليت ڏنائين، پر چيائينس تہ: "تون پاڻيءَ ۾ پهريائين سنان ڪر تہ پوءِ مان توسان شادي ڪندس." راکاس ۽ راجڪماريءَ جي مڪر کي سمجهي نہ سگهيو، سو تيار ٿي، ڪپڙا لاهي، تلاءَ ۾ وهنجڻ جي ارادي سان ٽپو ڏنائين. راجڪماري راکاس سان ۽ ساڳي ڪار ڪئي. تير، ڪمان ۽ وجهي راکاس کي اهڙو ڇڪيائين جو هو آتي جو آتي ختم ٿي ويو. تنهن کان پوءِ ان جا ڪپڙا لاهي، پاهر آندائين ۽ ڪاسمين کي ۽ پاڻيءَ کان پاهر ڪڍيائين. مٿل راجا کي پاهر ڪڍي سمهاريائين ۽ ان جو منهن پنهنجي جهوليءَ ۾ رکي، زور سان ماتم ڪرڻ لڳي. اهڙيءَ طرح پنهنجي محبوب تي، سڄو ڏينهن روئندي رهي ۽ اڌ رات وقت ان غم ۽ ايڏو پريشان ٿي جو سوچيائين تہ هن حياتيءَ کان مرڻ بهتر آهي. انهيءَ ارادي سان خنجر پنهنجي ڇاتيءَ ۾ هڻڻ جي سانباهي ۾ هئي.

ڪامروپ جو اهو سڄو لقاءُ مهاديو، عرش تان ويٺي ڏٺو. ان جي روح ۾ راڻي تي ڪيس ڏاڍو رحم آيو، سو پرواتيءَ

سان گڏ اهو به هيٺ زمين تي لهي آيو. زمين تي لهڻ کان پوءِ کامروپ کان روئڻ جو سبب پڇيائين، جنهن سڄي ڪالهه ڪري ٻڌايس. کامروپ جي راجا لاءِ اهڙي سچي محبت ڏسي، مهاديو مٽل راجا کي وري زنده ڪيو جو اڪيون مهٽيندي اٿين آئيو جيئن کو نند مان آڻندو آهي. راجا ۽ راجڪماري کامروپ پيار مان هڪٻئي کي ملیا ۽ مهاديو پراوتيءَ سان وري آسمان تي چڙهي ويو.

ان ٽي ڏينهن کامسين ۽ کامروپ گهوڙي تي چڙهي اڪٽي هلیا. سورهين ڏينهن، هنن کي هڪ وڏو شهر سامهون نظر آيو. جڏهن هو انهيءَ شهر جي هڪ دروازي وٽ پهتا، تڏهن معلوم ٿين ته انهيءَ شهر جو نالو ديول آهي ۽ آتي جي راجا جو نالو ڪنڊ آهي. هنن ٻنهي جي اچڻ جي خبر راجا ڪنڊ کي پڄي ويئي، جنهن هنن کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ آتي اچڻ جو سبب پڇيو. ڪامسين جواب ڏنو ته: "مان ماگرور شهر جي راجا نرڪرپال جو پٽ آهيان، جهنگ ۾ شڪار ڪرڻ آيس، پر آتي رستو وڃائي ويٺس. رات گذارڻ لاءِ هتي آيو آهيان." راجا اهو احوال ٻڌي، هنن جي ڏاڍي خاطرداري ڪئي ۽ پاڻ وٽ رهايو.

ڪامسين ڪجهه ڏينهن آتي رهيو. هڪ ڏينهن، هڪڙو هاري، راجا ڪنڊ وٽ اها شڪايت ڪئي آيو ته هڪڙو شينهن سندس ڍڳا ڍورڪائي ڇٽ ڪري ويو آهي ۽ اها وينتي ڪيائين ته راجا ان شينهن کي مارائڻ جو ڪو بلو ڪري. هاريءَ جو اهو عرض ٻڌي، راجا ڪامسين ٽپ ڏئي آئيو ۽ چيائين ته: "مون کي اجازت ڏني وڃي ته آءٌ توهان جي ڪيل احسان جي بدلي ۾ شينهن کي وڃي ختم ڪريان." راجا اها ڪالهه ٻڌي هن کي اجازت ڏني. ان کان پوءِ بهادر راجا ڪامسين، هاريءَ سان گڏجي سندس گهر ڈانهن ويو ۽ ڏٺائين ته سچ پچ شينهن هڪ ڍڳو کائي رهيو آهي. هيءَ

ماجرا ڏسي راجا ان طرف وڌيو. شينهن هڪ انسان جي اها جرئت ڏسي، مٿس حملو ڪيو. راجا ڪامسين بهادري ڏيکاريندي، تيز تير شينهن جي ڇاتيءَ ۾ لنگهائي وڌو، جنهن هن جو ڪر تمام ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ جڏهن راجا ڪامسين شينهن کي ناس ڪري راجا ڪند وٽ آيو، تڏهن راجا خوشيءَ وچان پنهنجي راجڪماري واسوءَ جو سڳ ڪيس ڏيڻو ڪيو.

هيءَ ڪماري هڪ وڏي پاڻي عورت هئي، جنهن هن کان اڳ پنهنجا ڪيترائي مڙس ماري ڇڏيا هئا. جڏهن ڪيس خبر پئي ته ڪند سندس ڀائنهن راجا ڪامسين جي حوالي ڪئي آهي، تڏهن هن ڪامسين کي پنهنجي محلات ۾ گهرايو ۽ جادوءَ جي زور تي هڪ رڍ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو ۽ اڳڻ ۾ ڪليي سان ٻڌي قابو ڪري ڇڏيو.

جڏهن راجا ڪامسين نه موٽيو، تڏهن ڪامروپ ڏاڍو پريشان ٿي. شهر ۾ راجا جي ڪولا ڪيائين، ليڪن ڪوبه پتو ڪونه پيس. آخر گهٽي ڪولا کان پوءِ راجا جي پيرن جا نشان شهزادي واسوءَ جي محلات ڏانهن ويندي ڏٺائين. هيڏانهن هوڏانهن ڦٽڪ کان پوءِ جڏهن محلات مان واپس موٽڻ جا نشان نظر نه آيس، تڏهن يڪدم سمجهي وئي ته واسوءَ کو ساٿس ويل ڪيو آهي. پنهنجي ڪمري ۾ وڃي مردانو لباس پائي، واسوءَ جي محلات هيٺان اچي لنگهي. اوڏيءَ مهل مڃاڻ محلات جي دريءَ مان شهزادي ڪامروپ کي واسوءَ ڏسي ورتو ۽ ڪيس هڪ سهڻو نوجوان سمجهندي، پنهنجي محلات ۾ اچڻ لاءِ گهرائي ورتو. انهيءَ دعوت تي هوءَ اندر وئي ۽ ڏٺائين ته هڪ رڍ اڳڻ ۾ ٻڌي بيٺي آهي. ڪامروپ سڃي ڪاڻ سمجهي وئي. يڪدم واسوءَ کي دسي ڪٽي نوڑيءَ سان ٻڌائينس ۽ چيائينس ته: "جيڪڏهن ڪامسين کي آزاد نه ڪندينءَ ته مان توکي اتي ئي گهٽي ماري ناس ڪري ڇڏيندس."

واسوءَ هڪدم وڃي رڙيون ڪيون ۽ سندس گوڙ تي راجا ڪنڊ پاڻ محلات ۾ لنگهي آيو. راجڪماري ڪامروپ راجا کي واسوءَ جي کيل ڏوهه ڪان واقف ڪيو. راجا، ڪامروپ کي واسوءَ کي معاف ڪرڻ لاءِ منت ڪئي، ليڪن ڪامروپ نه مڃيو ۽ تيستائين نه ڇڏيائينس، جيستائين هن ڪامسين کي وري انساني روپ ۾ آندو ۽ پوءِ اُن ڏاڻ جي چوڻي ڪتر يائين، جنهن ۾ جادوءَ جو زور هو.

ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ، راجا ڪامسين جي شادي واسوءَ سان وڏي ڌام ڌوم سان ڪرائي وئي ۽ ان خوشيءَ ۾ راجا ڪيترا ڏينهن شڪار ۾ گذاريا. پر واسوءَ جي من ۾ ڪامروپ لاءِ ڏڪار جيئن پوءِ تيئن وڌندي رهي. هڪڙي ڏينهن جڏهن هُن ڪامروپ کي غسل ڪندي ڏٺو ۽ سندس حسن جو پورو جلوو پسيو، تڏهن ته سندس دل ۾ حسد جي باهه ٻرڪڻ لڳي. ان ڪان پوءِ ڪامروپ کي مارائڻ جون سازشون سڻڻ لڳي. پنهنجي وارن وڃائڻ ڪان پوءِ، جادوءَ جي وسيلي ته ڪامروپ کي ڪو نقصان پهچائي نه ٿي سگهي، تنهن هوندي به هن همت نه هاري ۽ ڪامروپ جي خاتمي لاءِ هڪ خطرناڪ سازش سڻائين.

ان ڏينهن شام جو، جنهن وقت ڪامسين واسوءَ جي محلات ۾ آيو، تڏهن واسوءَ کي ڏاڍو غمگين ڏٺائين ۽ ڪارڻ ان جو سبب پڇيائين. ليڪن واسوءَ، ڪامسين سان بلڪل نه پئي ڳالهايو. راجا ڪيترائي سوال پڇيا، مگر واسو خاموش رهي. ڪجهه دير ڪان پوءِ، واسو ٽوروڪ ٿي ۽ راجا کي چوڻ لڳي ته: "توهان جيڪا خوبصورت چوڪري پاڻ سان آندي آهي، اها توهان سان بي‌وفا آهي ۽ هڪ وڏي دغاباز ٿي ڏسجي." هي ٻڌي ڪامسين کي ڏاڍو غصو لڳو ۽ چوڻ لڳو ته: "مون دنيا جي تختي تي ڪامروپ جهڙي صاف دل ۽ پوتر عورت ڪانه ڏٺي آهي. ٻه دفعا ته هن

منهنجي زندگي بچائي آهي. مون کي يقين آهي ته هوءَ مون سان وفادار آهي." آن تي واسو، کامسين کي ٽوکيندي چيو ته: "چگو توکي هُن ستيءَ تي ايڏو پروسو آهي ته پوءِ سپاڻي شڪار تي وڃڻ بدران کامروپ کي جاچ ۽ ڏس ته ڪهڙيءَ طرح سندس نئون عاشق پتيون ٽپي هن وٽ وڃن ٿا." راجا يڪدم ان رٽ کي مڃيو، چاڪاڻ ته هن کي يقين هو ته اها دعويٰ ضرور کوڙي ثابت ٿيندي.

ٻئي ڏينهن راجا کامسين محلات مان شڪار جي بهاني سان باهر نڪري ويو. دراصل هو شڪار ڪرڻ کين ويو هو، پر هڪ اهڙي هنڌ وڃي لڪي ويٺو جتان کامروپ جي محلات کي چڱي طرح ڏسي سگهيو ٿي. راجا جي وڃڻ کانپوءِ، ظالم واسوءَ چا ڪيو جو مرداڻو لباس پهري، کامروپ جي محلات جي پٺ تي چڙهي ۽ دريءَ سان اندر داخل ٿي. کامسين اهو سڀ ڪجهه ڏسي غلط فهميءَ ۾ مبتلا ٿي ويو ته جيڪي واسوءَ چيو ٿي، سو سراسر سچ آهي. بس پوءِ ته هڪدم گهوڙي کي ڊوڙائي گهر آيو ۽ جلادن کي گهرائي، کين حڪم ڏنائين ته: "شهزادي کامروپ کي يڪدم محلات مان وڃي رڻ ۾ نيئي سندس ٻئي اکيون ڪڍي ڇڏيو." راجا اهو قهر جو حڪم غصي ۾ ڪروڌ جي باهه وچان ڪيو.

جلادن حڪم ٻڌڻ کانپوءِ، کامروپ کي محلات مان وڃي هڪ رڻ پٽ ۾ آندو. قضا سان کامروپ جو ڪو ياڳ پلو هو. جلادن کي کامروپ جي حسن ۽ جواني ۾ تي رحم اچي ويو، تنهنڪري کيس مارڻ بدران ڇڏي ڏنائون، ۽ سندس اکين جي بجاءِ، هڪ هرڻ کي ماري ان جون اکيون ڪڍي، ۽ موٽي اچي راجا کي ڏيکاريون.

اهڙيءَ ريت کامروپ موت کان بچي ويئي، پر محلات ۾ پليل راجڪماري رڻ ۾ اچي رُلي، سچو ڏينهن پنڌ ڪيائين، آخر پيرن ۾ ليڦون پڄي ويس ۽ اڳتي هلڻ جهڙي نه رهي.

انهيءَ حالت ۾، هڪ هنڌ ويهي رهي ۽ غم ۽ اندوهه ۾ اڇي روئڻ ۾ ڇڻڪي. ڪجهه وقت روئڻ ڪانپوءِ، ڪيس آهي پَريون ياد پَيون، جن ڪيس ۽ ڪامسين کي پاڻ ۾ ملايو هو، بس پوءِ ته انهن کي ڏک مان مدد لاءِ پڪارڻ لڳي. قدرت ڏٺيءَ جي اهڙي ٿي جو ٿوريءَ دير ۾ هن جي اکيان هڪ پَرين جو وَلَرُ اڇي ٻيٺو. ڪامروپ کين پنهنجي سورن جي ڪهاڻي ٻڌائي. پرين کي راجڪماريءَ جي هن حال تي ڏاڍو رحم آيو ۽ ڪيس آسمان تي پنهنجي ولايت ۾ کڻي ويون. آتي ڪامروپ جي غم دور ڪرڻ لاءِ ڪيس هڪ بهترين محلات ۾ رهايو ويو، جنهن ۾ پريون هن جي خدمت چاڪري ڪنديون هيون، جنهن جي چوڌاري هڪ دلچسپ جنت نما باغ ۾ عجيب و غريب گل ٻوٽا، جن جي خوشبوءِ ۾ وٽندڙ اثر هو. هي سموريون چيزون راجڪماريءَ جي اکيان انهيءَ لاءِ رکيون ويون ته جيئن هوءَ آتي راضي رهي ۽ دل جي غم کي وساري ڇڏي.

ٻئي پاسي وري کامسين جو عجيب حال هو. هن کي يقين ٿي ويو هو ته ڪامروپ واقعي دوکيباز عورت هئي. اهڙن خيالن ۾ جيئن ڪيس پکائي ٽيندي وئي، تيئن پاڻ واسو جهڙيءَ دغا باز ۽ ڏاڙهه عورت سان وڌيڪ محبت ٽيندي ويس. کامسين، ڪامروپ کي دل مان وساريڻ کان پوءِ زندگيءَ جو ڪافي عرصو عيش ۽ مزي ۾ گذاريو، ليڪن چوندا آهن ته خدا وٽ دير آهي، اندير ناهي. سو ڪجهه وقت گذرڻ کانپوءِ، هڪ راڻ کامسين ننڊ مان جاڳي پيو ۽ جاڳڻ سان هن ائين محسوس ڪيو ته راجڪماري ڪامروپ بلڪل معصوم هئي ۽ سون ساڻس سان ظلم ڪيو آهي. انهيءَ قسم جو خيال هن جي دل تي ايتري قدر ته چانڇجي ويو جو واسوءَ کي هڪ وڏي دوکيباز ۽ ظالم عورت تصوّر ڪرڻ لڳو. آخر هڪ ڏينهن هن کي ايڏو ته جوش اچي ويو جو

خنجر کڻي، نند ۾ ستل واسوءَ کي هڪ ٻي ڏڪ سان پورو ڪري ڇڏيائين. ان کانپوءِ، يڪدم گهوڙي تي سوار ٿي شهر مان نڪري ويو ۽ ريگستان ۾ گهوڙي کي ڊوڙائيندو رهيو. ڪامروپ جي فراق ۾، ڪامسين پنهنجو راجائي لباس ڦاڙي، چيهون چيهون ڪري ڇڏيو ۽ اڌ-چرئي ماڻهوءَ جي حالت ۾ رڻ ۾ هيڏانهن هوڏانهن ٽپڪندو ۽ رلندو رهيو.

ڪامسين انهيءَ حالت ۾ جهنگ ۽ بيابان ۾ ڪيترا ڏينهن رُلندو رهيو. آخر هڪ ڏينهن ٽڪجي هڪ ٻيٽ جي ڪناري تي ٻيڙ وڻ جي ڇانوَ ۾ وڃي ويٺو. اُن وڻ تي به پکي ويٺا هئا، جن مان هڪ ٻُڌي ڪي چيو ته: هن وڻ هيٺان ويٺل جيڪو ماڻهو ڏسين ٿو. انهيءَ جو قصو نهايت عجيب آهي. اِهو محبت جو مريض آهي، ليڪن هن پاڻ ٻي پنهنجي بي گناه معشوق کي مارڻ جو حڪم ڏنو هو." اها ڳالهه ٻڌي ٻُڌي پکيءَ کي ڏاڍو عجب لڳو، هو چوڻ لڳو: مهرباني ڪري مون کي انهيءَ ماڻهوءَ جي سموري آکاڻي ٻڌاءِ." ٻوءِ پهرئين پکيءَ، ڪامسين جي غلط فهميءَ ۽ ڪامروپ کي سزا ڏيڻ وارو سرهستو قصو هن کي بيان ڪري ٻڌايو ۽ چيائينس ته: "اجا به هڪ رستو آهي، جيڪڏهن هن ماڻهوءَ کي اُهو معلوم ٿي وڃي ته: راجڪماري ڪامروپ کي وري به حاصل ڪري سگهي ٿو. هن کي اٺ ڏينهن باهه تي روزو رکي وهٽو پوندو ۽ دونهين مان ساهه ڪٽو پوندو. ائين ڏينهن، پرين جو ٽولو، پنهنجي راڻي شپوري ۽ ڪامروپ سان هن تلاءَ تي وهنجڻ ايندو. هن کي ان وقت موقعي مان فائدو وٺڻو آهي. جڏهن سڀئي پريون تلاءَ ۾ وهنجڻ لاءِ داخل ٿي وڃن، تڏهن هن کي راڻيءَ جي ڪپڙن تي قبضو ڪرڻ گهرجي ۽ تيستائين ڪپڙا نه ڏيڻ گهرجن، جيستائين راڻي، راجڪماري ڪامروپ جي بانهن سندس حوالي نه ڪري."

کامسین وڻ هيڻان، پکين جي اها سموري گفتگو وڏي ڏيان سان ٻڌي رهيو هو. انهيءَ راز کي معلوم ڪندي ڪڏهن دل ۾ اميد پيدا ٿيس ٿي ته ڪڏهن وري مايوسي. آخر هو انهيءَ ٻڌل طريقي موجب آٽ ڏينهن ٻاهر تي روزو رکي ويٺو ۽ دونهين مان ساهه ڪٽندو رهيو. آخر الين ڏينهن پرين جو ٽولو پنهنجي راڻي شهوري ۽ کامروپ سميت انهيءَ تلاءَ تي اچي لٿو. کامسين تلاءَ جي ٻر ۾ وڻن جي اوٽ ۾ ايستائين لڪو ويٺو رهيو، جيستائين سڀني پنهنجا ڪپڙا لاٿا ۽ وهنجڻ جي ارادي سان پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏنو. ان کان پوءِ، کامسين نهايت آهستگيءَ سان راڻي شهوري جي ڪپڙن تي قبضو ڪري آهي ٻاڻ سان کڻي ۽ پنهنجي ساڻيءَ جڳهه تي اچي لڪي ويٺو. ٿوري وقت کان پوءِ، هر هڪ پري، پاڻيءَ مان نڪري پنهنجا ڪپڙا پاتا ۽ جڏهن راڻيءَ جو وارو آيو ته جان ڏسن ته ڪپڙا غائب آهن. هن ڏاڍي ڪوٺا ڪرائي مگر هي سود ان کان پوءِ، هنن ڪپڙن جي تلاش لاءِ جهنگ ۾ ڪوٺا ڪرائي. آتي ڪوٺا ڪندي، هنن کامسين کي ڏسي ورتو جيڪو راڻيءَ جا ڪپڙا پنهنجي ڪڇ ۾ ڪيو لڪو ويٺو هو. هي حال ڏسي پرين جي راڻي غصي ۾ ڀاڙهي ٿي وئي ۽ پنهنجي ڪپڙن جي واپسيءَ لاءِ کامسين کي حڪم ڪيائين. اهو حڪم ٻڌي، کامسين وراڻيو ته ڪپڙن جي عيوض ڪيس کامروپ جي پانهن ڏني وڃي. اهو جواب ٻڌي پرين جي راڻي غصي ۾ اچي هڪ ننڍي راکاس جي شڪل ۾ تبديل ٿي وئي ۽ ان کان پوءِ هاڻيءَ جي شڪل ۾ منجي وئي. هاڻيءَ جي شڪل ۾ اچي کامسين کي لتاڙي مارڻ جي ڌمڪي ڏنائين. ليڪن کامسين بي پرواه ڪانه ڈيڪاريس ۽ چيو "هن زندگيءَ کان موت بهتر آهي. کامروپ سان گڏ رهڻ حياتي آهي ۽ ان کان سواءَ مان موت کي آڇيان ڪندس." هي جواب ٻڌي، پرين جي راڻيءَ جو غصو رحم ۾ تبديل ٿي ويو ۽

هن جي دل نرم ٿي ويئي، جڏهن ڪامروپ، ڪامسين کي ائين ليلائيندي ڏٺو تڏهن پاڻ ۾ ان سان گڏ راڻيءَ کي منٽون ڪرڻ لڳي. چوڻ لڳي ته: "مون کي هن جي حوالي ڪريو توهان ٻي اسان ٻنهي کي پاڻ ۾ ملايو هو. سو هاڻي ڪيئن ٿيون جدا ڪريو." ڪامروپ کي ليلائيندي ڏسي، راڻي شهوريءَ سندس ڀانهن ڪامسين جي حوالي ڪئي ۽ ان جي عيوض ۾ پنهنجا ڪپڙا واپس ورتا.

ان کان پوءِ راڻي جي حڪم سان پرين هنن ٻنهي عاشقن کي مٿي ڪنيو ۽ هوا ۾ اڏائي، سنڌ ڏيهه جي مٿان آندو. جڏهن کين ٿورو هيٺ لاٿائون، تڏهن راجا ڪامسين پنهنجي تختگاهه ماگرور کي سڃاتو. هيٺ لاهڻ کان پوءِ کين شهوري ٻڌايو ته هيءَ توهان جي بادشاهي آهي، ليڪن هڪ مڪار ماڻهوءَ توهان جي فوج کان حڪومت کسي پنهنجي قبضي ۾ رکي آهي. ايترو چئي پريون اکين کان گم ٿي ويون.

پرين کان هيءَ ڳالهه ٻڌي، راجا ڪامسين وڏيءَ ڪٿتيءَ ۾ اچي ويو ۽ ٿورو سوچي ڪامروپ کي چيائين ته: "ماگرور شهر جي اتر طرف منهنجو هڪ محلات آهي، مان سمجهان ٿو ته اتي کوبه ڪونه پهتو هوندو. اسان کي اتي هلي ڪو مشورو ڪرڻ گهرجي." ائين چئي ان طرف وڌيا ۽ اڌ رات جو هي ٻئي محبت جا متوالا ان خالي محلات ۾ وڃي پهتا. ان محلات ۾ ٻنهي خوشي ۽ سک ۾ رات گذاري، ليڪن ساڻيءَ وقت پنهنجي آئنده جو اونو ۽ گهٽو رهين.

صبح جو جڏهن ڪامسين پنهنجي محلات جي دريءَ کان هيٺ ڏٺو، تڏهن سندس نظر وڃي هڪ پوڙهيءَ عورت تي پيئي، جنهن هن کي نهايو هو. ان کي آواز ڏنائين، جنهن خوشيءَ سان ڊوڙي اچي ڪامسين جو خيرمقدم ڪيو. پوڙهيءَ راجا کان سندس ايڏي لنبي عرصي جي غيرحاضريءَ جو سبب پڇيو. راجا پنهنجي سمورين تڪليفن ۽ ڏکن ڏاکڙن

سان پريل سفر جو بيان ڪيو ۽ ڪيئن ڪيس ۽ ڪامروپ کي پريون هتي پهچائي ويون آهن. ان کان پوءِ راجا پوڙهيءَ کان پڇيو تہ منهنجي غيرحاضريءَ ۾ ڇا وهيو واپريو ۽ اهو ماڻهو ڪير آهي، جنهن منهنجي تخت تي ناجائز قبضو ڪيو آهي؟"

راجا کي هن پوڙهي عورت نهايت ڏک واري لهجي ۾ ٻڌايو تہ: "مهاراج، توهان جي وڃڻ کان پوءِ هڪ سال ڪن تہ رواجي طرح حڪومت جو ڇرڪو امن ۽ شانتيءَ سان هلندو رهيو، ليڪن ان کان پوءِ جڏهن توهان جي باري ۾ ڪا خبر نہ آئي، تڏهن توهان لاءِ همدردي ۽ وفاداري ماڻهن جي دلين مان غائب ٿيڻ لڳي. ملڪ جون اهي حالتون ڏسي، هڪ دشمن، جنهن جو نالو شاهہ دمڪ آهي، تختگاهہ تي حملو ڪيو ۽ شهر جا سمورا دروازا پڄي اندر داخل ٿيو. شهر تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ توهان جي وزير نذر سيف کي قيد ڪيائين ۽ توهان جي حڪومت تي قبضو ڪيائين. هينئر توهان جو تاج ۽ توهان جا خزانا سڀ هن جي قبضي ۾ آهن ۽ مون کي ڪو رستو ڪونہ ٿو سجهي، جو توهان اهي واپس حاصل ڪري سگهو."

هيءَ ٻڌي راجا ڪامسين کي ڏاڍي حيراني لڳي. ليڪن دل نہ هاريائين ۽ پوءِ ڪاغذ تي هي پيغام پوڙهيءَ جي معرفت شاهہ دمڪ ڏانهن موڪلياٿين تہ: "اي غاصب! تولاءِ مناسب آهي تہ حڪومت مان چپ چاپ نڪري وڃ، ٻيءَ حالت ۾ مون سان مقابلي لاءِ تيار ٿيءَ."

جڏهن شاهہ دمڪ هيءَ خط پڙهيو، تڏهن پوڙهيءَ کان پڇيائين تہ: "راجا ڪامسين ڪٿي آهي ۽ هن ساڻ ڪيترو لشڪر آهي؟" ڪيس جواب ملیو تہ: "هو فلاڻي محلات ۾ ليل آهي ۽ اڪيلو آهي." اهو جواب ٻڌي شاهہ دمڪ هڪ ڇڪو لشڪر تيار ڪري هن سان وڙهڻ لاءِ محلات ڏانهن وڌيو.

راجا ڪامروپ جڏهن شاهه دمڪ جي فوج کي ايندو ڏٺو، تڏهن هن هڪ دفعو وري پرين کي مدد لاءِ پڪاريو. انهيءَ گهڑيءَ ۾، پرين جو هڪ وڏو لشڪر آسمان تان هيٺ لٿو، ديوَن ۽ راکاسن جي شڪل اختيار ڪري، شاهه دمڪ جي فوج تي حملو ڪيو، ۽ انهن سخت خوف ۽ هراس ڦهلايو. هي حال ڏسي شاهه دمڪ جي فوج هرطرف ڀڄڻ لڳي، ليڪن ديوَن ۽ پرين هنن جو پيڇو ڪيو ۽ ڪيترن کي ماري قتل ڪري ڇڏيو، ۽ ڪيترا راجا ڪامسين جي پيش پياه. شاهه دمڪ جو نندو پٽ شاهه صادق پيش پيو، جنهن کي راجا ڪامسين پناهه ۾ ورتو. خود شاهه دمڪ کي پڄڻ وقت ديوَن ماري وڏو هو.

جڏهن هيءَ لڙائي ختم ٿي، تڏهن راجا ڪامسين وڏي شاندار نموني سان پنهنجي شهر ماگرور ۾ داخل ٿيو ۽ پنهنجي اڪئين وزير نذر سيف کي قيد مان آزاد ڪيائين، ۽ پوءِ ان جي ٿي مدد سان هو پنهنجي تخت تي ويٺو، ۽ سنڌ ڏيهه ۾ راج ڪرڻ لڳو. راجا هڪ وڏو مضبوط قلعو ٺهرايو ۽ ڪيترائي سال سنڌ ۾ انصاف ۽ رحم سان حڪومت ڪندو رهيو. جيڪڏهن حقيقت جي نگاهه سان ڏسجي تہ راجا ڪامسين لاءِ سيني خزائن ۽ تاج کان وڌيڪ قيمت واري ملڪيت راجڪماري ڪامروپ هئي، جنهن کيترا دفعا هن جي حياتي بچائي. ۽ جنهن جي ٿي تعاون سان هن پنهنجي ويل حڪومت وڏيءَ سوپ سان حاصل ڪئي ۽ پنهنجي رعيت وٽ وڏي شان ۽ عزت آهروءَ سان موٽي آچي حڪومت جون واڳون سنڀاليون.

۱۱ـ سيف الملوک

ڪنهن زماني ۾، هاشم شاهه نالي هڪ بادشاهه، مصر ۾ راج ڪندو هو. هن جي ٻيءَ جو نالو شاهه سفيان هو، جو گذر ڪري چڪو هو. هاشم شاهه وڏو دولتمند ۽ طاقت وارو بادشاهه هو ۽ سندس رعت ڏاڍي آسودي هئي. قدرت خدا جي اهڙي جو ڪيس ٻٽ جو اولاد ڪونه هو، باقي دنيا جا ٻيا سڀ سک ۽ سهنج نصيب هئس. جوانيءَ واري عرصي ۾ تہ بادشاهه کي ٻٽ جي ضروت گهٽي محسوس ڪانہ ٿي، پر جڏهن ستر ورهين جو پوڙهو ٿي چڪو، تڏهن انهيءَ حقيقت کيس ڏاڍو ملول ڪيو ۽ ان غم ۽ اندوهه ۾ هڪڙي ڏينهن اوچتوئي اوچتو پاڻ کي محلات جي هڪ ڪمري ۾ بند ڪيو ۽ وزيرن ۽ اميرن سان ملڻ کان منهن موڙي ڇڏيو. بادشاهه جي هن هلت ڪري، آخرڪار حڪومت جو چرخو ٻيهجي ويو، چوتہ ڏنار کان سواءِ ڏڻ ڪيئن سلامت رهي؟ ملڪ ۾ ڏينهون ڏينهن بدامني ڦهلجي ويئي، آخر انهيءَ صورتحال بادشاهه جي وزير صالح کي ڏاڍو پريشان ڪيو ۽ هڪ ڏينهن بادشاهه جي مرضيءَ خلاف زبردستيءَ سان محلات ۾ داخلا ٿيو ۽ بادشاهه جي آڏو نهايت ادب ۽ احترام سان چوڻ لڳو تہ: "جيئندا قبلا! آءٌ توهان جي غم جو سبب ڄڻي سگهان ٿو؟ مون کي يقين آهي تہ جيڪڏهن بادشاهه سلامت مون کي ان کان واقف ڪرڻ فرمائيندو تہ مان ان کي دور ڪرڻ ۾ ضرور ڪامياب ٿيندس." بادشاهه ورندي ڏني تہ: "اي وزير، منهنجو غم معمولي قسم جو نہ آهي، توکي خبر آهي تہ مون وٽ دنيا جي هر نعمت موجود آهي، دولت جا بي انداز خزانا آهن ۽ طاقتور فوج آهي، ليکن ٻٽ جي اولاد کان محروم آهيان. هينئر منهنجي

موت کان پوءِ منهنجو تخت ڪير سنڀاليندو؟ مصر ملڪ جي حڪومت جو ڪير وارث ٿيندو." هيءَ ڳالهه ٻڌي، وزير عرض ڪيو تہ: "بادشاهه سلامت، منهنجو خيال آهي تہ نجومين کي گهرايو وڃي، مون کي اميد آهي تہ هو پنهنجي علم ۽ نجوم جي وسيلي اوهان جي ان غم جو ڪو نہ ڪو علاج ضرور ڳولي ڪڍندا."

بادشاهه کي وزير جي اها صلاح دل سان آئڙي ۽ نجومين کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ کين حڪم ڪيو تہ هو حساب ڪري ڪيس پنهنجي غم جي علاج جي ڪا ترڪيب ٻڌائين. نجومين ٽن ڏينهن جي مهلت گهڙي، هنن انهيءَ عرصي ۾ آسماني ٽڪيترن ۽ سيارن کي خوب جاچيو ۽ ان کان پوءِ چوٿين ڏينهن دربار ۾ اچي، بادشاهه کي عرض ڪيائون تہ: "بادشاهه سلامت، اسان کي نجوم جي حساب مان معلوم ٿو ٿئي تہ جيڪڏهن توهان يمن جي بادشاهه شرف شاهه جي شهزادي‌ءَ سان شادي ڪندؤ تہ توهان کي ان مان ضرور ٻہ جو اولاد ٿيندو."

نجومين جي اها ڳالهه ٻڌي بادشاهه حڪم ڪيو تہ: "هڪدم يمن جي بادشاهه لاءِ سوکڙيون ۽ سوغاتون تيار ڪيون وڃن، انهن ۾ پنجاهه اٺ موتين سان پريل هجن، چار سؤ سهڻيون ٻانهيون هجن ۽ چار سؤ بهترين گهوڙا قيمتي سنجن سميت موجود هجن. اهي سموريون شيون تحفي طور يمن جي بادشاهه جي خدمت ۾ پيش ڪيون وڃن ۽ ان کان پوءِ اسان جي لاءِ سندس شهزادي‌ءَ جو سڳ گهريو وڃي."

ان-ڇڻن ڏينهن بعد، بادشاهه جي حڪم مطابق اهو سمورو سامان، جنهن ڇگي خاصي لشڪر جو ڏيڪ ٻڌي ڏنو، سو جڏهن يمن جي بادشاهه جي سرحد تي وڃي پهتو، تڏهن يمن جي بادشاهه جي ماڻهن کي شڪ ٿيو. هنن شڪ دور ڪرڻ لاءِ هاشم شاهه بادشاهه جي ماڻهن کان پڇيو تہ: "ڇا توهان

جنگ ڪرڻ جي نيت سان آيا آهيو؟" هنن جواب ڏنو تہ: "نہ، اسان جنگ ڪرڻ نہ آيا آهيون، پر اسان اوهان جي بادشاهہ ڪان سندس شهزاديءَ جو سگ چڪائڻ آيا آهيون." اهو جواب ٻڌي، هنن کي دلجاءَ ٿي ۽ پوءِ هو هلندا اچي يمن جي بادشاهہ جي درٻار ۾ پهتا. درٻار ۾ پهچي، وڏي ادب ۽ نياز سان، هاشم شاهہ بادشاهہ جي ماڻهن پنهنجو تعارف يمن جي بادشاهہ سان ڪرايو، ۽ ڪيس پنهنجي بادشاهہ جو خط ڏنو. خط پڙهڻ ڪان پوءِ، يمن جي بادشاهہ وڏي خوشيءَ مان ورندي ڏني ۽ چيو تہ: "هيءَ تہ هڪ نياڻي آهي، پر جيڪڏهن مون کي ست نياڻيون هجن ها تہ اهي ٻہ جيڪر اوهان جي بادشاهہ جي مرضيءَ مطابق ڏيئي ها. مون کي بيحد خوشي ٿئي ها." ان ڪان پوءِ هن پنهنجي ڏيءَ کي ڪهرايو ۽ پنهنجي خاندان جي رسم مطابق سندس تلوار ۽ پٽڪي سان شادي ڪرائي ويٺي.

هن طرح شادماني ٽيئن ڪان پوءِ، مهمانن موڪلايو ۽ شهزاديءَ کي ساڻ ڪري، يمن مان روانا ٿيا. شهزاديءَ پنهنجي وندر لاءِ پيءُ جي وزير جي ڏيءُ، پاڻ سان ڪنئي، جنهن سان سندس ننڍپڻ ڪان ساهيڙپ هئي. مصر ۾ پهچڻ تي، هاشم شاهہ بادشاهہ ڏاڍي ڌام ڌوم سان شهزاديءَ سان شادي ڪئي ۽ سندس ساهيڙيءَ جي شادي پنهنجي وزير صالح سان ڪرائي. خدا جي مهرباڻيءَ سان هڪ سال بعد بادشاهہ هاشم شاهہ ۽ صالح وزير کي هنن زالن مان پٽ پيدا ٿيا. هاشم شاهہ بادشاهہ پنهنجي پٽ جو نالو سيف الملوڪ رکيو ۽ وزير پنهنجي پٽ جو نالو صياد رکيو. هنن ٻنهي ننگرن کي نهائڻ لاءِ هڪ دائي رکي وئي ۽ اهڙيءَ طرح هو ٻئي سگهن پائرن وانگر پلجڻ لڳا.

اڄ ننڍا سياڻي وڏا، وقت گذرندو رهيو ۽ هي ٻالڪ ٻہ وڏا ٿيندا ويا. اهڙيءَ طرح چوڏهن سال گذري ويا. هڪڙي

ڏينهن بادشاهه پنهي چوڪرن کي پنهنجيءَ دربار ۾ گهرايو ۽ پنهنجي پٽ کي هڪ منڊي ۽ هڪ چوغو ڏنو، جي ڪيس ڪنهن وقت بادشاهه سليمان کان مليا هٿا ۽ صالح وزير جي پٽ کي وري هڪ گهوڙو ۽ هڪ ڪڙتو عطا ڪيو. ان رات شهزادي سيف‌الملوڪ هڪ عجيب اسرار ڏٺو. هو ننڊ مان سجاڳ ٿيڻ شرط پيءُ وٽان ملهيل چوغي کي کولي حيرت سان ڏسڻ لڳو. اوچتو سندس نظر وڃي هڪ نهايت حسين چوڪريءَ تي پئي، جا ڪيس پرسان ٻيئل ڏسڻ ۾ آئي. پر جڏهن هن پنهي هٿن سان ان کي ونڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هوءَ نظر کان گم ٿي ويئي، وري جڏهن هن پنهنجا هٿ هيٺ ڪيا تہ چوڪري سامهون ٻيئل نظر آيس. آخرڪار هن چوغو ويڙهي رکي ڇڏيو ۽ پاڻ سمهي پيو، پر ڪيس سڄي رات ننڊ نہ آئي چوتہ هو ان سهڻيءَ چوڪريءَ جي حسن تي موهجي پيو هو. پئي ڏينهن صبح جو جڏهن بادشاهه ڏٺو تہ سندس پٽ روزاني دستور مطابق شڪار تي نہ ويو آهي، تڏهن ڪيس پاڻ وٽ گهرايائين. بادشاهه کانئس ان جو سبب پڇيو، پر شهزادي ڪنهن به سوال جو جواب ڪونہ پئي ڏنو. هن کي ڪا ڪاوهه سمجهه ۾ نہ پئي آئي، سندس ذهن ۽ دماغ ۾ انهيءَ حسين چوڪريءَ جو تصور هو، جنهن کي هن رات جو ڏٺو هو. پيءُ جي سوالن تي فقط ڪنڈ ڏوٽي رهيو هو ۽ زارزار روئي رهيو هو. بادشاهه، پٽ جو هيءَ حال ڏسي ڏاڍو غمگين ٿيو. هڪدم هن جي علاج لاءِ حڪيم ۽ طبيب گهرايائين، جيڪي پٽ کافي ڪوشش جي باوجود شهزادي جي بيماريءَ کي سمجهي ڪين سگهيا. آخرڪار، هاشم شاهه جي وزير عرض ڪيو تہ: "جيئندا قبلا، منهنجي پٽ کي اجازت ڏيو، شايد هو سيف‌الملوڪ جي بيماريءَ کي سمجهي کانئس پڇي ۽ پروڙي سگهي. آخر وزيرزادي کي اجازت ڏني ويئي تہ هو اڪيلائي ۾ شهزادي سان وڃي ڪاوهه ۽ جيڪڏهن ضرورت سمجهي تہ

ڪيس اها ڏمڪي به ڏني ته جيڪڏهن تون مون کي پنهنجي بيماريءَ جو سبب نه ٻڌائيندين ته مان پاڻ کي ماري ڇڏيندس."
بادشاهه، وزير جو اهو مشورو مڃيو ۽ وزيرزادي کي شهزادي وٽ سندس دلي راز پروڙڻ جي اجازت ڏني.

صياد کي ڏسندي ئي، شهزادي کي معصوميت ۽ نندپڻ وارو زمانو ياد اچي ويو، جنهن ۾ هنن سڳن پائرن وانگر کيڏيو ۽ ڊوڙيو هو. انُ تصور سندس دل کي نرم ڪري وڌو ۽ شهزادي پنهنجي زبان کولي. شهزادي رات جو ڏٺل سمورو واقعو ۽ حسين چوڪريءَ تي عاشق ٿي پوڻ وارو سمورو قصو، هن کي دل کولي ٻڌايو. صياد هي حال معلوم ڪري سڃي ڳالهه بادشاهه کي ڪي ٻڌائي. بادشاهه هي قصو ٻڌي عجب مان چوڻ لڳو ته: "نندپڻ واري زماني ۾ هڪ ڏينهن مان تخت تي ويٺو هوس ته اوچتو هڪ روشنيءَ جو چمڪاٽ ٿيو ۽ ڪجڪوڙ ٿي، ان کان پوءِ مون پنهنجي پيرن جي پرسان ست پريون لهنديون ڏٺيون. لهڻ کان پوءِ هنن مون کي هڪ منڊي ۽ هڪ چوغو ڏنو، جيڪي ٻئي چيزون مون سيف الملوڪ جي حوالي ڪيون. هنن مون کي ٻڌايو ته اهي ٻئي چيزون حضرت سليمان جون آهن. پوءِ جڏهن مون چوغي کي کوليو، تڏهن منهنجي اکين هڪ نهايت جميل چوڪري اچي ٻيٺي. ان چوڪريءَ کي جهلڻ لاءِ مون پنهنجون ٻانهون وڌايون ته هوءَ نظر کان غائب ٿي وئي. ان تي مون پرين کان پڇيو ته هيءَ ڪير هئي. پرين جواب ڏنو ته: 'هوءَ اسان جي بادشاهه شهوال جي ڌيءَ، بديع الجمال آهي ۽ اسان جو بادشاهه گلستان ارن شهر ۾ رهي ٿو'. ان کان پوءِ مون گلستان ارن شهر ڏانهن لاءِ هر طرف ساٿهو موڪليا، پر ڪنهن کي به ڪو پتو ڪونه پيو. هن جي محبت مون کي چوڏهن سال پريشان ڪندي رهي ۽ هاڻي وري اُن منهنجي پٺ کي ساڪيو اثر ڏيکاريو آهي. هينئر آءٌ انهيءَ چوڪريءَ جي تلاش

۽ چئني طرفين پنهنجا ماڻهو روانا ڪريان ٿو." بادشاهه اها حقيقت بيان ڪري، وڏي غم ۽ پريشانيءَ ۾ اچي ويو.

ان-چئن ڏينهن بعد بادشاهه پنهنجا اميرامراءَ ۽ ٻيا ڪيئي ماڻهو آسپاس جي ملڪن ڏانهن روانا ڪيا: ڪي ايران ويا، ڪي هندستان اسهيا، ڪن عربستان ۽ افغانستان ڏانهن منهن ڪيو، ۽ ترڪستان روانا ٿيا، ليڪن ڪٿي به گلستان ارن شهر جو ڪو پتو ڪونه پيو. اميرن جي رواني ٿيڻ وقت شهزادي ڪجهه پاڻ سنڀالي ورتو، مگر جڏهن اهي ناڪامياب موٽيا، تڏهن هن تي وري ساڳي حالت طاري ٿي وئي. بادشاهه محسوس ڪيو ته جيڪڏهن شهزادي کي موت کان بچائڻو آهي ته ان لاءِ فقط هڪ ئي رستو آهي، آهو هيءُ ته شهزادي کي اجازت ڏجي ته هو پاڻ ٻه ان پريءَ جي تلاش ۾ نڪري. ان لاءِ بادشاهه وڏيون تياريون ڪرايون ۽ سامونڊي ٻيڙا ٺهرايا، جن ۾ پنجن سالن جي ضرورتن جو ڪاڏو ۽ ٻيون شيون رکايون ويون. شهزادي ۽ صياد لاءِ هڪ جدا ٻيڙو تيار ڪرايو ويو ۽ ٻين ٻيڙن ۾ سڀ اميرن جي رهائش جو بندوبست ڪيو ويو، جن کي شهزادي سان گڏ وڃڻ جو حڪم ڏنو ويو.

چاليهن ڏينهن جي سامونڊي سفر کان پوءِ هڪ ڏينهن شهزادي پنهنجي اميرن سان گڏ چين ملڪ جي ڪناري سان اچي لنگر هنيو. جڏهن چين جي بادشاهه ناڏفر کي هيءَ خبر پهتي، تڏهن هن پنهنجو نمائندو موڪليو ته هنن جي اچڻ جو سبب معلوم ڪري، کيس اچي ٻڌائي.

شهزادي سيف‌الملوڪ ٻڌايو ته آءٌ گلستان ارن شهر جي تلاش ۾ نڪتو آهيان. جڏهن شهزادي جو مقصد چين جي بادشاهه کي ٻڌايو ويو، تڏهن شهزادي سيف‌الملوڪ جو وڏو آدرياهه ڪيو ۽ سندس مقصد جي تلاش ۾ مدد ڪرڻ جو پاڻان وعدو ڪيو. پوءِ گلستان ارن شهر متعلق معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ سڀ ذريعا استعمال ڪيا ويا. هر طرف ماڻهو

ڊوڙايا ويا ۽ ملڪ جي سڀني وڏيءَ عمر وارن ماڻهن کان بچاءُ ڪيو ويئي. آخرڪار هي محنتون رائگان نه ويون: جين ملڪ ۽ هڪ تمام وڏي عمر وارو ماڻهو ملي ويو جنهن ٻڌايو ته نديءَ ۽ ڪيس ٻڌايو ويو هو ته گلستان ارن جي ولايت، اسان جي ملڪ کان هڪ مهيني جي سفر جي دوريءَ تي آهي.

هي خبر ٻڌي، شهزادي سيف الملوڪ، جين جي بادشاهه جو شڪريو بجاءِ آندو ٻڌايل طرف وڃڻ لاءِ پنهنجي جهازن جا سڙهه سنوان ڪيا. جڏهن هي سفر ختم ٿيڻ وارو هو ته ان وقت هڪ اهڙو سخت طوفان لڳو جو شهزادي جا سمورا ٻيڙا پڇي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويا ۽ سندس ساڻي ٻڌي مري ويا. ۽ شهزادو پاڻ وڏي تڪليف ڪانپوءِ فقط ٻن ڇڻن ساڻين سان هڪ ٻيڙيءَ ۽ سوار ٿي ڪناري تي پهچڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

ٽن ڏينهن ۽ راتين جي رولاڪي ۽ هنن ڪي ڪو ماڻهو ڇيٽو نظر نه آيو. آخر چوٿين ڏينهن هنن ڪي پري ڪان هڪ ڪوٽ نظر آيو، جنهن طرف هلڻ لڳا. ۽ پوءِ جلد ئي هنن جي اميد ۽ خوشي، مايوسي ۽ غم ۾ تبديل ٿي ويئي. هنن ڏٺو ته ان ڪوٽ جا رهاڪو آدم خور ۽ راکاس آهن. چند منٽن ۾، هنن کي پڪڑيو ويو ۽ آدمخورن جي بادشاهه جي اڳيان آندو ويو.

چوندا آهن ته "مارڻ واري کان جيارڻ وارو ويجهو آهي." قدرت الله جي اهڙي ٿي جو آٿي جي بادشاهه جيڻن ٿي هنن انسانن کي کائڻ جي ڪوشش ڪئي، تيڻن سندس ڏيڻ ارٻال کيس انهيءَ ارادي کان روڪڻ جو سبب ٻڌي. دراصل هو سيف الملوڪ کي ڏسندي ئي پنهنجي دل وڃائي ويٺي هئي ۽ دل جي محبت کيس شهزادي جي حفاظت تي مجبور ڪيو. ارٻال، شهزادي ۽ سندس ساڻين جي سلامتيءَ لاءِ پيءُ

کي وينتي ڪئي، جنهن پهريائين تہ انڪار ڪيو، پر پوءِ آخر ڏيءَ جي منٿن کي مڃيو ٻيس.

بادشاهہ، پنهنجي ڏيءَ جي دل جي ڪيفيت معلوم ڪري ورتي هئي، تنهنڪري حڪم ڪيائين تہ: "شهزادي کي آزاد ڪيو وڃي، ۽ جو تہ ڪيس شهزادي‌ءَ ارہال سان شادي ڪرائي ويندي."

هي خبر ٻڌي، شهزادو ڏاڍو پڇجي ويو ڇاڪاڻ تہ ارہال جيتوڻيڪ توڙي جو جواني‌ءَ جي قوهہ ۾ هئي، ليڪن حد درجي جي بدشڪل هئي، سندس منهن مسجد جي گنبذ جيڏو وڏو هو، سندس آواز ڪتي جي ڀؤنڪڻ جهڙو هو، ساري جسم تي وڏا وار هئس، ڪن ڪڻ جي ڪوندين جيڏا هئس، هيئيون چپ آڪ جي چپ وانگر لڙڪيل هوس ۽ سندس ڪل اڳرن جهڙي ڪاري هئي. ارہال پهرئين رات شهزادي کي پاڻ وٽ گهرايو، ليڪن شهزادي جي هن جي ويجهو وڃڻ تي دل نہ ٻڌي. سيف الملوڪ جي انڪار ارہال کي ڏاڍو ڪاوڙايو، جنهن آخر ڪيس توڙي سندس ساٿين کي زنجيرن ۾ جڪڙايو. مطلب تہ هاڻ سيف الملوڪ ۽ سندس ساٿي، قيد خاني ۾ بادشاهہ جو انتظار ڪندا رهيا تہ ڪڏهن ٿو ڪين ڪائي ڪپائي، ناس ڪري.

شهزادي پنهنجي ساٿين کي ايندڙ مصيبت کان آگاهہ ڪيو، جن موت کان بچڻ لاءِ ترڪيبون سڌڻ شروع ڪيون. هڪڙي ڏينهن وڇهہ وڻي، زنجير ٽوڙي، ٻيڙي هٿ ڪري، سمنڊ ۾ لنگهي ٻيا. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ هي سيئي هڪ ننڍڙي ٻيٽ تي اچي لٿا، جيڪو ميوي جي وڻن سان ڀريو پيو هو. انهن ميون جي خوشبوءِ عجيب هئي. مسافرن کي بک بہ ڏاڍي هئي، تنهنڪري ميوو جام ڪاڏائون. پر قدرت خدا جي جو هڪ مصيبت مان نڪتا، تہ وري ٻيءَ ۾ وڃي ڦاٿا،

اهو ميوو زهر وارو هو جنهنکري ان رات سيف الملوڪ کان سواءِ ٻيا سڀ اتي جو اتي ڦٽڪي مري ويا.

سيف الملوڪ، جنهن ٻين کان نسبتاً ٿورو ڪاڏو هو، سو مرڻ کان بچي ويو، ليکن سخت بيمار ٿي پيو. آهستي آهستي ان بيماريءَ مان چڙهيو. ٿورن ڏينهن ڪانپوءِ جان ۾ طاقت واپس آيس ۽ پنهنجي مٿل سنگتين کي دفن ڪيائين. ان کان پوءِ، سيف الملوڪ ٻيٽ کي جاچڻ لڳو. اوچتو هن پنهنجي ٻڌيان ڪنهن پکيءَ جي ٻرن جو آواز ٻڌو ۽ جيسين پاڻ ڀچي وڃي ڪٽي پنهنجو پاڻ ليڪائي، هڪ گرڙ پکي هن کي چنبن ۾ آڏائي ڪٽي ويو ۽ وڃي پنهنجي ٻچن جي ڪاڏي لاءِ ڪيس پنهنجي آڪيري ۾ ڇڏيائين.

هينئر سيف الملوڪ پنهنجي ٻچن جي اميد بلڪل لاهي ويٺو ۽ پاڻ کي الله جي حوالي ڪري ڇڏيائين. عين ان وقت سيف الملوڪ هيٺ ڏٺو تہ هڪڙو وڏو نانگ ان وٽ تي چڙهي رهيو آهي، جنهن تي اهو آڪيرو هو. شڪار جي خوشيءَ ۾، گرڙپکي واسينگ نانگ جي چر پر کان بلڪل غير واقف ويٺو رهيو ۽ پنهنجي ظالم چهنب سان سيف الملوڪ کي ڦاڙڻ وارو ٿي هو تہ پاڻ واسينگ نانگ جي ور چڙهي ويو. گرڙ پکي گهٽو ئي دانهون ڪيون ۽ پاڻ ڇوڙيو پر واسينگ نانگ کان جند نہ ڇڏائي سگهيو. نانگ وڏو طاقتور ٻئي ڏٺو، تنهن پنهنجي ڊگهي جسم سان گرڙ پکيءَ کي جهٽ ڏيئي ڪٽي قابو ڪيو. سيف الملوڪ بيوس بت ٻٽيو ويٺو رهيو ۽ گرڙ پکيءَ جي هڏن جي ڀچڻ جو آواز ٻڌي رهيو هو. ان ڪانپوءِ واسينگ نانگ، گرڙ پکي کي کائي ختم ڪري هيٺ لهي ويو.

نانگ جي لهڻ کان پوءِ ۾ ڪافي دير تائين شهزادي تي خوف طاري هيو. ليکن جان سڀ کنهن کي پياري آهي.

ڪجهه وقت کان پوءِ جڏهن شهزادي جي نظر کان نانگ غائب ٿي ويو، تڏهن هيءَ هيٺ لٿو ۽ هڪ طرف منهن ڪري وٺي ويڳو. آخرڪار پڇندي پڇندي شهزاد و ٺڪجي پيو ۽ پنهنجي سامهون هڪ وڏو محلات ڏٺائين. ان محلات جي ڪليل دروازي وٽ، شهزادي هڪ ستل شينهن ڏٺو. سيف‌الملوڪ پنهنجي تيز تلوار، ستل شينهن جي پيٽ ۾ لنگهائي وڌي. ان کان پوءِ، اُن مُئل شينهن کي اورانگهي، محلات ۾ اندر داخل ٿيو. اندر اچي، شهزاد و ڻ سينگاريل ڪمرن ۾ پهتو، جن ۾ عجيب و غريب زيورات ۽ پيو سامان پيو هو. شهزادي چوٽين ڪمري ۾ هڪ نهايت قيمتي تخت ڏٺو، جيڪو هيرن ۽ موتين سان پريل هو ۽ ان ۾ هڪ حسين نوجوان عورت ننڊ ۾ سمهي پيئي هئي. جڏهن شهزاد و ويجهو ويو، تڏهن ڏٺائين ته اها نوجوان عورت ساڳي اها حسين جميل چوڪري هئي، جنهن کي چوغي کولڻ وقت ڏسي، مٿس موهت ٿي پيو هو. پنهنجي محبوب کي ڏسي، شهزادو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ جرئت ڪري، پرسان وڃي انهيءَ ننڊ ۾ سهڻيءَ صورت کي هڪ چمي ڏنائين. ان تي اها نوجوان حسين چوڪري جاڳي پئي ۽ ٿورو مشڪي چوڻ لڳي ته: "اي نوجوان، تون ڪير آهين؟ توکي ايتري جرئت ڪيڻ ٿي، جو ديوَن جي ملڪ ۾ لنگهي آيو آهين؟"

شهزادي هڪدم پنهنجو ڪنڈ ڏوٽيو ۽ نهايت پيار ۽ پاڻهه مان ورندي ڏنائين ته: منهنجو داستان بيان ڪرڻ ڪان گهڻو ڏکو آهي، پر في‌الحال ته تون مون کي ٻڌاءِ ته تون ڪير آهين؟ ۽ هيتري سج چڙهي اڃ ڪان پوءِ ۾ تون هن وقت تائين چو ستي پئي آهين؟"

خوبصورت چوڪريءَ جواب ۾ چيو ته: "منهنجو نالو ملڪان آهي ۽ مان هڪ بادشاهه جي ڌيءَ آهيان. هڪڙي ڏينهن مان پنهنجي سهيلين سان گڏ جي، پنهنجي بيءَ جي باغ ۾

گهمڻ ويس ۾ آڻي تلاءَ ۽ گهڙي وڃنس. ان وقت اوچتو اهڙي تيز هوا لڳي، جنهن مون کي ان تلاءَ جي ڪناري تان کڻي هن ٻيٽ تي آڻي ڇڏيو. مون جڏهن زمين تي پير رکيو ۽ اک ٻٽي نهاريو تہ پاڻ کي هن محلات جي سامهون بيٺل ڏٺم. هن محلات ۾ هن ٻيٽ جو ديو بادشاهہ رهي ٿو. پوءِ گهڙي پلڪ گذرندي منهنجي اکين اهو ديو آيو، جنهن سان گڏ ٻيا ٻہ ڪيترائي ديو هئا. هي ديو هڪدم مون کي چوڻ لڳو تہ: "مان توکي هتي انهيءَ لاءِ کڻي آيو آهيان، جو آءٌ توتي عاشق آهيان ۽ هاڻي مون سان ناراض ٿيڻ يا مخالفت ڪرڻ بيسود آهي، چوتہ تنهنجو هتي کو واهرو ڪونهي، تنهنجو ملڪ هتان ايترو دور آهي جو اتان جو ماڻهو تہ ڇا، پر ڪو جانور ۽ پکي بہ هتي نٿو پهچي سگهي. ان کان پوءِ مون کي وڻي اچي هن تخت تي وهاريائين، جتي ويهڻ سان هڪدم ننڊ وڻيو ٿي وڃي. هاڻي هر صبح جو هو هتي اچي مون کي اڻاريندو آهي ۽ کاڏو کارائيندو آهي ۽ مون سان ڪالهائيندو آهي، ان کان پوءِ هو ٻين ديوَن سان گڏ جي ٻاهر هليو ويندو آهي ۽ مون کي ننڊ وڻي ويندي آهي. وري ٻئي ڏينهن صبح جو هو موٽندو آهي ۽ اچي مون کي اڻاريندو آهي، مان تيستائين ننڊ پٽي هوندي آهيان. اهڙيءَ طرح سان مون هتي مهيني کان بہ زياده وقت گذاريو آهي. منهنجو اهو احوال آهي جو توکي ٻڌايم، هاڻي تون مون کي ٻڌاءِ تہ ڪير آهين؟ ڪٿان آيو آهين؟ بيان ڪرڻ لاءِ وقت گهٽو آهي، ڪالهہ ڪيڏي بہ دڳهي هجي، تون ٻڌائي سگهين ٿو ۽ مان ٻڌي سگهان ٿي. ديوَ سياڻي صبح کان اڳ هتي کين ايندو."

شهزادي سيف الملوڪ، بديع الجمال کي ڳولڻ، رستي ۾ تڪليفن ۽ دشوارين سان منهن ڏيڻ جو بيان ۽ پيءُ کان الڳ ٿيڻ واري وقت کان وٺي ان وقت تائين، جيڪي ڪجهہ

ساڻس وهيو واپريو هو، سو داستان بيان ڪري ٻڌايو. شهزادي ملڪان اهو احوال ٻڌي ڏاڍو خوش ٿي تہ شهزاد و سيف‌الملوڪ سندس پيڻ بديع‌الجمال تي عاشق آهي ۽ ان جي ٿي ڳولا ۾ نڪتو آهي. پوءِ ڪيس چوڻ لڳي تہ "هوءَ تہ منهنجي پيڻ آهي ۽ جيڪڏهن تون مون کي هن نفرت جهڙي ديو کان آزاد ڪندين تہ منهنجا والدين بديع‌الجمال جو سڳ توکي وڏي خوشيءَ سان ڏيندا."

شهزادو ۽ شهزادي ملڪان آها ساري رات پاڻ ۾ ڪالهيون ڪندا رهيا ۽ شهزاديءَ جي آزاديءَ لاءِ راهون سوچيندا رهيا. آخر شهزادي سيف‌الملوڪ کي هڪ ترڪيب سُجهي آئي. هن چيو تہ "تون اڪيلي ڪري ديوَ بادشاهہ کان اهو ڄاڻڻ ڪنهن طرح معلوم ڪر تہ هو پنهنجو ساهہ ڪٿي رکي ٿو، چو تہ ديوَ ان‌کان وانگر پنهنجو ساهہ پنهنجي جسم ۾ ڪونہ رکندا آهن. تون جيڪڏهن مون کي ان جڳهہ متعلق صحيح معلومات هٿ ڪري ڏيندينءَ تہ مان هن جو آسانيءَ سان خاتمو آڻي سگهان ٿو."

شهزاديءَ اها صلاح قبول ڪئي ۽ پوءِ آسمان ڏانهن نهاريندي شهزاديءَ چيو تہ "منهنجا پياڻ! اوپر طرف پيلاڻ شروع ٿي رهي آهي ۽ ٿوري وقت کان پوءِ ديوُ اچي ويندو، تنهنڪري هينئر تون هليو وڃ ۽ وري شام جو اچجانءِ."

شهزادي موڪلايو ۽ شهزاديءَ کي ننڊ وڻي وئي.

شهزادو شام جو موٽي آيو ۽ ساڻس نموني شهزاديءَ کي سونهري تخت تي سمهيل ڏٺائين. هن، شهزاديءَ جي ڳل تي چُمي ڏني ۽ شهزادي جاڳي پيئي. سيف‌الملوڪ کي واپس ڏسي، شهزادي خوشيءَ ۾ ڪانہ پئي ماپي ۽ چوڻ لڳي تہ: "مون اها جڳهہ معلوم ڪري ورتي آهي، جتي ديو پنهنجو ساهہ لڪايو آهي. پهريائين تہ منهنجي پيڻ تي ديوُ ڪاوڙ ۾ ڪاڙهو ٿي ويو، پر پوءِ جڏهن مون نرمي اختيار ڪئي ۽

ڪيس ڏاڍ جي ڪوشش ڪيم ۽ چاپلوسي ڪرڻ لڳيس، تڏهن هو راضي ٿيو ۽ ٻڌايائين ته سندس ساهه هڪ پيٽ ۾ بند آهي، جا هڪ وڻ جي پاڙ ۾ پوريل آهي ۽ وڻ درياءَ جي ڪاپي ڪناري تي آهي. پر افسوس اهو آهي ته هن ائين به چيو ته جنهن وٽ حضرت سليمان جي مُندي هوندي، ان کان سواءِ ٻئي ڪنهن ۾ ساهه واري ڪي آها پيتي نه ملي سگهندي. هاڻي مون کي ته مايوسي آهي ته تون آها پيتي ڪيئن ڪولي سگهندين؟"

اهو ٻڌي شهزادي چيو ته: "مون وٽ حضرت سليمان جي مُندي موجود آهي، تون ڪوبه خيال نه ڪر." ان کان پوءِ شهزاديءَ کي مُندڙيءَ جي هٽ اچڻ جو سمورو احوال بيان ڪري ٻڌايائين. اُن کان پوءِ شهزادو تيزيءَ سان محلات کان ٻاهر نڪري ويو ۽ سڌو وڃي اُن وڻ هيٺان آها پيتي کڻي ڪڍيائين، جنهن ۾ هڪ ڪيرو ويٺو هو ۽ ڪجهه قيمتي پٿر پيا هٿاءِ ڪيري کي ڏسي، شهزادو سمجهي ويو ته ان ۾ ڪي ديوَ جي جان هوندي. سو ڪَپُ کڻي، ان کي اتي جو اتي پورو ڪيائين. ان کان پوءِ قيمتي پٿر پاڻ سان کڻي، ڊوڙي اچي محلات ۾ شهزاديءَ کي سربستو احوال ڪيائين ۽ هڪدم شهزاديءَ کي پاڻ سان وٺي، درياءَ ۾ ديوَ جي بيڙي ۾ سوار ٿي، روانو ٿيو.

رستي ۾ بي انداز ڏاڪڻ ڏسڻ کان پوءِ، شهزادو سيف الملوڪ، شهزاديءَ سميت ٻنهنجي بيڙي کي گلستان ارن جي ڪناري تي اچي پهچايو. شهزاديءَ کي بيڙيءَ ۾ چڏي، پاڻ هيٺ لهي آيو ۽ واءَ سواءَ لهڻ لڳو. اوچتو سندس نظر وڃي هڪ ماڻهوءَ تي ٻيٺي، ان کان اتي هجڻ جو سبب پڇيائين. هن جواب ڏنس ته ڇهه مهينا ٿيندا جو هتان جي بادشاهه جي ڏيءَ ملڪان، کي هڪ واڇوڙو ڪٽي ويو هو ۽ هو پين ڪيترن ماڻهن وانگر ان جي تلاش ۾ آهي.

جي آمد جو بادشاهه هاشم ۽ وزير صالح کي پتو پيو، تڏهن بيحد خوشي ٿين. نهايت وڏي پيماني تي هنن جو خيرمقدم ڪيو ويو، سمورو گڏ ڪيل خزانو غريبن ۽ محتاجن ۾ ورهايو ويو ۽ هڪ سال جون ڏلون پڻ معاف ڪيون ويون. ان کان پوءِ شهزادو ۽ سندس وفادار ساڻي، پنهنجي ڪنوارين سان حياتيءَ جا باقي ڏينهن عيش، خوشي ۽ آرام سان گذاريا.

کيس ٹارڻ جي کوشش ڪيم ۽ چاپلوسي ڪرڻ لڳيس، تڏهن هو راضي ٿيو ۽ ٻڌايائين ته سندس ساهه هڪ پيٽ ۾ بند آهي، جا هڪ وڻ جي ٻاڙ ۾ پوريل آهي ۽ وڻ درياءَ جي ڪناري تي آهي. پر افسوس اهو آهي ته هن ائين به چيو ته جنهن وٽ حضرت سليمان جي مُندي هوندي، ان کان سواءِ ٻئي ڪنهن ۾ ساهه واري ڪي آها پيتي نه ملي سگهندي. هاڻي مون کي ته مايوسي آهي ته تون آها پيتي ڪيئن ڪولي سگهندين؟"

اهو ٻڌي شهزادي چيو ته: "مون وٽ حضرت سليمان جي مُندي موجود آهي، تون کوبه خيال نه ڪر." ان کان پوءِ شهزاديءَ کي مُندِيءَ جي هٽ اچڻ جو سمورو احوال بيان ڪري ٻڌايائين. ان کان پوءِ شهزادو تيزيءَ سان محلات کان ٻاهر نڪري ويو ۽ سڌو وڃي ان وڻ هيٺان آها پيتي ڪڍيائين، جنهن ۾ هڪ ڪيرو ويٺو هو ۽ ڪجهه قيمتي پٿر پيا هٿ ڪيري کي ڏسي، شهزادو سمجهي ويو ته ان ۾ ٿي ديوَ جي جان هوندي. سو ڪتبُ ڪڍي، ان کي اتي جو اتي پورو ڪيائين. ان کان پوءِ قيمتي پٿر پاڻ سان کڻي، ٻوڙي اچي محلات ۾ شهزاديءَ کي سربستو احوال ڪيائين ۽ هڪدم شهزاديءَ کي پاڻ سان وٺي، درياءَ ۾ ديوَ جي بيٺل ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي، روانو ٿيو.

رستي ۾ ٻي انداز ڏکڻ ڏاکڙن ڏسڻ کان پوءِ، شهزادو سيف الملوک، شهزاديءَ سميت پنهنجي ٻيڙي کي گلستان ارن جي ڪناري تي اچي پهچايو. شهزاديءَ کي ٻيڙيءَ ۾ چڏي، پاڻ هيٺ لهي آيو ۽ واءَ سواءَ لهڻ لڳو. اوچتو سندس نظر وڃي هڪ ماڻهوءَ تي ٿيٽي، ان کان اتي هجڻ جو سبب پڇيائين. هن جواب ڏنس ته ڇهه مهينا ٿيندا جو هتان جي بادشاهه جي ڏيڻ ملکان، کي هڪ واڇوڙو ڪٽي ويو هو ۽ هو پن ڪيترن ماڻهن وانگر ان جي تلاش ۾ آهي.

شهزادو اها حقيقت ٻڌي، خاموش رهيو ۽ جلدئي ملکان وٽ موڪي آيو ۽ اڇي کيس سمورو قصو سڀايائين. شهزاديءَ خوشيءَ وچان رڙ ڪري چيو تہ: "پروردگار جا لک احسان آهن! هيءَ ملڪ منهنجو ملڪ ٿو ڏسجي. هاڻي جلدي ڪر تہ هلي ڪنهن پرواري ڪوٽ سان بابي متعلق ڪا خبر چار معلوم ڪريون."

ائين چئي، شهزادي ملکان، ٻيڙيءَ سان هيٺ لٿي ۽ شهزادي سيف‌الملوڪ سان گڏجي پنڌ پيئي. ٿوري پنڌ ڪرڻ کان پوءِ، هڪ شهر ۾ اچي پهتا، جتي سنڌس پيءُ جي پاران هڪ نواب مقرر ڪيل هو. هنن، شهر ۾ داخل ٿي، نواب سان ملڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. ليڪن سندن ڪپڙا ايترو تہ ڦاٽل هٿا ۽ سندن ظاهري حالت ايتري تہ ڪريل هئي، جو هنن کي نواب سان ملاقات ڪرائڻ لاءِ ڪوبہ ماڻهو تيار نہ ٿيو. دنيا بہ عجيب شيءِ آهي. ماڻهو فقط ڪنهن جي ظاهري جوڙجڪ ۽ هار سينگار ڏسن ٿا ۽ ان جي لکل خصوصيتن معلوم ڪرڻ جي تڪليف ڪوبہ نٿو ڪري. ماڻهن جي هن هلت تي شهزادي سيف‌الملوڪ کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي، پر ڪري بہ ڇا ٿي سگهيو؟ پوءِ شهزادي ملکان، هڪ ڪاغذ تي هي الفاظ لکي، نواب ڏانهن موڪليا:

"اڏندڙ پکيءَ وانگر، آءٌ هڪ عجيب ملڪ کان پنهنجي مُلڪ ۾ واپس آئي آهيان، ليڪن دل غمگين آهي."

شهر جي نواب ٻيءَ ڇڻي ڪولي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر مفهوم سمجهي ڪين سگهيو. تنهن هوندي بہ نوڪرن کي شهزادي کي اندر آڻڻ جو حڪم ڏنائين. شهزادو سيف‌الملوڪ اندر آيو ۽ نواب کانئس حال احوال پڇيو. شهزادي جواب ۾ عرض ڪيو تہ هو پاڻ هڪ بادشاهہ جو پٽ آهي، ليڪن سفر جي تڪليفن ۽ غير رواجي حادثن کيس فقير بڻائي ڇڏيو

آهي. نواب، هن جي سونهن ۽ منهن مهانڊي سان اندازو لڳايو ته هن جي بيان ۾ واقعي صداقت آهي. نواب جي زور ڀرڻ تي، شهزادي سيف‌الملوڪ پنهنجي سفر جو سمورو قصو ٻڌايو ۽ آخر ۾ چيو ته مون توهان جي بادشاهه جي وڃايل ڏيءَ ڀاڻ سان آندي آهي.

هيءَ خبر ٻڌي، نواب خوشيءَ ۾ مدهوش ٿي ويو، چو ته هو بادشاهه جو عزيز پٽ هو. پوءِ ته نواب حڪم ڪيو ته شهزاديءَ ملڪان کي هڪدم پالکيءَ ۾ ويهاري، عزت ۽ احترام سان محلات ۾ آندو وڃي. ان کان پوءِ انهي خوشيءَ جي موقعي ملهائڻ جا پروگرام رٿجي ويا ۽ ڪيترا ڏينهن شهزاديءَ جي واپسيءَ تي خوشين جا شادمانا ٿيندا رهيا.

آخر هڪ ڏينهن نواب، شهزادي سيف‌الملوڪ جي دعوت ۾ شڪار جو پروگرام رکيو. ان سلسلي ۾ شهزادو سڄو ڏينهن جهنگ ۾، شڪار ۾ مصروف رهيو. واپسيءَ وقت سيف‌الملوڪ هڪ ماڻهوءَ کي ڪائيون ميڙيندي ڏٺو، جنهن جي شڪل سندس پراڻي دوست صياد سان ڪافي ٺهڪي پئي آئي. اهو ماڻهو ايترو ڪمزور ۽ پريشان پئي ڏٺو، جو شهزادي کي يقين ئي نه پئي ٿيو ته ڪو هيءَ صياد هوندو. تنهنڪري نوڪرن کي ان ماڻهوءَ کي آڻڻ لاءِ حڪم ڏنائين. نوڪرن وري ائين سمجهيو ته شايد شڪار ڪرڻ وقت ان ماڻهوءَ شهزادي کي شڪايت جو موقعو ڏنو آهي ۽ سزا ڏيڻ لاءِ کيس پاڻ وٽ گهرائي ٿو، تنهنڪري ان سان شوخيءَ سان پيش آيا ۽ ساڻس سختيءَ سان گڏ مار ڪٽ به ڪيائونس.

ان ماڻهوءَ کي جڏهن شهزادي آڏو آندو ويو، تڏهن ان کان پڇيو ويو ته: "تون ڪير آهين؟" صياد سخت پريشانيءَ جي حالت ۾، شهزادي جي پيرن تي ڪيري پيو ۽ چوڻ لڳو ته: "سائين منهنجا! منهنجو نالو صياد آهي. سچ کي به ڄاڻا آهن، ڪنهن وقت ته مان به مصر جي بادشاهه جي

وزير جو پٽ ۽ بادشاهه جي پٽ جو دوست هوس، پر اڄ زماني مون کي هن حال تي آڻي پهچايو آهي." هي احوال ٻڌي، شهزادي کي يقين ٿيو ته سندس پراڻو ساڻي آهي ۽ خوشيءَ وچان هن کي ٻاکر ٻاڌي مليو ۽ کيس پنهنجي قصي ٻڌائڻ لاءِ چيائينس.

ٻئي وڇڙيل دوست ٻاڻ ۾ مليا ۽ پراڻيون يادگيريون سندن دلين تي تري آيون. شهزادي جي زور ڀرڻ تي، صياد پنهنجو قصو هن طرح شروع ڪيو: "طوفان ۾ اسان جو جهاز ڦاٽي ٻيو. ان کان پوءِ هرڪو پنهنجي جان بچائڻ ۾ لڳي ويو. مون کي ٻ، هڪ ڪاٺ جو تختو هٿ اچي ويو، جنهن جي آڌار تي چولين ۽ موجن سان مقابلو ڪندو رهيس. گهڻي ڪشمڪش کان پوءِ ان تختي وڃي مون کي ڪناري تي ڇڏيو. اتان مون کي آدمخورن پڪڙيو ۽ کائڻ چاهيو، ليڪن بعد ۾ هنن اهو فيصلو ڪيو ته مون کي ڪارائي ٽلهو متارو ڪري پنهنجي بادشاهه کي سوڪڙيءَ طور ڏين. ان کان پوءِ مون کي ڪيترا ڏينهن خوب کارايو ويو ۽ جڏهن آدمخورن ڏٺو ته هاڻي بادشاهه کي بيش ڪرڻ جهڙو ٿيو آهي، تڏهن پنهنجي بادشاهه ڏانهن وڻي هليا. خوشنصيبيءَ جي ڳالهه، اهڙي ٿي جو هي آدمخور مون کي درياءَ جي ڪناري سان وڻي هلڻ لڳا. مون موقعي کي غنيمت ڄاڻندي، درياءَ ۾ ٽهو ڏنو. آدمخور تمرڻ کونه ڄاڻندا هئا. سو پنهنجو ٻاڻ تي افسوس ڪندا ڏسندا رهيا ۽ مان تري وڃي درياءَ جي ٻئي ڪناري تي پهتس. ان کان پوءِ مان سر بچائڻ لاءِ پنڊ پيس ته اچي هن ملڪ ۾ نڪتس. ٻيو ڪو ذريعو نه ڏسي، پنهنجي ٻيٽ پالڻ لاءِ ڪائين جي مزوري کي، پنهنجو پيشو بڻايم. هينئر ڪائيون ڪري شهر ۾ وڪڻندو آهيان ۽ انهن پئسن مان پنهنجو روزگار ڪندو آهيان."

ان کان پوءِ، شهزادي پنهنجي تڪليفن ۽ سفر جي سُورن جو بيان ڪيو ۽ هڪ دفعو وري هڪٻئي کي ڀاڪر پاتائون ۽ الله جا شڪرانا بجاءِ آندائون، جنهن معجزي سان ٻنهي دوستن کي بچايو ۽ صحيح سلامت پاڻ ۾ ملايو.

ان وچ ۾، شهزادي ملڪان جي ماءُ پنهنجي نوڪر ياٽين سان ان شهر ۾ اچي نڪتي. دراصل ملڪان جي واپسيءَ واري خبر هرهنڌ پهچي چڪي هئي ۽ شهزاديءَ جي ماءُ کي جدائيءَ ۾ هڪ ڏينهن به وڏيڪ گهاڻ مشڪل نظر آيو ۽ هڪدم خبر ٻڌڻ سان پنهنجي ڏيءَ کي ملڻ لاءِ اچي سهڙي. ڏيءَ کان شهزادي سيف‌الملوڪ جي بهادريءَ ۽ جرئت جون ڳالهيون معلوم ڪري، ملڪان جي ماءُ پنهنجي سموري اڻالي سان شهزادي سيف‌الملوڪ کي ڏسڻ جي لاءِ آئي. شهزادي جنهن وقت پنهنجي دوست صياد کي پنهنجو سفرنامو ٻڌائي ختم ڪيو تہ ان وقت شهزادي ملڪان جي ماءُ پنهنجي ساهڙين سان سندس رهائش‌گاهہ تي اچي نڪتي. شهزادي سيف‌الملوڪ جي سونهن سوڀيا ڏسي، شهزادي ملڪان جي ٻيڻ شهزادي بديع الجمال مٿس موهت ٿي ٻيٺي. هيءَ اها ساڳي پري هئي، جنهن شهزادي سيف‌الملوڪ جي دل ڀهرئين ٿي ديدار ۾ ڪسي ورتي هئي ۽ جنهن لاءِ هن ايڏا ڏک ڏاکڙا ۽ مصيبتون پوڳيون هيون.

پنهنجيءَ دل جي اهڙي بيوس حالت هوندي ۾ شهزادي بديع الجمال آتي ڪجهہ ۾ ڪين ڪڇيو، ليڪن رات جو "سڪ سمهڻ نہ ڏئي، تنهنجي آهي تات" واريءَ چوٽي مطابق شهزاديءَ کي آرام ڪين آيو، آخر سيني کي ستل ڏسي، خاموشيءَ سان شهزادي سيف‌الملوڪ جي ڪمري ۾ داخل ٿي. آتي ڪمري ۾ سُتل شهزادي جي ڳل تي منهن رکي چُمي ڏنائين، جنهن تي شهزادو جاڳي ٻيو. سيف‌الملوڪ، بديع الجمال کي ڏسندي ئي خوشيءَ ۾ ڀرجي ويو ۽ ڪيس ٻڌا ڀاڪر پاتائين ۽ ڇاهہ مان چُميون ڏنائين. ٿورو ڳالهائڻ ٻولهائڻ کان پوءِ،

بديع الجمال چوڻ لڳي تہ: "مون کي اها ڪالهہ وڏي ڪٽيءَ ۽ وڃي ٿي تہ مان پري آهيان ۽ تون انسان آهين. مان هن ملڪ جي رهاڪو ۽ تنهنجو وطن دور. مون کي خطرو اهو آهي تہ شاديءَ کان پوءِ ڪٽي تون وطن جي وڇوڙي کان مجبور ٿي، مون کي جدائيءَ جو داغ نہ ڏين." اها ڪالهہ ٻڌي، شهزادي سيف الملوڪ وعدو ڪيو تہ مان توکي ڪڏهن بہ کين ڇڏي ويندس. آخر شهزادي جي وعدي تي شهزاديءَ کي مس مس يقين آيو.

ٻئي ڏينهن شهزادو سيف الملوڪ ۽ بديع الجمال، شهزادي ملڪان ۽ شهر جي نواب سان مليا ۽ پنهنجي شاديءَ لاءِ اجازت گهرياڻون، ليڪن نواب اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪيو. هن چيو تہ اها شادي تيستائين ناممڪن آهي جيستائين بادشاهہ شهوال اجازت ڏئي يا سندس پيڻ شهزادي سروبانو اجازت ڏئي، جيئن تہ بادشاهہ کان شهزادي سروبانو قريب هئي، تنهنڪري نواب اها رٽ ڪئي تہ ان ڏانهن خط موڪليو وڃي. آخر هڪ آفريد کي حڪم ڪيائين تہ هو اهو خط ۽ شهزادي سيف الملوڪ جي ٻانهن هن وٽ پهچائي.

نواب اها گفتگوئي مس ختم ڪئي تہ شهزادي سيف الملوڪ ٻاڻ کي آفريد جي ٻانهن ۾ محسوس ڪيو جو ڪيس هوا وانگر جبلن، جهنگن، درياڻن ۽ ميدانن مٿان اڏائيندو ڪٽي هليو ويو. انهيءَ گهڙيءَ ۾ آفريد شهزادي سيف الملوڪ کي هيٺ لاهڻ لڳو ۽ شهزادي سروبانو جي محلات جي دروازي وٽ وڃي پهاريو. پوءِ آفريد، نواب جو خط هڪ دربان جي هٿان شهزاديءَ کي پهچائڻ لاءِ ڏنو، جنهن اهو خط اندر وڃي پهچايو. خط پڙهڻ شرط شهزاديءَ سيف الملوڪ کي اندر گهرايو ۽ سندس پرلطف ۽ عجيب سفر جو بيان ٻڌو. آخر ۾ شهزادي سيف الملوڪ جي رهائش جو محلات اندر انتظام ڪرايو ۽ هن جي لاءِ شاهاڻي نموني دعوتن جو سلسلو شروع ٿيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو، شهزادو سيف الملوڪ ٽورو پريرو هڪ ٽڏي ٻاڦ جي نلاءَ ۾ غسل ڪرڻ ويو، انهيءَ ٻاڦ ۾ گلاب جي خوشبوءَ هئي. غسل ڪرڻ کان پوءِ، شهزادي باهر نڪري ڪپڙا پهريا ۽ ڪناري تي بيٺل وڻ جي ٽڏي چانوَ هيٺ ليٽي پيو. آتي هن کي ننڊ اچي ويئي. شهزادو اڃا ننڊ ۾ ئي هو تہ مٿان هڪڙو ديوُ اڏندو آيو ۽ هن کي چنبن ۾ کڻي پنهنجي ولايت ڏانهن روانو ٿيو. شهزادي کي ديون جي بادشاهہ وٽ آندو ويو، جنهن کي ٻڌايو ويو تہ هيءُ اهو ماڻهو آهي، جنهن شهزادي ملڪان کي قبضي ۾ رکندڙ ديو کي ماريو هو. هيءَ خبر ٻڌي، ديون جي بادشاهہ کي ڏاڍو غصو آيو ۽ حڪم ڪيائين تہ شهزادي کي زنجيرن ۾ جڪڙي اونهي غار ۾ رکيو وڃي. هوڏانهن شهزادي سرو بانو، شهزادي سيف الملوڪ جو انتظار ڪندي رهي، ليڪن جڏهن هو ڪافي ديـر تائين بہ نہ موٽيو، تڏهن ان جي تلاش ۾ آفريد موڪلياٿين، جنهن پوري ڪائنات ۾ شهزادي جي تلاش ڪئي ۽ آخر شهزادي جي ديون جي قبضي ۾ اچڻ جي حقيقت شهزاديءَ کي ڏني.

ان کان پوءِ، شهزادي سرو بانو، آفريد کي حڪم ڪيو تہ مون کي اڏائي پرين جي بادشاهہ شهوال وٽ پهچاءِ. جوڻ جي دير هئي، گهڙيءَ ۾ شهزادي، بادشاهہ شهوال جي دربار ۾ اچي لٿي ۽ شهزادي سيف الملوڪ جي سفر جو احوال، سندس ڏيءَ ملڪان کي آزاد ڪرائڻ جو بيان، بديع الجمال تي عاشق ٿيڻ جي حقيقت ۽ سندس باغ مان شهزادي کي ديو جي کڻي وڃڻ جو قصو سربستو ڪري ٻڌايو.

بادشاهہ شهوال، ديون سان جنگ ڪاڻ ٿي ڪرڻ گهري، چوتہ ديون ۽ پرين جا تعلقات دوستاڻا هئا ۽ سندن درميان ڪابہ دشمني ڪاڻ هئي ۽ وڏي ڪالهہ اها هئي تہ بادشاهہ سيف الملوڪ کي ڏٺو بہ ڪونہ هو، رڳو ان متعلق ڪالهيون

پڌيون هئائين. ليڪن بادشاهه جي ان روش تي شهزادي سيرو بانوءَ کي ڏاڍي چڙ آئي، جنهن گهٽوئي بادشاهه کي جوش ڏيارڻ جي کوشش ڪئي، پر کو فائدو کونہ ٿيو. ان کان پوءِ شهزاديءَ آفريد کي حڪم ڪيو تہ تون شهزادي بديع الجمال کي آڏائي هتي ڪٽي اڃ. شهزاديءَ جي اڃڻ تي سيرو بانو ۽ بديع الجمال ٻنهي گڏجي، بادشاهه کي قدم ڪٽڻ لاءِ منٽون ڪيون.

پهريائين تہ بادشاهه شهوال ٻنهي جي منٽن کي ٺڪرائي چڏيو، پر بعد ۾ جڏهن ڏٺائين تہ سندس ڏيءَ بديع الجمال جو ڪاڏو پيتو حرام آهي ۽ هوءَ شهزادي سيف الملوڪ جي جدائي برداشت نہ پئي ڪري سگهي، تڏهن مجبوراً ديون جي خلاف پرين جو لشڪر تيار ڪيائين. پريون تمام تيزيءَ سان، ديون جي ملڪ ۾ داخل ٿيون ۽ اهڙو تہ اوچتو حملو ڪيائون جو ديو ڪوبہ مقابلو ڪري نہ سگهيا، ۽ هڪدم ديون جي بادشاهه کي گرفتار ڪري بادشاهه شهوال جي حضور ۾ آندو ويو.

جڏهن ديون جي بادشاهه کي قيد ڪري، شهوال بادشاهه جي اڳيان آندو ويو، تڏهن شهوال بادشاهه، ديو کي سيف الملوڪ متعلق معلومات ڏيڻ لاءِ چيو، جنهن کان هن بلڪل ناهري واري. پر پوءِ جڏهن بادشاهه شهوال جوش ۾ ديو جي سير ڪڻ جو حڪم ڏنو، تڏهن ديو، شهوال کي ان قيدخاني ڏانهن وٺي هليو جنهن جي هڪ غار ۾، سيف الملوڪ کي چار مهينا بند ۾ گذري چڪا هئا.

چوٽي آهي تہ ڏکن پٺيان سڪ آهن، تنهن جيان هاڻ سيف الملوڪ جي سکن جا ڏينهن اچي چڪا هئا. آخر سيف الملوڪ کي صحيح سلامت انهيءَ غار مان ڪڍي پرين جي ملڪ ۾ آندو ويو، ان خوشيءَ ۾ ڪيترائي ڏينهن شادمان

ٿيندا رهيا ۽ رنگين محفلون ٿيندڙون رهيون. ان کان پوءِ بَرين جي بادشاهه شهوال، شهزادي سيف الموڪ کي بديع الجمال سان پرڻايو. ڪجهه ڏينهن خوشين ۾ رهڻ کان پوءِ شهزادي سيف الملوڪ بادشاهه کي عرض ڪيو تہ: "گهڻو عرصو گذريو آهي جو آءٌ پنهنجي وطن ۽ والدين کان وڇڙيل رهيو آهيان، منهنجو ٻيءَ مصر ولايت جو بادشاهه آهي، مون کي اجازت ڏيو تہ سان بديع الجمال کي پاڻ سان ولي مصر وڃان." بادشاهه شهوال هن کي اجازت ڏني ۽ شهزاديءَ کي گهڻو خزانو ڏيئي، آفريد کي حڪم ڪيائين تہ هنن کي سلامتيءَ سان آڏائي مصر ملڪ ۾ چڏي اچ.

شهوال بادشاهه کان موڪلائي، شهزادو سيف الملوڪ ۽ پري بديع الجمال، آفريد تي چڙهي ويٺا جو هنن کي هوا ۾ کڻي اڏريو ۽ مصر ملڪ طرف هلڻ لڳو، رستي ۾ شهزادي سيف الملوڪ کي شهزادي ملڪان سان ملاقات ڪرڻ جي خواهش ٿي. آفريد گهڙيءَ پلڪ ۾ پنهي کي ملڪان جي باغ ۾ آڻي لاٿو، سيڀي هڪٻئي سان مليا ۽ شهزادي سيف الملوڪ جي خوشيءَ جي حد نہ رهي، جڏهن کيس معلوم ٿيو تہ صياد ۽ شهزادي ملڪان هڪٻئي سان پيار جي رشتي ۾ جڪڙجي چڪا آهن ۽ شادي فقط ان ڪري روڪيل هئي، جو سيف الملوڪ جي غيرموجودگيءَ ۾ سندس پرائي سائي صياد، شادي ڪرڻ پسند ڪانہ ٿي ڪئي. بس، پوءِ تہ هنن جي اچڻ سان پنهي جي شادي بنان ڪنهن دير جي ڪرائي ويئي.

شادي جي خوشين کان پوءِ، پنهي جوڙن پنهنجو پاڻ آفريد جي حوالي ڪيو، جو چئني کي ساڳيءَ سولائيءَ سان مصر ملڪ ڏانهن کڻي اڏريو. جڏهن هي سيڀي سلامت مصر ڏيهه ۾ لڌا، تڏهن معلوم ٿين تہ سندن والدين پنهنجن ٻڌن کي مٽل سمجهي، آسرو لاهي ويٺا آهن. پر پوءِ جڏهن هنن

جي آمد جو بادشاهه هاشر ۽ وزير صالح کي پتو پيو، تڏهن بيحد خوشي ٿين. نهايت وڏي پيماني تي هنن جو خيرمقدم ڪيو ويو، سمورو گڏ ڪيل خزانو غريبن ۽ محتاجن ۾ ورهايو ويو ۽ هڪ سال جون ڏلون ۾ معاف ڪيون ويون. ان کان پوءِ شهزادو ۽ سندس وفادار ساڻي، پنهنجي ڪنوارين سان حياتيءَ جا باقي ڏينهن عيش، خوشي ۽ آرام سان گذاريا.

۱۴ـ سهڻي ۽ ميهوال

ڪنهن زماني ۾، چناب درياءَ جي ڪناري تي، گجرات شهر ۾ تلّو نالي هڪ مشهور ڪنڌار رهندو هو جو ٽانون ٺاهڻ ۾ بي مثال ڪاريگر هو ۽ پنهنجي ڏندي مان گهڻي دولت ڪمائي هٿائين. هن کي ڇوڙيءَ ۾ هڪ نياڻي ڄائي، جا نهايت سهڻي ۽ سلڇڻي نينگري هئي. ڇوڪريءَ جي سونهن سوڀيا نندي کان ئي اهڙي تہ نمايان هئي جو ڀڻس مٽس نالو ئي سهڻي رکيو هو.

انهن ساڪين ڏينهن ۾، بخارا شهر ۾ مرزا نالي هڪڙو دولتمند سوداگر رهندو هو جو پٽ جي اولاد نہ هڻڻ سبب ڏاڍو غمگين گذاريندو هو. هڪ ڏينهن ڪيس ڪنهن فقير متعلق معلوم ٿيو تہ هو ڏٺيءَ جو اهڙو پيارو آهي جو بي اولادن کي اولاد ڏئي ٿو. اها خبر ٻڌي، هيءَ سوداگر ٻہ هڪلي وڃي ان فقير وٽ پهتو ۽ ڪيس ٻاڏائڻ لڳو تہ: اي سائينءَ جا سنواريا! منهنجي هيءَ هيتري گڏ ڪيل دولت کهڙي ڪم جي ٿيندي، جيڪڏهن مان بي اولاد مري ويندس." سوداگر وڏيءَ عمر جو ماڻهو هو، تنهنڪري سندس ٻاڏائڻ تي فقير کي رحم اچي ويو، ۽ هن اها خوشخبري ڏنس تہ: "تنهنجي آرزو قبول ٿي وئي، تو کي هڪ پٽ عطا ٿيندو، پر انهيءَ خطري کان ضرور خبردار رهجان، جڏهن تنهنجو پٽ ڪنهن جي عشق ۾ مبتلا ٿيندو، ۽ تو کان الڳ ٿي ويندو."

پٽ جنم جي خوشخبري ٻڌي، سوداگر ايترو تہ خوش ٿيو جو فقير جي چٽاءَ جي ڪا پرواهہ ڪانہ ڪيائين. هو بيحد خوشيءَ ۾ گهر موٽي آيو. الله جي قدرت اهڙي جو ٿورن ڏينهن ۾ سندس پيرسن زال کي پٽ ٿيو ۽ پوري

وقت تي کيس هڪ سهڻو پٽ ڄائو. جون ٽا ته سوداگر کي ٻه انهيءَ ڏينهن پٽ ڄائو، جنهن ڏينهن تي تلو ڪنڌر کي سهڻيءَ نالي بيحد حسين نينگري ڄائي هئي.

هن سوداگر پنهنجي پٽ جو نالو عزت بيگ رکيو. چوڪري جو نندپڻ کان ولي راڪ ۽ شڪار طرف گهڻو لاڙو هوندو هو ۽ جوانيءَ جي عمر تائين هڪ بي مثال گوَيو ۽ نالي وارو شڪاري ٿي ٻيو. هڪ ڏينهن هنن جي شهر ۾ هڪ هندوستاني مسافر آيو، جنهن پنهنجي ملڪ ۽ دهليءَ جي شهر جي خوشحاليءَ ۽ مغل بادشاهه، شاهه جهان جي انصاف جي ڏاڍي تعريف ٻڌي ڪئي. عزت بيگ هن جي ڳالهين کان متاثر ٿي، دهلي ڏسڻ جو پڪو ڀهه ڪيو ۽ ان لاءِ ٻيءَ کان اجازت گهرياٿين، ليڪن ٻيءَ پٽ کي موڪل ڪانه ڏني.

عزت بيگ کي دهلي ۽ مغل بادشاهه ڏسڻ جو ايڏو شوق وڏي ويو، جو هن کائن پيئڻ ۽ ننڊ ڪرڻ ڇڏي ڏني. ظاهر آهي ته پٽ جي اهڙيءَ ڏکدائڪ حالت ۾ ان ماڻهوءَ جو ڪهڙو حال ٿيندو، جنهن کي سالن کان سيکي سيکي هڪ پٽ ڄائو هجي. عزت بيگ جي هيءَ حالت سندس ٻيءَ کان ڏٺي ڪانه ٿي ۽ چوڪري جي مري وڃڻ جي خوف سببان لاچار کيس هندستان جي سفر جي اجازت ڏنائين.

ٻيءَ جي اجازت سان عزت بيگ پاڻ سان ڪيترا ٿي نوڪر ۽ ناٿو ڪٽي دهليءَ جي شهر ۾ پهتو. آني درٻانن کي چڱيون خاصيون سوڪڙيون ڏنائين، جن مغل بادشاهه، شاهجهان سان ملاقات ڪرڻ جو شرف ڏياريس. ٿوري ٿي عرصي ۾، عزت بيگ جي دل دهليءَ سان ڀائجي وئي ۽ موٽڻ جي تياري ڪيائين. هو جنهن وقت پنجاب مان لنگهي رهيو هو، ان وقت گجرات جي تلو ڪنڌر جي مشهوري ٻڌ چوٽ تي پهچي چڪي هئي. عزت بيگ خيال ڪيو ته اهڙي مشهور ڪنڌر جا ٿانوَ چونه پنهنجي ٻيءَ لاءِ سوڪڙيءَ طور خريد

ڪري ڪڍي وڃي. سو ان ارادي سان گجرات شهر ۾ اچي لٿو. اتان هڪ ڪنهر کان ٽانون خريدڻ لاءِ پنهنجو هڪ نوڪر موڪليائين، جنهن موٽي اچي عزت بيگ کي ٻڌايو تہ: "سائين، هن ڪنهر جي ٽانون جي خوبصورتي سندس ڏيءَ جي خوبصورتي جي پيٺ ۾ ڪجهہ ٻہ نہ آهي. سبحان الله! اهڙي من موهڻي صورت واري چوڪري، مون ساري جمار ڪٿي ٻہ نہ ڏٺي ۽ ٻڌي آهي. سچ پچ اهڙي بي مثال سونهن لاءِ توهان ئي مستحق آهيو."

نوڪر کان نينگريءَ جي سونهن جي واکاڻ ٻڌي، عزت بيگ حيرت ۾ پئجي ويو ۽ انهيءَ دم نوڪر ساڻ ڪري، ڪنهر جي دڪان تي چڙهي آيو. ڏسڻ سان عزت بيگ پنهنجي دل وڃائي ويٺو ۽ ان چوڪريءَ کي زياده دير تائين ڏسڻ جي مقصد سان، ٽانون جو عذر ڪندو رهيو ۽ سڀ ٽانو ڏسندو رهيو. جڏهن چوڪري ڪيس سڀ ٽانو ڏيکاري چڪي ۽ هين هڪ ٽانو ٻہ خريد نہ ڪيو، تڏهن سهڻيءَ ڪيس چيو تہ: "جيڪڏهن توهان کي ٽانو خريد ڪرڻا آهن، تہ آءٌ اوهان کي سڀئي ٽانو ڏيکاري چڪي آهيان، ۽ جيڪڏهن توهان کي مورکو ٽانو ولٹا ئي نہ آهن تہ پوءِ مهرباني ڪري مون کي چڏيو، چو تہ مون کي پيو گهر جو ڪر ٻہ ڪرڻو آهي."

سهڻيءَ کي راضي ڪرڻ لاءِ، عزت بيگ ڪنهر جا سڀ اوچا ۽ مهانگا ٽانو خريد ڪري پاڻ سان کڻي آيو. ان وچ ۾ سوداگر جي پٽ سوچيو تہ آءٌ سهڻيءَ جي محبت ۾ ٻڌيءَ طرح گرفتار ٿي چڪو آهيان ۽ منهنجي زندهہ رهڻ لاءِ سواءِ ان ڪالهہ جي پيو ڪو چارو ڪونهي تہ آءٌ گجرات شهر ۾ ٽي رهي پوان. پوءِ سهڻيءَ کي روزانو ڏسڻ لاءِ هن ٽانوَن جي واپار کي ڪٿي هڪ ٻهانو ٺاهيو. شهر ۾ هڪ دڪان ورتائين ۽ ٽانوَن وڪڻڻ جو ڏنڊو اختيار ڪيائين. عشق جو رستو ٻہ عجيب آهي؛ چاکاڻ تہ عشق آيو تہ عقل موڪلايو.

اهڙيءَ طرح، هيءَ سوداگر ۽ ڪنيز کان مهانگي قيمت تي، ٽانوَ ان ڪري پيو خريد ڪري، ته جيئن هو راضي رهي ۽ سستي بها تي انهيءَ لاءِ پيو وڪڻي ته جيئن جلدي جلدي ٽانوَ وڪرو ٿين ۽ هو پين ٽانون خريد ڪرڻ جي بهاني سان ڪنيز جي دڪان تي ويندو رهي. عزت بيگ جي هيءَ حالت ڏسي، سندس نوڪر ڏاڍي ويا ته هن نموني سان واپار ڪرڻ ۽ رهڻ جي معنيٰ هيءَ ٿي ته هٿين خالي ٿي وڃڻ کان پوءِ پنهنجي زندگيءَ ۾ وطن جا وڻ ٻيهر ڪين ڏسبا، تنهنڪري هڪ رات سڀئي صلاح ڪري، عزت بيگ کان باقي پئسا ڦري، بخارا ڏانهن روانا ٿيا.

ٻئي ڏينهن تي صبح جو، عزت بيگ جي حالت فقيرن جهڙي وڃي ٿي. ڪيس هڪ پئسو به نه هو، پر پوءِ به هو ٽانون جو واپار قرض تي ۾ ڪندو رهيو. جڏهن ڪنيز جو قرض ان تي وڌي ويو، تڏهن هن عزت بيگ تي ان جي ادائگيءَ لاءِ زور ڀار رکيو. عزت بيگ نوڪرن جي ڦري وڃڻ وارو واقعو ڪنيز کي ٻڌايو ۽ قرض لاهڻ لاءِ ڪنيز وٽ نوڪر ٿي ٻيهڻ جي آمادگي ڏيکاري. تلو ڪنيز انهيءَ تي رضامند ٿيو ۽ عزت بيگ کي پاڻ وٽ نوڪر رکيو. عزت بيگ تي گهرَ جي ٻُهاري ڏيڻ ۽ درياءَ تان ٽانون لاءِ منڊي کڻي اچڻ جو ڪم هوندو هو.

ڪنيز وٽ عزت بيگ ايڏي محنت سان ڪم ڪيو جو ٿوري وقت کان پوءِ بيمار ٿي پيو. گهڻيءَ محنت سان ڪم ڪرڻ ۾ عزت بيگ جو مقصد هيءَ هو ته جيئن ڪنيز منجهانئس راضي رهي ۽ ڪيس نوڪريءَ مان نه ڪڍي. هن جي بيماريءَ کان پوءِ تلو ڪنيز کي هن تي قياس آيو ۽ ان کان پوءِ مينهن چارڻ جو ڪم سندس حوالي ڪيو ۽ ڪيس "ميهار" جي نالي سڏڻ لڳو.

هڪڙي ڏينهن جيئن ميهار سينهون چاري رهيو هو، تيئن کير لاءِ هن وٽ سهڻي آئي. کير ڏهڻ وقت ميهار پنهنجو سڄو درد جو داستان سهڻيءَ کي ٻڌايو ۽ پٽس وٽ نوڪر رهڻ جو سبب بہ بيان ڪيو. ميهار جي هن داستان سهڻيءَ تي ايڏو اثر ڪيو جو هوءَ ان وقت سندس سامهون روئي رهي هئي ۽ آخر ميهار وانگر هن ۾ پنهنجيءَ دل کي محبت جي بيقراريءَ ۾ تڙپندي محسوس ڪيو.

ان کان پوءِ، هر روز سهڻي کير جي بهاني سان، ميهار سان ملندي هئي ۽ گهڙي پلڪ هن جي رهاڻ ۾ گهاريندي هئي. چوندا آهن تہ پتين کي بہ ڪن آهن، سو هن ننهي بيقرار دلين جي محبت جو راز گهڻو وقت راز نہ رهيو ۽ آخر هنن جي محبت جو راز فاش ٿي ويو. شهر جا ماڻهو هڪ ٻئي جي ڪن ۾ سسپس ڪندا رهيا. آخر ٽلو ڪنير جي ڪن تي بہ اها ڳالهہ وڃي پهتي، جنهن سخت غصي جي باهہ ۾ اچي، ميهار کي نوڪريءَ مان ڪڍي چڏيو ۽ باوجود سهڻيءَ جي آهہ و زاريءَ ۽ روڄ راڙي جي سندس سؤٽ سان زبردستيءَ پرٽائي چڏيو. شاديءَ واري رات سهڻي، الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ زارو زار روئي ٻاڌايو تہ منهنجي ميهار سان محبت آهي، تنهن ڪري منهنجي سؤٽ کان منهنجي عزت کي پناهہ ۾ رک. قدرت الله جي اهڙي ٿي، جو روزانو رات جو هن نڍين گهوٽ کي اهڙي تہ نند وٽي ويندي هئي، جو سهڻيءَ جي پنهنجي پاسي ۾ هڻڻ جي ڪا سڌ ئي کائہ رهندي هئي.

جنهن ڏينهن ميهار کي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو ۽ شهر مان تڙيو ويو، تنهن ڏينهن کان هن چناب درياهہ لنگهي، هتان پار وڃي هڪ جهوپڙي ٺاهي ۽ اتهيءَ ۾ ئي رهڻ لڳو. ڏينهن جو پنهنجي جهوپڙيءَ مان ڪنير جي ڇت ڏسي ٻيو وقت ڪاڪيندو هو، جنهن ۾ هن جي محبوبہ سهڻي رهندي هئي. سهڻيءَ جي وڇوڙي ۾ ميهار ڏينهن ڏکن ۾ راتيون روئيندي ئي

گذاريندو هو، پر جڏهن خبر پيس ته سهڻيءَ جو سڳ سندس سؤٽ ڪي ڏنو ويو آهي ته ان ڪان پوءِ هن جي دل ۾ پنهنجي محبت جي ناڪاميءَ جي باهه ٻڙڪي اٿي. هڪ ڏينهن سهڻيءَ ڏانهن خط موڪليائين، جنهن ۾ هن کي ٻي وفا قرار ڏنائين ۽ گهٽو ٽي ٽنڊ ياڻين. هُن کي اڻين ٻه لکياڻين ته تون آن ساڻهوءَ سان بي وفا ٿي آهين، جنهن تنهنجي لاءِ سڀ ڪجهه قربان ڪيو. پر ميهار سهڻيءَ کي غلط سمجهيو هو. انهيءَ خط پهچڻ ڪان پوءِ، سهڻيءَ جوابي خط ۾ ميهار کي لکيو ته ايندڙ رات سندس سؤٽ جي گهر جي پرسان ساڻس ضرور ملي، جتي ڪيس معلوم ٿيندو ته سهڻي بي وفا آهي يا باوفا.

سهڻيءَ جي جوابي خط ميهار ۾ ٻيهر زندگي پيدا ڪئي. آن رات ميهار، چناب نديءَ تري، سهڻيءَ سان درياءَ جي ڪنڊيءَ تي اچي محفل مچايائين. سهڻيءَ جي مڙس کي خدا اهڙي ننڊ ڏني هئي، جو هو سڄي رات ان ۾ سوکهو ٻيو هو. هينن ٻنهي سڄي رات آتي گذاري ۽ محبت جي وعدن کي نئون ڪيو. ميهار، سهڻيءَ لاءِ سوڪڙي طور ڪل مڇي آندي هئي، سا ٻه اتي گڏجي کاڌائون ۽ آخر پرهه ڦٽيءَ مهل ميهار درياءَ ٽپي پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ پهتو.

ان کان پوءِ هر رات، ميهار درياءَ تري، سهڻيءَ سان ملاقاتون ڪندو هو ۽ پاڻ سان هميشه ڪل مڇي آڻيندو هو، جا پئي گڏجي کائيندا هئا.

هڪ رات سخت طوفان لڳو ۽ ميربحر مڇي قاسائي ڪين سگهيا. ميهار سوچڻ لڳو ته مڇي نه ٿيڻ واريءَ حالت ۾، سهڻي ڪئي اٿين نه سمجهي ويهي ته مان ڪنجوس ٿي پيو آهيان يا منهنجي محبت جي درياءَ ۾ لاٽ اچي ويئي آهي. سو چا ڪيائين جو پنهنجيءَ ران جو گوشت جو ٽڪر ورڀي پاڻ سان کنيائين. سندس ڦٽ مان ايترو ته خون وهيو، جو درياءَ ۾ ترندي هو بيهوش ٿي ويو ۽ وڏيءَ تڪليف سان



سٹي

درياءَ تري، ڪناري تي پهتو. سهڻي پنهنجي محبوب جي جسم سان خون وهندو ڏسي، ڪانڌ ۾ جو سبب ٻڌيو، ميهار سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايس. هي ٻڌي سهڻيءَ جي دل تي اهڙو گهرو اثر ٿيو، جو ملاقات ختم ڪرڻ کان پوءِ ميهار کي چيائين تہ: "اڄ کان پوءِ آءٌ پاڻ درياءَ تَري تو وٽ ايندس ۽ تون مهرباني ڪري وري اهڙي تڪليف نہ ڪجانءِ." بس، ان کان پوءِ روزانو رات جو سهڻي درياءَ تري، ميهار وٽ اچي رهاڻيون ڪندي هئي.

هي رات سهڻي، وعدي مطابق، پيءُ جو هڪ پڪل دِلسو پاڻ سان ڪنيو ۽ ان جي آڌار تي چناب درياءَ تَري، ميهار سان اچي ملي ۽ صبح ٿيڻ کان اڳ وري ساڳئي دِلي تي تَري، موٽي اچي گهر پهتي.

اهڙيءَ طرح، دِلي جي آڌار تي، سهڻيءَ ڪيتريون راتيون درياءَ تريو ۽ سندس وعدي وفائيءَ ۽ ڪاب رنڊڪ پيدا ڪانہ ٿي. هن ميهار سان محبت جون ڪائي راتيون گذاريون. هڪ رات سندس مڙس جي ڀيڻ، هن کي ڏسي ورتو ۽ پڪو پهه ڪيو تہ پاڻ جي اهڙيءَ ڪميڻي زال جو ضرور خاتمو آڻي گهرجي. هڪ رات درياءَ جي ڪناري تي، سهڻيءَ جو پيڇو ڪندي، ليڪي وڃي ويئي ۽ سهڻيءَ جي واپس موٽڻ تي، اها جڳهه به ڏسي ورتائين، جتي سهڻي پنهنجو دِلو لڪائي رکندي هئي. هوءَ ٻئي ڏينهن منجهند جو ان جاءِ تي وڃي، پڪي دِلي جي بدران، ڪچو دِلو رکي آئي ۽ پڪو دِلو گهر کڻي آئي.

سهڻي ٻيءَ رات، هميشه وانگر، ميهار جي محبت جي نشي ۾، پنهنجو دِلو ڪنيو. ان رات سخت هوا گهلي رهي هئي، جنهن درياءَ جي موجن ۾ چولين ۽ تيزي پيدا ڪري ڇڏي هئي. درياءَ ۾ وڏي دهشت هئي، پر سهڻي ڀٽي هٿ واري نہ هئي ۽ دِلو هيٺان ڪري درياءَ ۾ ٽپي پئي. وچ سير ۾

ڪچو دِلو پُڙي، ميڙي ٽي ٻيو ۽ سهڻيءَ جو وسيلو ويندو رهيو. گهٽي ئي ٻانهون هنياٿين، موجن سان مقابلو ڪياٿين، پر آخر سنڌس ٻانهنَن ست چڏي ڏنو ۽ درياءَ ڪيس پنهنجي ٻيٺ ۾ ڪيهي چڏيو.

درياءَ جي ٻئي طرف، ميهار، سهڻيءَ جو انتظار ڪندو رهيو ۽ آخر انتظار ڪندي ڪندي پرهه ڦٽي ويئي. ميهار کي يقين هو ته سهڻي درياءَ جي دهشت کان ڊڄڻ واري نه آهي ۽ ان جو نه اچڻ ثابت ٿو ڪري ته شايد ڪيس ظالم درياءَ پوڙي چڏيو آهي. اهو ويچاريندي ۽ سهڻيءَ کان سواءَ پنهنجي زندگي زهر سمجهندي، ميهار دانهن ڪري وڃي درياءَ ۾ ٽپو ڏنو ته: "سهڻي! آءٌ به تو وٽ اچان ٿو." ان کان پوءِ ميهار کي وري ڪنهن به ڪونه ڏٺو.

۱۳- شهزادو امل ماڻڪ ۽ شهزادي حَسيني

ڪنهن زماني ۾، چين ولايت ۾، هڪڙو بادشاهه هو، جنهن کي لالُو سڏيندا هئا. هڪ ڏينهن هن پنهنجي وزير صيفل کي سڏايو ۽ چيو ته: "مون وٽ دنيا ۽ دولت جي ڪا به ڪمي ڪانهي، پر افسوس جو مون کي اولاد ڪونهي." ٻوءِ وزير کي وڏو خزانو ڏيڻي حڪم ڪيائين ته تون پڙهو گهماءِ ته جيڪو به ڏڻيءَ جي درگاهه مان مون کي ٻٽ ولي ڏيندو، انهيءَ کي آءٌ پنهنجو خزانو ڏڻي ڇڏيندس. اهو حڪم ٻڌي، وزير ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اهو ڏنڊورو ڦيرايو. آخر اهو ڏنڊورو هڪ ڏينهن ڪنهن فقير جي ڪن تي وڃي ٻيو، جو هلي وزير وٽ ويو ۽ هن کي رڪ جي ڇٻي هٿ تي رکي چيائين ته: "جيڪڏهن بادشاهه هيءَ خاڪ جي ڇٻي پاڻيءَ جي پياليءَ ۾ وجهي، پنهنجي دل گهريءَ راڻيءَ کي پياري، ته هن کي خدا جي مهرباني سان ضرور ٻٽ ٻيدا ٿيندو، پر انهيءَ چوڪريجو نالو 'امل ماڻڪ' رکجو، جڏهن امل ماڻڪ وڏي جوان ٿيندو ته هن ۾ ٣٣ صفتون هونديون. هو هڪ سياڻو انسان ۽ اعليٰ گهوڙيسوار ٿيندو. جڏهن تعليم مڪمل ٿئيس ته بادشاهه کي گهرجي ته هن کي مون وٽ آڻي حاضر ڪري." وزير بادشاهه جي ياران فقير سان وعدو ڪيو ته جيئن اوهان چيو آهي تيئن ضرور ڪبو. ان کان پوءِ فقير کان ڇٻي رڪ جي ولي، بادشاهه وٽ کڻي آيو.

خدا جي مهرباني سان فقير جي اڪثي پوري ٿي. جڏهن چوڪرو بالغ ٿيو، تڏهن صيفل وزير بادشاهه کي عرض ڪيو ته: "بادشاهه سلامت! اوهان جي رضا سان، سان شهزادي کي فقير سان ملائڻ ولي تو وڃان." لالو بادشاهه

اها ڳالهه مڃي ۽ ڪيترائي گهوڙيسوار سپاهي شهزادي سان گڏ موڪليا ۽ ٻه گهوڙا جواهرن سان سنجيل ۽ وڏو خزانو سون ۽ رپي جو ۽ آڇا ويس وڳا ڏئي فقير لاءِ سوغات طور وزير هٿان ڏياري موڪليائين.

فقير شهزادي جو چگو آدرياءُ ڪيو ۽ آڏيءَ رات جو هن کي جاڳائي پنهنجو ۽ شهزادي جو ويس ٻڌائي، هڪ بادشاهه جي ملڪ ۾ وڃي ويو، جنهن کي "گل آستان" چوندا هٿا. هو پوءِ پنهنجي رهڻ جو بندوبست ڪري سارو شهر گهمڻ نڪتا ۽ ڪوليندي آخر هڪ گهٽيءَ ۾ پهتا، جتي بادشاهه ٿي رهيو. هنن محلات جي درين مان ڏٺو تہ اهو محلات اندران تمام گهڻو روشن ٿي نظر آيو. فقير شهزادي کي محلات کان ٽڪرو وڃي ها، پر شهزادي هن کي زور ڪيو تہ آتي ٽورو ترسي تہ جيئن محلات جي روشنائي جو نظارو چگيءَ طرح ڏسي سگهي.

اوڏيءَ مهل هڪ ٻانهي ٻہ بدلا- هڪ سون جو ۽ ٻيو چانديءَ جو، کڻي آڏي. شهزادي ۽ فقير کي ڏسي، چيائين تہ: "توهين ڪير آهيو جو هن وقت رات جو درين مان بادشاهه جي محلات ۾ ليا پائي رهيا آهيو. بهتر آهي تہ توهين هتان جلدي هليا وڃو، نہ تہ چوڪيدار توهان کي جهلي، بادشاهه وٽ وڃي ويندو ۽ ڏاڍي سزا ملندوَ."

فقير جواب ڏنو تہ: "اي مائي، اسين ڏور ڏيهه کان آيا آهيون ۽ وات منجهي پيا آهيون. اسان کي تہ خبر ٻہ ڪانہ هئي تہ هي ڪو شاهي محلات آهي. مهرباني ڪري اسان کي ڏس ڏي تہ مسجد ڪٿي آهي، تہ اسين وڃي آتي آرامي ٿيون."

ٻانهيءَ جواب ڏنو تہ: "توهان کي مسجد جو ڪهڙو ضرور آهي؟ اتي تہ فقير سمهن ويندا آهن، پر توهان تہ ڏسن ۾ امير ماڻهو ٿا اچو."

شهزادي وچ ۾ ٻئي، مائيءَ کان پڇيو تہ: "اي موچاري عورت! خدا جي واسطي ٻڌاءِ تہ هيءَ روشني چاجي آهي ۽ انهيءَ جي معنيٰ چا آهي؟" ڀانهيءَ جواب ڏنو تہ اها روشني شهزادي حسيني نالي هڪ پريءَ جي حسن جي آهي. هوءَ پنهنجي غسلخاني ۾ ويٺي آهي ۽ جنهن سهل هوءَ پنهنجا ڪپڑا لاهيندي آهي تہ هن جي جسم جي چمڪ ۾ سارو محلات روشن ٿي ويندو آهي.

فقير ۽ شهزادي اها ڳالهہ ٻڌي ڀانهيءَ جو شڪريو ادا ڪيو ۽ موٽي گهر آيا، جتي پنهنجي منزل ڪئي هئائون. رستي تي، شهزادي عرض ڪيو تہ: "اي بزرگ سائين! "توهان جي علم ۽ عقل جي تہ حدٿي ڪانهي. مان وينتي ٿو ڪريان تہ مون کي انهي پري شهزادي حسينيءَ سان شادي ڪرايو." فقير وراڻيو تہ: "منهنجا پٽ! خدا اڳ ۾ انهيءَ جي ڀانهن توکي ڏٺي چڏي آهي."

ٻئي ڏينهن صبح جو، شهزادي فقير کان گهر موٽي هلڻ جي اجازت گهري. هن گهر پهچي پنهنجي بيءَ بادشاهہ کي عرض ڪيو تہ: "بابا سائين! مهرباني ڪري منهنجي شادي حسيني پريءَ سان ڪرايو، جا هڪ نهايت عجيب محلات ۾ ٿي رهي ۽ هن جي سونهن ۽ سوڀيا جي ڪا حد ئي نہ آهي. انهيءَ کان پوءِ هو بادشاهہ کي تفصيل سان ٻڌائي ويٺو تہ جڏهن هوءَ وهنجڻ ٿي ويهي تڏهن سندس جسم جو حسن اونداهيءَ رات ۾ ٻہ محلات کي روشن ڪيو چڏي. بادشاهہ تنهن تي چيس تہ: "منهنجا پٽ! منهنجي تمنا آهي تہ تون پنهنجي سوٽ سان شادي ڪر." مگر شهزادي انڪار ۾ ڪنڊ ڏوڻي بي صبريءَ سان جواب ڏنو تہ: "مان يا تہ شهزادي حسينيءَ سان شادي ڪندس، يا تہ ساري چمار ڪنهن سان بہ شادي ڪونہ ڪندس، جڪڏهن توهان مون کي آڏو ايندا تہ مان هميشہ لاءِ توهان کي چڏي هليو ويندس. بادشاهہ ترميءَ

سان جواب ڏنس تہ: "منهنجا پٽ! اجايو چوٽو کاوڙجين، جيکڏهن تون هن جي عشق ۾ قائل آهين تہ مان بيشڪ توکي شهزادي حسينيءَ سان شادي ڪرائيندس."

تنهن کان پوءِ صيفل وزير کي بادشاهه حڪم ڏنو تہ وڃي گلستان بادشاهه کان سندس ڏيءُ حسينيءَ جو سڳ گهري. وزير، بادشاهه جي ملڪ ۾ ويو ۽ گلستان کي وڃي چيائين تہ جيئندا قبلا! لالٽو بادشاهه منهنجي آقا، توهان جي نياڻيءَ شهزادي حسينيءَ جي ڀانهن جي گهٽر پنهنجي پٽ شهزادي امل ماڻڪ لاءِ ڪئي آهي."

بادشاهه گلستان جواب ڏنو تہ: "توهان پلي ڪري آيا، پر منهنجي ڏيءُ هاڻي عاقل بالغ آهي، مون کي هن کان ضرور پڇڻ گهرجي تہ هوءَ راضي آهي يا نہ. جيکڏهن هوءَ راضي آهي تہ مان هن کي ڪونہ روڪيندس."

پوءِ بادشاهه گلستان، شهزادي حسينيءَ وٽ ويو ۽ لالو بادشاهه جي آڇ جو احوال ٻڌايائين، جنهن تي هن جواب ڏنو تہ: "بابا سائين، مان اوهان کي پنهنجو ڪعبو ۽ قبلو ٿي سمجهان، مان شهزادي سان هڪ شرط تي شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان تہ اسين ٻئي ڄار ڄار محلاتن ۾ رهنداسون. جيکڏهن هن کي مون سان ڀالهائڻو هوندو تہ هو ڀانهيءَ کي چوندو ۽ اها جڏهن مون کان اجازت ونڊندي، تڏهن مون سان ڀالهه ٻولهه ڪندو.

بادشاهه شهزاديءَ جو شرط وزير کي ٻڌايو، جنهن ٿورو سوچي جواب ڏنو تہ: "ڇڪو، مون کي شهزاديءَ پاران اهو شرط قبول آهي." هن دراصل ائين سمجهيو تہ شادي ڪرڻ کان پوءِ شهزادي انهيءَ شرط تي کوبہ ضد ڪونہ ڪندي. پوءِ وزير اهو جواب وڃي موٽي بادشاهه وٽ پهتو ۽ کيس سارو احوال ڪري ٻڌايائين.

لالو بادشاهه، شهزادي کان پڇيو تہ: "شهزاديءَ جي انهيءَ شرط تي هلي سگهندين؟" شهزادي جواب ڏنو تہ: "مان چا ڪريان، وزير تہ اڳ ئي اهو قبول ڪري آيو آهي."

ان کان پوءِ لالو بادشاهه وڏيون تياريون ڪيون ۽ پنهنجي پٽ کي وڏي شان شوڪت سان گلستان جي ملڪ ۾ موڪلياٿين، جتي هن جو ڏاڏو آدرياڻ ٿيو ۽ حسيني سان هن جي شادي ڪرائي وئي. ڪجهه ڏينهن خوشيون ۽ جشن جاري رهيا ۽ انهيءَ کان پوءِ شهزاديءَ کي پنهنجي پيءُ جي ملڪ ۾ وئي آيو، جتي اڳ ۾ ڪيل وعدي مطابق ڏار ڏار محلات ۾ رهڻ لڳا ۽ جڏهن شهزادي ۽ شهزاديءَ کي پاڻ ۾ ڪا ڪاڇهه پوله ڪرڻي هوندي هئي تہ هانهيءَ جي معرفت ڪندا هئا، جا هنن جا نياپا هڪڙي محلات کان ٻئي محلات تائين ڪٽي ويندي هئي.

هڪ ڏينهن شهزادو امل ماڻڪ شڪار تي نڪتو ۽ هن سان گڏ ٻيا سوار ڪافي اڳتي نڪري ويا ۽ هڪڙي نيري ڍڪي کي نيزي جو نشانو ڪيائون، ۽ جڏهن شهزادو شڪار ڪري گهر ڏانهن موٽيو ٿي تہ رستي تي پنهنجي ماڻهن ان ڪاڇهيون پوليون ڪندو ٿي آيو تہ هن کي هڪ فقير گڏيو جنهن هن کي چيو: "شهزادا سائين! مون کي توسان هڪ ڪاڇهه ڪرڻي آهي." شهزادو، فقير کي هڪ گهوڙي تي جاڙهي پنهنجي محلات ۾ وٺي آيو. اتي پهچڻ کان پوءِ هن کان پڇيائين تہ: "اي بزرگ سائين! توهان کي مون سان کهڙي ڪاڇهه ڪرڻي آهي."

فقير جواب ڏنس تہ: "شهزادي حسيني، جنهن سان تو شادي ڪئي آهي، اها هڪڙي ديوَ سان عشق ۾ قائل آهي، جنهن جو نالو سفيد ديوَ آهي، جو ستن سمنڊن جي پار هڪڙي باغيچي ۾ رهندو آهي، انهيءَ باغيچي کي بستي باغيچو چوندا آهن، هر وسپت جي ڏينهن شهزادي حسيني پر جي وڻ ۾

پنهنجي پاڻهين سميت اڏامي "بستي باغيچي" ۾ پهچائي چڏيندو آهي. مان توکي جادوءَ جي هڪ ٽوپي ڏيندس، جا توکي پاڻ کان ٻوءِ ماڻهن جي نظر کان الوپ ڪري چڏيندي، تون انهيءَ ٽوپيءَ کي پائي ايندڙ خميس ڏينهن شام جو شهزاديءَ جي محلات ۾ وڃج، هوءَ انهيءَ وقت وهنجندي آهي ۽ وهنجڻ کان ٻوءِ هوءَ هڪڙي غاليچي تي ويهي ۽ پنهنجا سون ورنا وار سڪائيندي آهي. تون به انهيءَ غاليچي تي هن جي پر ۾ ويهي رهج، هوءَ توکي کاڻ ڏسي سگهندي. وار سڪائڻ کان ٻوءِ، هوءَ قيمتي زيورن سان پاڻ کي آرائيندي ۽ مشڪ عطر سان پاڻ کي معطر ڪندي. پاڻهن ۾ جوڙيون ۽ پيرن ۾ پازيب ۽ عاليشان پوشاڪ پائي تيار ٿيندي. انهيءَ کان ٻوءِ پنهنجي ڪاڏي لاءِ حڪم ڪندي ۽ ماني هن جي اڳيان رکي ويندي. هوءَ مانيءَ کي هٿ لائي تنهن کان اڳ تون سموري ماني کائي ختم ڪري چڏج. جڏهن هوءَ پنهنجي اڳيان ڪاڏو نه ڏسندي، تڏهن بورچيءَ کي سڏ ڪري چوندي ته: "منهنجي ماني جلدي ڪٽي اڻ." بورچي جواب ۾ چوندس ته: "امين هميشه توهان جي بچيل ڪاڏي سان ڏهه-پارهن ڇٽا کائي ويندا آهيون، پر اڄ اوهان سفيد ديوَ جي ملاقات جي خوشيءَ ۾ سموروڪاڏو کائي ختم ڪري چڏيو، ۽ هاڻي ٻيو ٽيون طلب ڪريو. حسيني، بورچيءَ جي حاضر جوابي تي اهڙي شرمندي ٿيندي جو چوندي ته چڱو پلا تڪليف نه ڪر، مون کي ٻپر جو ون آڻي ڏي. هاڻي انهيءَ کان اڳ جو هوءَ ون تي چڙهي، تون غاليچي تان اٿي ون تي چڙهي وڃج. شهزادي پنهنجي سرتين سان انهيءَ تي چڙهندي ۽ هن جي طلسم سان پر جو ون هنن کي ڪٿي ست سمنڊ پار ڪري سفيد ديوَ جي باغيچي ۾ پهچائيندو. اتي پهچڻ تي تون سيني جي پڌيان هجج، ته جيئن پل ٻيا سڀ لهي وڃن ۽ توکي آخر ۾ لهڻ جو موقعو ملي. ٻوءِ سفيد ديوَ هنن کي

ڪيڪاري پنهنجيءَ محلات ۾ وڃي ويندو جتي ٻيون سڀ ڪن پريون ٻيون ناچ ڪنديون هونديون. سفيد ديوُ حسينيءَ کي چوندو تہ: "جيڪڏهن تون اڄ هنن سڀ پرين ۾ران ناچ ڪندينءَ تہ مان توسان ايندڙ خميس تي شادي ڪندس." شهزادي انهيءَ آڇ تي راضي ٿي ويندي ۽ ناچ جو گهگهرو پائي ديو جي اڳيان نچڻ لڳندي. جڏهن هوءَ ناچ ختم ڪندي تہ ديوُ هن کي نوڪلکو هار ڏيندو. ٻوءَ تون اهو هار چورائي پنهنجي ستڻ جي ور ۾ لڪائي ڇڏج. وري جڏهن ٻيهر نچندي تہ ديوُ کيس جواهرن جو ڇوڪرو ڏيندو، تون اهو بہ چورائي پنهنجي چيلهہ سان ٻڌي ڇڏج. وري ٽيون دفعو بہ نچندي ۽ ديوُ هن دفعي هن کي نوڪلکي نٽ ڏيندو، اها بہ چورائي اڳڪ ۾ ٻڌي ڇڏج، ۽ ٻوءَ پير جي وڻ جي چوٽيءَ تي چڙهي وڃج. ٿوريءَ دير بعد شهزادي ديو کي خداحافظ چوندي ۽ پنهنجي ساهيڙين سان گڏجي وڻ تي چڙهندي. پير توهان سڀني کي ڪٽي آڻي توهان جي شهر ۾ پهچائيندو، اتي وڻ تان لهي پنهنجي محلات ڏانهن وڃج. شهزادي ۽ هن جون سرتيون پنهنجي گهر ويندين ۽ شراب پي انهيءَ ۾ الوٽ ٽي سمهي پونديون ۽ سج چڙهي اٿنديون. شهزادي جڏهن هار، جواهرن سان جڙيل چوڪو ۽ نٽ جيڪي ديوَ هن کي انعام طور ڏنا هٿا نہ ڏسندي تہ ڀانهين کي ڏمڪائيندي ۽ کين ڏوهاري ٺهرائيندي، مگر ڀانهيون صاف اظهار ڪنديون تہ اسان کي انهن شين جو ڪوبہ علم ڪونهي ۽ پنهنجي معصوميت جي اقرار ڪان پوءِ، شهزادي‌ءَ کي مشورو ڏينديون تہ هوءَ توهان وٽ اچي. هوءَ انهيءَ مشوري تي راضي ٿيندي ۽ سڀني سان گڏجي تہ وٽ محلات ۾ ايندي، جڏهن تون هن کي ايندو ڏسين تڏهن منهن تي چادر وجهي ڪونگهرا هڻڻ شروع ڪج، شهزادي لڪي تنهنجي هنڌ وٽ ايندي، ۽ انهن وسهندي تہ تون سچ پچ سمهيو پيو آهين،

اهو موقعو تولاءِ نهايت موزون آهي. پوءِ تون بکدم هند مان ٽپ ڏيئي، شهزاديءَ کي جهلي هن جا پَر وڍي وڃ، جنهن کان پوءِ هوءِ اڏامڻ کان بيڪار ٿيجي هميشه لاءِ تنهنجي ٿي رهندي.

ٻيءِ خميس تي، شهزادي امل ماڻڪ اڻين ڪيو، جيئن فقير هن کي صلاح ڏني هئي. هن اها آلوب ٽوپي پاتي ۽ شهزادي حسينيءَ سان گڏجي پير جي وڻ تي ديوَ جي محلات ۾ وڃي، موٽي آيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو، شهزادي حسيني پنهنجن ٻانهين سان گڏجي شهزادي وٽ وئي، شهزادو مڪر ڪري ڪونگهرا هڻڻ لڳو، شهزاديءَ نرمي سان چيو تہ اهو ٻہ زمانو هو، جڏهن تون سون سان ڪالهائڻ لاءِ سکندو هئين ۽ هاڻي جڏهن مان تو وٽ آئي آهيان تہ تون ٻيو ڪونگهرا هڻين. شهزادو هن جي اکرن تي موهجي ٻيو ۽ هکدم چيائين تہ مون هڪ خواب ٻڌي لڏو. اهو جواب ٻڌي، شهزاديءَ زور پريس تہ مهرباني ڪري مون کي پنهنجو خواب ٻڌاءِ. شهزادي وراڻيو تہ مون خواب ۾ ڏٺو تہ تون وهنجي پنهنجا سونهري وار ٻيڻي سکائين ۽ سکائڻ کان پوءِ تو آڇا ڪپڙا ۽ زيور پاتا ۽ تنهن کان پوءِ پنهنجي لاءِ مانيءَ جي گهر ڪئي، ۽ مان جو تنهنجي پر ۾ ويٺو هوس، سو سموري ماني کائي ختم ڪري ٻيو ڇڏيان، پوءِ مان، تون ۽ تنهنجون ٻانهيون سڀ پير جي وڻ تي چڙهي ٽا ويهون ۽ وڻ هوا ۾ اڏائي اسان سڀني کي ڪٽي "بستي باغيچي" ۾ آڻي ٿو پهچائي، جتي سفيد ديوَ ٽورهي، انهيءَ ديوَ توکي پنهنجي اڳيان ناچ ڪرايو ۽ انهيءَ توکي هڪ هار، هڪ موتين جڙيل چوغو ۽ نوڪي نٽ ڏني، اهي ٽيئي شيون تو منهنجي حوالي ڪيون، جي هينئر ٻہ مون وٽ موجود آهن."

"منهنجا شهزادا" نهايت ئي نرم لهجي ۾ شهزاديءَ چيو: "مهرباني ڪري اهي سمورا زيور مون کي موٽائي ڏي."

"مگر هي تہ رکو هڪ سپنو هو." شهزادي ڪلي چيو: "ڪيئن توکي موٽائي ڏيان."

شهزاديءَ بيحد ليلايو ۽ ڪرانڙيون پاتائين ۽ انڪل سان ريهي ريبي شهزادي کي اهڙو نرم ڪري وڌائين، جو نيٺ هن ديوَ جون ڏنل سوڪڙيون ڪيري ڏيکاريس. شهزادي جهٽ هٿي، هن جي هٿ مان ڦري هوا ۾ اڏامي غائب ٿي ويئي.

اهو حال ڏسي، وڏيءَ مايوسيءَ ۾ گهيرجي ويو. آخر شهزادي جي مايوسيءَ جي خبر فقير جي ڪنن تي وڃي پهتي، ۽ هو هڪدم وٽس هلي آيو ۽ چيائيس تہ: "جيئن مون توکي چيو هو، تو ائين نہ ڪيو، جڏهن تو هن جا پَرَ کڻيا تہ چا ٿيو؟" شهزادي ارمان مان جواب ڏنو تہ: "نہ، مون کان هن جا پَرَ ڪپن وسري ويا ۽ هوءَ هڪدم اڏامي هلي وئي. مهرباني ڪري هاڻي ٻڌايو تہ مان چا ڪريان؟ فقير جواب ڏنو تہ: "تنهنجي پيءَ جي طنبيلي ۾ هڪ سامونڊي گهوڙو آهي. انهيءَ تي سون سان جڙيل سنڄ وجهي، لغام ۽ خرزين ۾ هيرا ۽ موتي پرينس، ۽ پوءِ واسريءَ ۾ ٽن مهينن جي سفر جيتري رقم وجهي ۽ سفيد ديوَ جي تلاش ۾ نڪري پؤ."

شهزادي، فقير جي چوڻ موجب ڪيو. هو پيءَ جو سامونڊي گهوڙو سنڄي، سوار ٿي نڪتو ۽ ست سمنڊ لتاڙي، آخر هڪ وڏي جهنگ ۾ اچي نڪتو. ٻيلي ۾ هن هڪ شينهن ڏٺي، جا هڪ وڏي ڪنڊي لڳڻ ڪري منڊي ٿي پيئي هئي، هن جڏهن شهزادي کي ڏٺو، تڏهن ڪيس سڏ ڪري چيائين: "اي انسان جا ٻچڙا! خدا جي واسطي منهنجي پير مان هيءَ ڪنڊو ڇڪي ڪڍ." شهزادي جواب ڏنس تہ: "مون کي خطرو آهي تہ جيڪڏهن مان توکي ويجهو ايندس تہ تون مون کي ساري وجهندينءَ." پوءِ شينهن يقين ڏنس تہ:

"حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم سنهنجو شاهد آهي تہ مان توکي کوبہ ايذاءَ نہ رسائيندیس."

اهو جواب ٻڌي، شهزادو گهوڙي تان لٿو ۽ الله جو آسرو ڪري، شينهن جي ويجهو وڃي، هن جي پير مان ڪنڊو ڪڍي ياٿين. شينهن سور کان ڪجڪوڙ ڪئي، پر شهزادي کي ذرو بہ کونہ ايذايائين. هن جي ڪجڪوڙين تي، سندس ٻيئي ٻچا ڊوڙي ويجهو آيا ۽ کاوڙ مان چوڻ لڳا تہ: "آدم جا ٻچا! توکي کهڙي ڪاوَڙ ڪنيو آهي جو اسان جي غار ۾ گهڙي، اسان جي ماءُ کي ايذاءَ پهچائين ٿو؟" مگر شينهن هنن کي تسلي ڏني تہ ائين نہ آهي. هين تہ پاڻ مون کي وڏي درد ۾ ڇڏايو آهي. انهيءَ پلائيءَ جي عيوض ۾، سان توهان هنهي کي هن جي حوالي ڪريان تہ توهان هن جا خادم ٿي رهو ۽ هن کي جنڱل، ديون، پرين ۽ ٻين خوفناڪ جانورن ۽ نازڪن کان حفاظت ۾ رکجو، هن کي کاڌي لاءِ هرڻ ۽ ڦاڙها ماري ڏجو. نہ رکو ايترو، مگر ضرورت وقت هن جي جان جي حفاظت خاطر پنهنجي جان قربان ڪرڻ ۾ بہ اصل نہ ڪيهائجو."

شينهن جي ٻچن ماءُ جي حڪم پوري ڪرڻ جو وعدو ڪيو ۽ شهزادي جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. شهزادو جڏهن ساموندي گهوڙي تي سوار ٿي هلندو هو، تڏهن شينهن جا ٻيئي ٻچا سندس ٻچاءَ ۾ هنهي پاسن کان گهوڙي جي رفتار سان ٻيٽ هلندا هئا.

هلندا هليا، آخر هو هڪ ڏينهن هڪ وڏيءَ ڏنڀ وٽ اچي پهتا، جنهن جي ويجهو هڪ محلات هو، جنهن جي در وٽ ڪي سون ۽ چانديءَ جا ڏاڪا هڪٻئي پٺيان پاڻيءَ جي ڪناري تائين ٿي پهتا. شهزادي، شينهن کي چيو تہ هي محلات ضرور ڪنهن پريءَ جو هوندو. شينهن نهايت نوڙت سان شهزادي کان ان محلات ۾ اندر وڃڻ جي اجازت گهري.

شهزادو گهوڙي تان لٿو. گهوڙي کي وڻ سان ٻڌي، ڏاڪا چڙهيو. هڪ شينهن سندس اڳ ۾ هو ۽ هڪ پٽيان. جڏهن شهزادو محلات جي در مان اندر گهڙيو تہ هڪ سهڻي چوکري، شهزاديءَ جي لباس ۾ اندرئين ڪمري ۾ ڏاڻيين. شهزاديءَ آڏي يڪدم دروازو بند ڪيو. "در کول." شهزادي وڏي آواز ۾ ڪيس چيو. مگر چوکريءَ جواب ڏنو تہ: "هتان ڀڄي وڃ، جيڪڏهن پنهنجيءَ جان جو خير گهرندو هجين. ديو هاڻي هتي پهچڻ وارو آهي." شينهن رڙ ڪري ڏمڪي ڏنيس تہ: "جيڪڏهن تو دروازو نہ کوليو تہ اسين ان کي ڀڄي، تختو تختي کان جدا ڪري ڇڏينداسون." پوءِ شهزاديءَ جواب ڏنو: "چڱو پلا!" ائين چئي هن در کوليو ۽ اندرئين ڪمري مان نڪري، ٻاهر ورانڊي ۾ هڪ ڪوڇ تي ٽپي ويٺي. شهزادو سندس پٺ ۾ ٽپي ويٺو. چوکريءَ پڇيس تہ: "اي جوان، توکي ڇا گهرجي؟" شهزادي جواب ڏنو تہ: "مان شهزادي حسينيءَ کي کولي رهيو آهيان. هوءَ منهنجي زال آهي ۽ مون وٽان ڀڄي، سفيد ديوَ وٽ، هن جي ملڪ ۾ وڃي لڪي آهي." چوکريءَ ٻڌايس تہ: "ادي حسيني تہ منهنجي پيٽ آهي." پوءِ دور بيني هن جي هٿ ۾ ڏٺي، چيائين تہ: "هو ڏنڊ جي ڪناري تي پهر جو وڻ توکي ڏسڻ ۾ اچي ٿو؟ اڄ خميس جي رات آهي، حسيني سڀاڻي صبح جو پنهنجي ڀانهين سان گڏجي ايندي ۽ هو انهيءَ ڏنڊ ۾ ڪپڙا لاهي تڙڪيندیون. جنهن مهل هو پاڻيءَ ۾ اندر گهڙنديون، ان وقت تون حسينيءَ جا ڪپڙا کڻي وڃ، پوءِ هوءَ تنهنجي رحم ۽ ڪرم جي محتاج ٿي پوندي."

ائين چئي چوکريءَ، شهزادي کي موڪل ڏني. ٻيئي شينهن ۽ شهزادو گڏجي ڏنڊ جي ڪپ تي، پهر جي وڻ هيٺان وڃي پهتا، جتي شينهن، شهزادي کي آرام ڪرڻ لاءِ

مرض ڪيو ۽ پاڻ ٻيڻي چوڪيءَ تي ٽي ٻيڻا. شهزادي ڪي جلدي نند ڪٽي وئي.

صبح سوير شهزادو، پرن جي ڦڙڪڻ جي آواز تي جاڳيو. ٻينهن ٻڌايس ته پريون اڇي ويون آهن. شهزادو خاموش رهيو. جيئن ٽي پرين ڪپڙا لاٿا ۽ پاڻيءَ ۾ گهڙي ٻيون، تيئن شهزادي ٻينهن کي چيو ته: "حسينيءَ جي ڪپڙن تي لاماروهٿو." هنن اڻين ڪيو. شهزادو ڏنڌ جي ڪپ تي وڃي حسينيءَ کي چيڙائڻ لڳو ۽ چيائينس ته هاڻي توکي پنهنجو جوڙ جيس ملیو آهي. توکي هن دفعي چالاڪي ڪرڻ ڪين ڏيندس.

حسينيءَ ڏٺو ته هاڻي هوءَ شهزادي جي رحم ڪرم تي آهي، چوته ٻينهن ٻه ڏاڍي خوفناڪ نموني ۽ ڏانهس نهاري گجگوڑون ٻڌي ڪيون. هوءَ اڪيئين وانگر وري ٻه شهزادي کي ريجهائڻ لاءِ ويجهو ٽي ۽ چيائين ته شهزادا مون آڻ مڃي، تو مون کي شڪست ڏني آهي. ٻوءَ نڪ مان ٻولو لاهي هن کي ڏنائين ۽ چيائينس ته ايندڙ جمعرات سفيد ديو جي ٻاغ ۾ اڇ، جتي توهان گهٽي ٽي پريون واڳٿائي پوشاڪن ۾ ڏسندا، جن جي هٿن ۾ سون ۽ چاندي جون گهڪيون هونديون. توهان هنن جي ويجهو اچي، ڪانڌن ٻنهنجي گهوڙي لاءِ پاڻي طلب ڪجو ۽ جيئن ٽي توهان جو گهوڙو پاڻي پيڻ شروع ڪري، توهان هي ٻولو هڪ جي گهڪي ۾ وجهي ڇڏجو. مان ٻوءَ ٻولو ڏسي ڪيڏي وٺندس ۽ ٻنهنجي ٻانهي توهان کي وٺي آڻڻ لاءِ موڪلينديس. توهان ٻنهنجي لڪل هنڌ ڪان نڪري اچجو ۽ جڏهن توهان ٻاغ جي وچ تي پهچو ته وڏي واڪي سان چئجو ته سفيد ديو منهنجي حقيقي زال سان شادي ٿو ڪري. اهو ٻڌي سفيد ديو چوندو ته جيڪڏهن تنهنجي نڪاح ٻڌل زال آهي ته تون هن کي سڃاڻي وٺ. هو توکان پڇندو ته ان کي سڃاڻي سگهندين؟" توهان جواب ۾ چئجو ته "ها." ان کان پوءَ سفيد ديو، سؤ

پريون هڪ قطار ۾ بيهارينڊو ۽ سيئي هوبهو سون جهڙيون هونديون. توهان کي چونڊو ته سون کي ڪولي هٿ ڪر. انهيءَ مهل آءٌ بولو پاتل هوندس ۽ پوءِ اوهان سون کي آساني سان سڃاڻي وٺندا.

شهزادي، حسينيءَ جي صلاح تي عمل ڪرڻ جو وعدو ڪيو ۽ هن کي ڪپڙا موٽائي ڏنائين جا هائي اڏامي هلي ويئي.

ٻيءَ خميس تي شهزادي، حسينيءَ جي صلاح مطابق عمل ڪيو. هن اهو بولو هڪڙيءَ پريءَ جي گهڪهيءَ ۾ وڃي ڇڏيو ۽ حسينيءَ اهو ڏسي، هڪ ٻانهيءَ کي شهزادي کي وٺڻ لاءِ موڪليو. ٻانهي اتي اچي ٻهتي، جتي شهزادو لڪو ويٺو هو ۽ واکو ڪري چيائينس، "جلدي ڪري هل اتي شادي ٿي ٿئي." شهزادو ٻانهيءَ سان گڏجي وڃ ٻاغيچي ۾ اچي ٻهتو ۽ بلند آواز سان پڪاري چيائين ته: "سفيد ديو منهنجي حق ٻڌيءَ زال سان شادي ٿو ڪري." ديو شهزادي جا اهي لفظ ٻڌي اڪتي وڏي آيو ۽ اچي چيائين ته: "جيڪڏهن ائين آهي ته تون پنهنجيءَ زال کي سڃاڻي سگهندين؟" شهزادي هاڪار ڪئي. تنهن ڪان پوءِ ديو، هڪ سؤ پرين کي هڪ قطار ۾ بيهاريو، جي سڀ هوبهو هڪ جهڙيون هيون ۽ چئن ڪنڊن تي گهوڙيسوار بهاري چڏيائين ته جيئن شهزادو پڄي نڪري نه وڃي. شهزادي کي چيائين ته: "مان توکي ٻي موقعا ڏيندس ۽ جيڪڏهن تو ان هوندي به ان کي سڃاڻي نه سگهئين ته پوءِ مان توکي پنهنجي قلعي جي ديوار تان لٽڪائي، ڪجهين ڪان تنهنجو ماس کارائي چڏيندس."

شهزادو امل ماڻڪ، پرين جي ٻيٽل قطار ڏانهن نهاريو ۽ هرهڪ کي پيرن ڪان وٺي مٿي تائين نهارينڊو رهيو. سموريون گهٽو ڪري هڪ ٻي مهانڊي جون هيون، تنهنڪري سڃاڻي نه پئي سگهيو. پر پوءِ بولي واري ڳالهه ياد پيس ۽ جڏهن

ڏاڍائين تہ ڪنهن کي ٻ هولو پيل نہ هو، تڏهن بنهہ نااميد ٿيڻ تي هو، مگر شينهڻ جي وڏي ڇڄي اشارو ڪري چيس تہ شهزادا ڊپ نہ ڪر، جيسين اسين زنده آهيون، تنهنجو وار ٻ ونگو ٿيڻ نہ ڏينداسون." ديو هن کي ٻيو موقعو ٻ ڏنو، مگر هن پيري ٻہ هو حسينيءَ کي ڪوڙ ۾ ڪامياب ڪين ٿيو. آخر هن غمگين ٿي، شينهن کي چيو تہ منهنجو ٻيو وجهہ ٻ ويو. شينهن وري ٻ اشاري ۾ چيو تہ: "شهزادا همت نہ هار، اڃا ٽيون موقعو ٻہ آهي." هن پيري شهزاديءَ کي شهزادي تي قياس آيو ۽ يڪدم هولو نڪ ۾ پائي ٻيهي رهي. جڏهن ديو ٽيون پيرو چيس تہ هن پرين جي قطار مان هڪ کي هولو نڪ ۾ ڏسي، خوشيءَ کان واڪو ڪري چيو تہ مون حسينيءَ کي ڪوليو ورتو. ٻيون سڀئي پريون هن جي ڪاميابيءَ تي خوشيءَ سان تاڙيون وڄائڻ لڳيون ۽ ديو چيو تہ: "ها، برابر شهزادي تنهنجي زال آهي، هاڻي تون هن کي پلي وڃي. هن سفيد ديو حسينيءَ جي ٻانهن شهزادي امل ماڻڪ کي ائين ڏني جيئن کو ٻيڙ پنهنجيءَ نياڻي ڪنهن کي پرڻائي ڏيندو آهي.

امل ماڻڪ ڪجهہ ڏينهن ديو جو مهمان ٿي رهيو، ۽ پوءِ گهر ڏانهن موٽڻ جي موڪل گهريائين، جنهن تي سفيد ديو نهايت قرب سان چيس تہ: "جيترو وقت دل گهرئي اسان وٽ رهہ، توهان جو آدرپاڻ ٿيندو رهندو، مگر جيڪڏهن توهان وڃڻ چاهيو ٿا تہ توهان پلي وڃو." شهزادي تانگهہ ظاهر ڪئي تہ هو پنهنجي ٻيڙ جي بادشاهت ۾ ضرور ويندو. پوءِ سفيد ديو طرفان گهوڙيسوارن جو وڏو ڏنبلو ۽ خزاني جو انبار ساڻ ڪري، شهزادي حسينيءَ سان پنهنجي ٻيڙ جي ملڪ ڏانهن راهي ٿيو.

سفر ڪندي هڪ رات، هنن ڪوهہ وٽ اچي منزل ڪئي. شهزادو ۽ شهزادي ٻئي ساڪئي پلنگ تي سمهي ٻيا ۽ سندن

چوڪاري پهريدار سمهي پيا. اڌ رات جو ان کوهه مان هڪ ديو، جو ان ۾ اندر رهندو هو، نڪري آيو ۽ ننڍ ۾ تل شهزاديءَ کي پلنگ تان کڻي کوهه ۾ واپس هليو ويو.

صبح جو ننڍ مان آڻڻ کان پوءِ شهزادي امل ماڻڪ کي شهزاديءَ جي غائب ٿيڻ جي ڪَلَ پئي. هن غم ۽ خوف جي حالت ۾ چوڪيدارن کان پڇا ڪئي، مگر هو ڪجهه به بڌائي نه سگهيا. شهزادي سخت مايوس ٿي، ائين سمجهيو ته شهزادي پنهنجو قول ڪوڙو ڪري، مون کي وري ڇڏي هلي وئي آهي. مگر شينهن جي هڪ ڇڻي چيو ته: "شهزادا، متان شهزادي کوهه ۾ لڪي ويئي هجي، سو تو هان اسان ٻنهي کي رسي ٻڌي، کوهه ۾ ڇڏيو ته اسين ڏسي اچون." پهريدارن ٻنهي شينهن کي رسيءَ جي وسيلي، اندر کوهه ۾ لاٿو. جڏهن هو تري ۾ پهتا ته چا ڏسن ته هڪ وڏو شهر آهي، جو سندن اکيان ميلن ۾ پکڙيو پيو آهي، جنهن جي وچ ۾ هڪ سهڻو باغيچو آهي ۽ انهيءَ جي وچ ۾ هڪ عاليشان محلات آهي. جڏهن انهيءَ محلات ۾ گهڙي نظر ڪيائون ته ڏٺائون ته ديو ڏاڍيءَ ننڍ ۾ ستو پيو آهي ۽ هن جو مٿو حسينيءَ جي هنج ۾ آهي. حسيني شينهن جي ڇڻن کي ڏسي، ڏاڍو خوش ٿي ۽ هنن کي آهستي چيائين ته "مون کي هن خوفناڪ جاءِ مان يڪدم ڪڍو." شينهن جي ڇڻن اهڙي ته آهستگيءَ سان ديو جو مٿو کنيو ۽ هڪ وهاڻو هن جي مٿي هيٺان رکيو، جو شهزادي آٿي پيرن ۾ ٿي ۽ ديو سُتو ئي رهيو. پوءِ ته شينهن ديو جي متان چڙهي، ڪيس چيري ڦاڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو.

هو جڏهن باغيچي کان ٻاهر ٿي نڪتا، ته ديو جو خوبصورت سامونڊي گهوڙو، سون جي زنجير ۾ ٻڌل هو ۽ ڪُنجي تالي ۾ ٿي لڳي پئي هئي. پوءِ گهوڙي کي کولي ورتائون ۽ جڏهن کوهه جي تري وٽ رسيا ته گهوڙي کي ٻ

پاڻ سان ٻاهر آندائون، پوءِ شهزادي کي ساري حقيقت اڇي ٻڌايائون ۽ مشورو ڏنائون تہ پاڻ ۽ سندس دربان هنن سان گڏ هڪ دفعو وري کوهہ ۾ هلي ديوَ جو خزانو کڻي اچن. مگر شهزادي انڪار ڪيو ۽ چيائين تہ: "منهنجي ٻيءَ جي خزاني ۾ ڪاهہ کوٽ ناهي. باقي اهو ساموندي گهوڙو شهزادي پاڻ وٽ جهليو ۽ پاڻ ۽ شهزادي انهيءَ تي سواري ڪندا هئا.

جڏهن سمنڊ جي ڪناري تي پهتا، تڏهن ٻئي ساموندي گهوڙا شهزادي ۽ شهزاديءَ کي سفيد ديوَ جي سموريَن سوغاتن سميت ٻئيءَ تي ڪڍي ست سمنڊ پار ڪري وڃي ٻيءَ پَر لڌاہ هو اتي پهچي، ملڪ ڏانهن روانا ٿيا، جڏهن هو ويجها پهتا، تڏهن بادشاهہ لالّوءَ کي هنن جي آمد جي خبر ملي، هن شهزادي ۽ شهزادي حسينيءَ جي آدرياڻ لاءِ گهوڙيسوارن، دهلائن ۽ شرنائين وڄائيندڙن جو پاڻ سان هڪ قافلو آندو، ۽ کين وڏي شان ۽ مرتبي سان پنهنجي بادشاهيءَ ۾ وٺي آيو، جتي هو ٻئي هڪ محلات ۾ باقي حياتيءَ جا ڏينهن عيش ۽ مزن ۾ گذارينداً رهيا.

۱۴ـ ڪوڙو ۽ چنيسر

ڪنهن زماني ۾، سنڌ ۾ راءِ ڪنگهار نالي هڪ وڏو اثر وارو راجا رهندو هو. پنهنجي دولت ۽ حشمت هوندي به، هو ساري هندستان ۾ ٻين مڙني راجائن کان زياده ڏرم پرست ۽ رعيت سان سٺو انصاف ڪندڙ هو. هن کي پٽ اولاد ڪونه هو، رڳو هڪ نياڻي هيس، جنهن کي "ڪوڙو" ڪري سڏيندا هئا. چوڪري وڏيءَ سونهن ۽ سوڀيا واري هئي. درٻار جا شاعر هن جي ڏندن کي موتين سان تشبيهه، سيني کي ڏاڙهونءَ سان، ڳچيءَ کي مور جي ڳچيءَ سان ۽ هن جي هٿ کي ڏيل جي رفتار سان مشابهت ڏيندا هئا. ٻيءَ ماءُ جي لاڏڪوڏ ۽ ٻين سڀني عزيزن جي پيار سببان هوءَ هروقت رڳو هار سينگار ۽ اوڍڻ وڳڻ ۾ مشغول هوندي هئي ۽ ڏينهن ۾ ڏهه ڏهه ڀيرا پٽي لباس بدلائيندي هئي. سارو ڏينهن عنبر پٽي مکيندي هئي، اکين ۾ سرمو وجهندي هئي ۽ قيمتي عطرن سان پٽي وهنجندي هئي. مگر انهيءَ کان ٻ. وڌيڪ سندس خاص خوشيءَ جو سبب هڪ هار هو، جنهن ۾ ٻه شب چراغ جڙيل هئا جي رات جو پنهنجيءَ ڏڏي روشنيءَ سان ساريءَ محلات کي منور ڪري ڇڏيندا هئا. ڪوڙو جو ڳڻتو سندس هڪ نوجوان مائٽ، اتماديءَ سان ٽيل هو، جنهن جي ٻيڻ جمنا سندس هميشه جي ساٿياڻي هئي.

هڪ ڏينهن جمنا، ڪوڙوءَ کي سندس آڏاڻي وٽ ويهڻ ڏنو، جو بلڪل پراڻو هو، چوڻ لڳي تہ هي آڏاڻو توکي نہ ٿو سونهين. تنهنجي ٻيءَ جهڙي ماٺهوءَ جي نياڻيءَ کي تہ سونو آڏاڻو هجي، جنهن ۾ قيمتي جواهر جڙيل هجن. ڪوڙو جي دل انهيءَ ڳالهہ تي ريلو ڪاڏو ۽ هڪدم ان جي ٺهرائڻ

لاءِ هڪ سونارو گهرايائين جو سڄي شهر ۾ بهترين ڪم ڄاڻندو هو. هن جي هدايت سان، ڏهن ڏينهن اندر انهيءَ سوناري هڪ خوبصورت آڏاڻو، سارو سون ۽ ياقوتن سان جڙيل تيار ڪيو، جو اهڙو چلڪندو هو جهڙو چنڊ. جڏهن آڏاڻو تيار ٿيو، تڏهن ڪُوروءَ پنهنجي سرتين کي دعوت ڏني ته اچي هن جي سڀ کان وڏي ڪوئيءَ ۾ سندس سوني آڏاڻي کي ڏسن. پوءِ سڀني سرتين سندس قيمتي آڏاڻي جي بي انتها تعريف ڪئي ۽ ساراهيو ۽ انهيءَ کان پوءِ پنهنجي آڏاڻن تي وهي ڪر ڪرڻ لڳيون. پر ڪُوروءَ کي سندس نئين راندڪي جي خوشيءَ برقرار ڪري رکيو هو. هوءَ رکو پٽي پنهنجي گهر جي اڳڻ ۾ خوشيءَ وچان ڪڏندي ۽ ٽپندي هئي يا ته وري سارو ڏينهن آرسيءَ ۾ پنهنجي سونهن کي ڏسيو پئي ساراهيندي هئي. ساهيڙين هن کي سندس جلولائيءَ تي پئي چيڙايو، مگر هن انهن جي ڪا پرواهه ڪانه ٿي ڪئي. آخر ڪمري ۾ نچندي، ٽپندي جمنا جي آڏاڻي کي کيرائي پڇي وڏائين. جمنا کان صبر چڏائجي ويو ۽ هڪدم ڪاوڙ مان رڙ ڪري چيائين ته: "تون منهنجي غريب ۽ اتماديءَ جي وس جي نه آهين. توکي جڳائي ته وڃي چنيسر کي مڙس ڪر."

چنيسر ديول ڪوٽ جو شهزادو هو ۽ ساري راجپوت قوم جو وڏو سردار هو. ڪُوروءَ کي جمنا جي طعني ڏنگي وڌو، سو ڪمري مان ڊوڙي، اکين مان ڪوڙها ڳاڙيندي، پنهنجي ساڻ مارڪيءَ کي وڃي جمنا جي ڪالهه ٻڌايائين ۽ چيائينس ته: "مان انهيءَ ڏائڻ جي ۽ساڻ اتماديءَ سان هرگز شادي نه ڪندیس ۽ چنيسر سان شادي ڪري ڪيس جلائيندس."

پهريائين ته راڻي مارڪي ڏيءَ کي ريجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر آخرڪار هوءَ سندس مڱڻو اتماديءَ سان ٽوڙڻ تي راضي ٿي ۽ چنيسر سان پرڻائڻ جي فڪر ۾ پئجي ويئي.

انهيءَ کان پوءِ راڻي راءِ ڪنگهار وٽ وهي ۽ هن کي رضامند ڪيائين، جنهن پنهنجي مرضيءَ سڀي خلاف اجازت ڏني ته پنهنجي ڏيءَ کي چنيسر جي ڊرهار ۾ وٺي وڃي. هن انهيءَ لاءِ آٺ ۽ ٻيا دولت جا انبار سفر لاءِ تيار ڪرائي، مارڪي ۽ ڪوڙوءَ کي پنج سؤ گهوڙيسوار سنڀال لاءِ ۽ چار-پنج هاڻيون راڻي ۽ شهزادي جي خدمت لاءِ حوالي ڪيا.

قافلو ديول ڪوٽ ڏانهن راهي ٿيو. هو جيئن راجپوتانا ڏانهن وڌندا ٿي ويا تہ شهزادي ڏٺيءَ کان دعائون گهرندي پئي هلي تہ شل چنيسر هن کي هٿ اچي. رستي تي هن قافلي کي چورن جي پاٽاريدار "سارڪ" جي جاگير مان لنگهڻو هو، جنهن پنهنجي ماڻهن هٿان هنن کي ترسڻ جو حڪم ڏنو ۽ کائڻ محصول جي طلب ڪئي. مگر جڏهن شهزاديءَ جي قاصد کان خبر پيس تہ هوءَ طاقتور چنيسر جي ڪنوار آهي تہ هڪدم ڏجي، هنن کي بنان محصول وڃڻ جي چڏي ڏنائين.

هر روز شهزادي ڪوٺاڻن کان حال احوال پچندي رهندي هئي تہ ديول ڪوٽ اڃان ڪيترو پري آهي. آخرڪار هڪ ڏينهن، هڪ ٻڪرار کيس ٻڌايو تہ باقي ٻن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. سڀئي انهيءَ خبر تي ڏاڍا سرها ٿيا ۽ ٻن ڏينهن کان پوءِ پريان هنن کي پنهنجي منزل مقصود نظر آئي.

هيءَ اڻ سڌريل شهزادي، هوند سڌو چنيسر وٽ لنگهي وڃي ها ۽ شاديءَ لاءِ چويس ها، ليڪن هن جي وڏيءَ عمر ۽ عقل واريءَ ساڻ هن کي روڪيو ۽ چيو تہ: "منهنجي ڏيءَ، توکي صبر کان ڪم وٺڻ گهرجي. اسان کي پاڻ کي گهوڙن جو واپاري ظاهر ڪرڻ گهرجي ۽ اهڙيءَ طرح اسان پنهنجو مقصد آسانيءَ سان حاصل ڪري سگهنداسين. اسان کي پنهنجا گهوڙا وڪڻڻا نہ آهن، پر اسان انهن جي بها اهڙي ڀڙي ٻڌائينداسين، جو ڪوبہ خريد ڪري نہ سگهندو."

ڏيءَ، پنهنجي ماءُ جي صلاح سان اتفاق ڪيو، ۽ پوءِ ديول ڪوٽ وٽ وڃي ديرو ڪيو ۽ پاڻ کي گهوڙن جو واپاري سڏايو. انهيءَ دم ساري ديول ڪوٽ جا ماڻهو گهوڙن کي ڏسڻ لاءِ اڇي گڏ ٿيا، پر گهري قيمت ٻڌي سڀ نااميد ٿي موٽي ويا.

هڪ ڏينهن، هڪ پوڙهي عورت، ڪوروءَ وٽ گلن جا هار وڪڻڻ لاءِ ڪٽي آئي. راجڪماري، گلن کي ڏسي اهڙي تہ راضي ٿي، جو پنهنجي ساري کهاڻي ٻڌڻ کان وٺي آخر تائين هن کي ڪري ٻڌايائين ۽ هن کي منت ڪيائين تہ کا اهڙي رٽ ڪيئي، جو چنيسر سان ملي سگهجي ۽ ساڻس اهو ٻہ وچن ڪيائين تہ جيڪڏهن سندس انڪل ڪامياب ٿي تہ پوءِ جيڪو ٻہ انعام گهرندي، سو ڪيس ڏنو ويندو. مگر ٻڌيءَ ڪنڌ ڏوڻي چيو تہ: "مان انهيءَ معاملي ۾ ڪجهہ ٻہ ڪري نہ ٿي سگهان، پر جيڪڏهن تون هن جي وزير جڪري کي چوندينءَ تہ شايد تنهنجي مقصد جي ڪاڻ کا راهہ ڪڍي وجهي. ڪوڙو، ٻڌيءَ کي پنهنجيءَ ماءُ وٽ وڃي ويئي ۽ پوءِ ٽيئي ڇٽيون گڏجي، جڪري جي گهر ويون ۽ هن کي سڄي ماجرا اول کان آخر تائين ڪري ٻڌايائون. ڪوڙو هن جي پيرن تي ڪري، ليلائي چوڻ لڳي تہ: "پلائي ڪري منهنجي مدد ڪريو." آخرڪار وزير جي دل پيئي ۽ چيائينس تہ: "دل جاءِ ڪر. مان سپاڻي راجا چنيسر کي ٽو چوان ۽ سون کي پڪ آهي تہ هو توکي پاڻ وٽ آڻيندو." ائين چئي، ٽنهي ڇٽين کي رخصت ڏنائين.

جڪرو صبح سان چنيسر وٽ ويو ۽ ڪوڙو جي اڇڻ جي ڪاهلہ ساڻس چوريائين ۽ راجا تي زور آندائين تہ هن کي پاڻ وٽ گهرائي ۽ پنهنجي اکين سان هن جي سونهن جو مشاهدو ماڻي. مگر چنيسر بيرُخيءَ سان وراڻي ڏني تہ: "توکي خبر آهي تہ منهنجي ليلان، منهنجي محلات ۾ موجود آهي، جنهن کي مان

بيحد پيار ٿو ڪريان. پوءِ اهڙيءَ حالت ۾ آءٌ ڪنهن ٻيءَ ڏاريءَ عورت سان ڪيئن ناتو رکي سگهندس؟ چگو اٿين آهي ته ڪوڙو کي واپس وڃڻ لاءِ چئو. مون کي هن جي گهرج ڪانهي."

جڪري هن ناميديءَ جو نياپو ڪوڙوءَ کي آڻي پهچايو. ڪوڙو وزير اڳيان ڪين ڪڍيو، پر پوءِ راڻي مارڪي کي چيائين ته: "اما، منهنجي جيئڻ جو باقي هڪ وسيلو وڃي رهيو آهي، هارائي گهر موٽڻ کان بهتر آهي ته آءٌ پاڻ کي هتي ئي ماري ختم ڪري ڇڏيان. مان سمجهان ٿي ته اسان کي خود ليلان وٽ وڃڻ گهرجي، هوءَ شايد مون تي قياس ڪري ۽ چنيسر سان ملڻ ۾ مدد ڪري."

راڻي ڪاٻهه ڇڏي، ماءُ ۽ ڏيءُ گڏجي ليلان جي محلات ۾ ويون، ليلان هنن کان پڇيو ته توهان ڪير آهيو ۽ ڪيئن آيون آهيو؟ ڪوڙو جواب ڏنو ته: "اسين هتي مسافر آهيون، اسان جو ٻڌسو پنجڙ سڀ کي ويو آهي، ڏٺي توکي قياس ۽ وڏو مرتبو بخشيو آهي، سو اسان کي پلائي ڪري پنهنجي گهر جي ڪر تي رک. منهنجي ماءُ کي ڪهه ڪٽ اهڙي ايندي آهي جهڙو پٽ، ۽ مون کي جيڪو به ڪم ڏيندين، مان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان."

ليلان کي هنن ٻنهي مسافر عورتن تي قياس آيو ۽ ڪانڌن نالا پڇي، پنهنجون نوڪرياٽيون ڪري رکيائين. ڪوڙوءَ کي روزانو چنيسر جي هنڊ پکيڙڻ جو ڪم ڏسيائين، ۽ مارڪيءَ کي حڪم ڪيائين ته مڙس لاءِ لنگي آڻي تيار ڪري.

هڪ ڏينهن ڪوڙو جي اکين مان ڪوڙها ڪڙي، سندس ڳلن تي وڃي پيا. هن دل ئي دل ۾ ويچار ڪيو ته ڪيترا ڏينهن گذري ويا آهن، پر چنيسر سان ملڻ جي اميد نظر نٿي اچي. ليلان هن کي اهڙي حال ۾ ڏسي ڪانڌس پڇيو ته: "ڇوٽي روئين؟" ڪوڙوءَ جواب ڏنو ته: "راڻي! مان روڳان

ڪانه ٿي، مگر بتيءَ جو دونهون اکين ۾ آيو آهي، تنهنڪري پاڻي نڪتو آهي، پنهنجي گهر ۾ اسين بتي ڪونه ٻاريندا هئاسون، بلڪ شب چراغ، جيڪي منهنجي هار ۾ جڙيل آهن، اهي سڄي گهر کي هيڻان کان مٿي تائين روشن ڪري چڏيندا هئا.“ ليلان انهيءَ تي ڪلي چيو تہ مون کي هار ڏيکار تہ پوءِ توتي ويساهه ڪيون. ڪوڙو هڪدم وٹي ۽ وڃي پيتيءَ مان هار ڪڍي آئي، ۽ هي شب چراغن جي ٽڏي سائي چمڪ سڄيءَ محلات کي روشن ڪري چڏيو، ۽ انهن ليلان جي دل تي موتمار زهر جو ڪم ڪيو. ”گهٽ جيڪي توکي ڪهي.“ انهيءَ متوالي ليلان واکو ڪري چيو: ”گهٽ جيڪي توکي وٹي، پر مون کي اهو عجيب هار ڏي.“ ڪوڙو چيس تہ مون کي پٽسو ڪونہ ڪهي، رکو مون کي هڪ رات پنهنجي مڙس جنيسر سان گذارڻ ڏي. ليلان، جنهن کي هار جي موهہ انڌو ڪري چڏيو هو، هڪدم راضي ٿي چيائينس تہ تون پنهنجي گهر وڃ ۽ مان هن کي شام جو توڙ وٹي ايندس.“

ڪوڙو گهر ويئي ۽ هڪدم قيمتي غاليچا فرش تي پکيڑيائين ۽ جيترو بہ ٿي سگهيس، جنيسر جي آدرياءَ لاءِ پنهنجي غريباڻي اجهي کي سينگاريائين، جنهن ۾ پاڻ ۽ راڻي مارکي ٿي رهيون.

انهيءَ شام جو راجا پنهنجي دوستن ۽ درٻارين جي محفل ۾ خوب شراب نوشي ڪئي هئي، ۽ ايستائين عيش ۽ مست رهيو، جيستائين هن جو دماغ شراب جي نشي ۽ ٽمٽار ٿي ويو. جڏهن ليلان جي محلات ڏانهن موٽڻ جي ڪيائين تہ گهوڙي تي مس ويهي ٿي سگهيو. ڪاڏي دير کان پوءِ محلات ۾ پهتو ۽ ليلان هن کي ڪيڪارڻ لاءِ ٻاهر نڪري آئي ۽ راجا کي اهڙي حالت ۾ ڏسي بيحد خوش ٿي، انهيءَ خيال کان تہ هاڻي جيڪي ٻ هن کي چونديس، سو ضرور قبول ڪندو. پوءِ هن کي ويجهو وڃي، ليلائي چيائينس تہ ”منهنجا سرتاج

منهنجي نوڪرياڻي ڪوڙو توهان جي محبت ۾ ماندي آهي، سو ڪرم ڪري هن جي گهر وڃو ۽ فقط اڇو ڪي رات هن ڪي وڃي خوش ڪريو. چنيسر جيتوڻيڪ نشي ۾ هو، تڏهن به ڳالهه پڌڻ سان هڪدم انڪار ڪيائين، پر پوءِ جيئن مٿس مدهوشي وڌندي ٽي ويئي ۽ هو وڏليو پئي، تڏهن ليلان جي ٻانهيءَ گهوڙي جو لغام هٿ ۾ ڪري، گهوڙي ڪي واڪ ڪان وڌي ڪوڙو جي در تي وڃي پهتي. چنيسر بلڪل بي خبر هو تہ ٻانهي ساڻس چا پئي ڪري. ڪوڙو هڪدم راجا ڪي ڪيڪاري، هٿ هٿ ۾ ڏيئي، پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ وڃي ويئي، جتي برهمڻ تڙتڪڙ ۾ هنن جي ويڊي پڙهي ورتي. تنهن ڪان پوءِ، هوءَ چنيسر ڪي هنج ۾ ڪري چوڻ لڳي تہ آءٌ توسان ڪيڏو نہ پيار ٿي ڪريان. مگر چنيسر شراب جي نشي جي ڪري پاڻ ڪي پلنگ تي ڪٽي اڇليو ۽ ديوار ڏي منهن ڪري، الوٽ ننڊ ۾ سمهي پيو. ڪوڙو ڪلاڪ ڪن جتن ڪيا تہ جيئن ڪيس سجاڳ ڪري، مگر آخرڪار ناڪاميد ٿي ماڻ جي ڪمري ۾ ويئي ۽ اوچنڪارن ۾ اچي چڪي. چي، "امان، مان چا ڪريان؟ چنيسر مون ڏانهن نڪي نهاري ٿو، نڪي وري ڳالهائي ٿو. مون ڏانهن پٺ ورائي چڏي اٿس ۽ منهنجي هزار مٽن هٽن جي، هو جاڳي ٿي نٿو." ماڻس جواب ڏنس تہ: "توکي ضرور جاڳائڻ گهرجي، چاڪاڻ تہ هن ڪي ليلان ڪان هار جي عيوض خريد ڪيو اٿيئي."

انهيءَ مهل جيئن ڪوڙو ڪمرو چڏي ٻاهر نڪتي تہ چنيسر جاڳي پيو ۽ ڪوڙو ۽ ماڻس جي گفتگو ٻڌي ورتي. سمجهيائين تہ ليلان مون ڪي هار جي عيوض ڪوڙوءَ ڪي وڪٽي ڏنو آهي. انهيءَ ڳالهه ڪي ويچاريندي، هن جي سيني مان غيرت جي باهه پڙڪي آئي. هڪدم ڪوڙو ڪي سڏايائين ۽ ڪانئس سچي حقيقت معلوم ڪري، پڪو پهه ڪيائين تہ ڪوڙو ڪي ليلان جي عيوض پنهنجي راڻي ڪندس.

ٻئي ڏينهن هڪ عاليشان دعوت، پنهنجي نئين ڪنوار جي اعزاز ۾ ڏنائين. اهو سڄو ڏينهن ليلان، راجا لاءِ واجهايو، مگر بي سود. آخرڪار ٻانهيءَ کي سڏڻ لاءِ موڪليائين، پر راجا ٻانهيءَ کي چيو ته وڃي پنهنجي سائڻ کي چئو ته: "مان هاڻي تنهنجو پتار نہ آهيان، ۽ هاڻي اِهو هار سندس ڳوٽ آهي، جنهن تي مون کي وڪيو آهي."

جڏهن ليلان کي اهو نياپو مليو، تڏهن هڪدم وڻي محلات ڏانهن ڊوڙي. مگر دربان کي حڪم مليل هو ته ليلان کي ڪنهن به صورت ۾ اندر گهڙڻ نہ ڏئي. انهيءَ ڪري در تان ناميد ٿي هلي وئي ۽ پوءِ هڪ دريءَ مان، جيڪا راجا جي خاص ڪمري ۾ هئي، ليو پائي ڏنائين. ڇا ڏسي ته چنيسر ۽ ڪوڙو ٻاڻ ۾ عشق بازي پيا ڪن ۽ انهيءَ منظر هن کي ايترو ته گهائي وڌو جو آخر هوءَ بيهوش ٿي وئي ۽ جڏهن هوش ۾ آئي، ته ٻاڻ کي ڪٻائي گهر ڏي آئي ۽ پوءِ سٽي ۾ ڏوڙ وسائيندي، سينو ٻيندي، سڏڪا پريندي، روڄ راڙو شروع ڪري ڏنائين. پاڙي جون سموريون زالون ڊوڙي وٽس آيون، مگر جڏهن هنن ڏٺو ته هن پنهنجي مڙس کي هار تي وڪيو آهي، تڏهن سڀني مٿس ملامت ۽ ٺٺولي ڪئي ۽ گهر مان ڪري ٻاهر هليون ويون.

آخرڪار ليلان نراس ٿي وري موٽي محلات ڏي وئي ۽ زبردستي دربان وٽان ڏوڪيندي، وڃي ڪوٺ وٽ پهتي ۽ هن کي گهٽ وڌ ڪالهايائين ۽ دغابازيءَ جا طعنا ڏنائين. مگر ڪوٺ ڏڪار سان فقط ايترو چيس ته، توکي پنهنجي پتيءَ سان محبت هجي ها ته هن کي هرگز ڪين وڪڻين ها. هاڻي چو نہ ٿي هار پائي انهيءَ سان ٻاڻ کي وندرائين ۽ خوش رکين! آخر ليلان کي چيائين ته هڪدم ديول ڪوٽ مان نڪري وڃ، ورنہ توتي هڪ آفت اچي ڪڙڪندي.

آخر بدنصيب ليلان، چنيسر کي ليلائي التجا ڪئي ته مون کي پنهنجي گهر ڏانهن موڪليو ته جيئن منهنجي ماڻ، منهنجي دل کي پريائي سکهي. چنيسر هن کي وڃڻ جي راضي ٿيو، جيتوڻيڪ ساڻس آٿ تي سواري ڪيائون، مگر چنيسر هن سان هڪ اکر به نه ڳالهايو. رستي تي هرڻن جو ڏڻ ڏسائون، جتي چنيسر آٿ کي جهڪايو ۽ هرڻ جو شڪار ڪيائين، پوءِ باهر تي هڪ هرڻ کي پچرايائين. ليلان کي اميد هئي ته هميشه وانگر کيس به پڪل گوشت جو حصو ملندو، مگر چنيسر سمورو گوشت پنهنجي نوڪرن ۽ ٻين ماڻهن ۾ ورهائي، پنهنجو حصو پاڻمراد و کائي ڇڏيو ۽ راڻيءَ کي ڪي به ڪين ڏنائين. ان کان پوءِ، آٿ تي سوار ٿي، ليلان جي گهر جو رخ رکيائون. ليلان جي ٻيڪاڻي گهر کان ٿوري پنڌ تي، چنيسر کيس آٿ تان لاهي، پنهنجي آٿ جو رخ ڦيرائي، پنهنجي ماڻهن ۽ نوڪرن سان نهايت تيز رفتار سان پنهنجي شهر پهتو.

ليلان کي اميد هئي ته چنيسر هن وٽ موڻي ايندو، مگر سالن جا سال گذري ويا ته هن جو پتو ئي ڪونه ٻيو. آخر چنيسر کي ڏسڻ جي اميد لاهي ويٺي.

هڪ ڏينهن، بادشاهه جي وزير جڪري جو مڱڻو ليلان سڃي ڪنهن ميڙاڪيءَ سان ٿيو ۽ هو شاديءَ لاءِ هن جي گهوٽ ۾ آيو. ليلان جي ماڻ کي جو خبر پئي، سو پنهنجي ڪٽنب جي گهر ويئي ۽ ڪين هانهن ڏيئ کان روڪيائين ۽ جڪري کي چيائين ته: "منهنجي گهوٽ جي ڪابه نياڻي، ديول وارن سان ڪانه پرڻبي، چاڪاڻ ته آن جو به اهڙو حال ٿيندو، جهڙو چنيسر ليلان جو ڪيو آهي. جڪرو نراسائيءَ ۾ ليلان وٽ ويو. آخر ليلان کي هن تي رحم آيو ۽ چيائينس ته: "منهنجي محب کي پنهنجي وهاڻءَ تي ولي اچ، ته هوءَ توکي سڳ ڏيئ کان انڪار ڪين ڪبو. جڪرو تيز رفتار سان ديول ڪوٽ موڻي ويو ۽

راجا کي هٿ ٻڌي عرض ڪيائين تہ: "مون سان گڏجي شاديءَ تي هلو." وڏيڪ عرض ڪيائين تہ: "منهنجا سائين! مون ساري عمر توهان جي خدمت ڪئي آهي، مون سان هي وَڙُ ڪريو، ورنہ هو مون کي پنهنجي منگيندي سان شادي ڪرڻ ڪونہ ڏيندا."

چنيسر پهريائين تہ انڪار ڪيو، مگر آخرڪار مڃيائين ۽ هڪ بهادر ٻوراڻن جو هٿيار بند جٿو، شرڻائيون ۽ ڏهلائي ساڻ ڪري، جڪري سان گڏجي ليلان جي ڳوٺ ويو. جيئن ڳوٺ جي ويجهو پهتو، تہ ليلان شهر جي جوان سرتين سميت بانقاب چنيسر کي ڪيڪارڻ لاءِ اڪٻتي وڏي. هن جي دل چاهيو پئي تہ پاڻ کي چنيسر جي قدمن تي اڇلي، ليڪن خيال ٿيس تہ متان هو ڪانئس ٿهي وڃي ۽ سڀ مٽائنس ڪلن، تنهنڪري اڪٻتي وڏي عرض ڪيائين تہ: "سرجها! منهنجا بادشاهہ سائين! اسان کي اميد آهي تہ اسان جي هن غريب شهر مان، توهان کا چوڪري پسند ڪندا، پر اوهان جنهن کي پسند ڪريو، اُنهيءَ سان پلائي ڪري، مسڪين ليلان جهڙو برتاءُ نہ ڪجو." اهي لفظ هن ايڏي تہ ناز نخري سان چيا ۽ ڪليو، جو چنيسر جي دل موهجي پئي ۽ سڀاڻ کان سواءِ ئي جواب ڏنائين تہ: "مان خوشيءَ سان توکي قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، جيڪڏهن تون مون سان هلين. پر ان کان اڳ، تـون پلائي ڪري، پنهنجو نقاب لاهہ تہ مان تنهنجي سهڻي شڪل ڏسان. مون کي پڪ آهي تہ تنهنجي صورت، تنهنجي آواز کان وڌيڪ مٺي ۽ حسين هوندي." ليلان ان تي نقاب ڀري ڪري، چوڻ لڳي تہ: "منهنجا بادشاهہ سائين! ڏسو، مان خود ليلان آهيان، جنهن کي اوهان ڪوڙوءَ خاطر پاڻ کان ڏکي ٽوڪاري ڇڏيو. منهنجا سرتاج، مون کي قبول ڪر، مان اوهانَ سان هلڻ لاءِ تيار آهيان."

ليلان آهي لفظ چئي ختم ٿي ڪين ڪيا تہ ڪيس ڏندن پڄي ويا ۽ هوءَ منهن پٽر وڃي ڪيري ۽ آتي ٿي ساهہ ڏنائين. ليلان پنهنجي محبوب کي- جنهن جي ملڻ لاءَ هوءَ ايترو ماندي هئي- ملڻ سان جيڪا خوشي ٿيس، تنهن جو تاڻ سندس نرمل ۽ دڪن جو ستايل جسم سهي ڪين سگهيو. چنيسر هي منظر ڏسي دل شڪستو ٿي ٻيو ۽ نهايت ئي عاجزيءَ مان هٿ ٻڌي دعا گهريائين تہ: "اي مالڪ مهربان! تون مون کي ٻہ پاڻ ڏانهن ڪوٺ، چاکاڻ تہ مان هاڻ ليلان کان سواءِ، هڪ دم ٻہ جيئي نٿو سگهان." هن جي ڏٺيءَ در اها ارداس قبول ٿي ۽ انهيءَ ئي گهڙيءَ، اتي جو اتي بادشاهہ پاڻ ٻہ هوش حواس وڃائي، بيهوش ٿي، ليلان جي لاش مٿان وڃي ڪيريو.

جڪري وزير هيءَ حال ڏسي، هڪدم ڏاگهہ تيار ڪرايو ۽ هنن ٻنهي محبت جي متوالن جا لاش، باهہ جي پنيت ۾ جلي ڪامي ناس ٿي ويا. ڪوڙوءَ جيتوڻيڪ حياتيءَ ۾ پنهنجي من جي مراد ماڻي، مگر ليلان، محبت جي آخري امتحان ۾، پنهنجو پاڻ سچو ثابت ڪري، پنهنجي محبوب چنيسر سان، هميشہ لاءَ ملي، هڪ ٿي ويئي.